
چيڪلو
ناول
ڪرشن چندر
سنڌيڪار: بيدل مسرور بدوي

# چيڪلو

**ڪرشن چندر جي ناول ڪارنيوال جو سنڌي ترجمو**

سنڌيڪار:
بيدل مسرور بدوي

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ جا سڄڻو سلام

سنڌ سلامت پاران سنڌي ڪتابن لاءِ آنلائين **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلو شروع ڪيو آهي. ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (120) **”چيڪلو“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب  ناميارِي ناول نگار ڪرشن چندر جي ناول ڪارنيوال جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو سنڌيڪار بيدل مسرور صاحب آهي.

اسان ٿورائتا آهيون سائين بيدل مسرور صاحب جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو  منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# سنڌيڪار پاران:

ڪرشن چندر جي هن ناول ۾ آنن ۽ رپين جو ذڪر پڙهندي احساس ٿئي ٿو ته هي ناول ان زماني جو لکيل آهي، جڏهن هڪ پئسي جي قيمت اڄ جي هڪ سئو رپين ڪان وڌيڪ هوندي هئي، شايد 1960ع جي شروع ۾ جنهن ڪي پڙهندي اڄ ڪان سٺ سال اڳ واري زماني جو ماحول سامهون اچي ٿو بيهي ۽ سنڌس ڪهاڻيءَ جي پروگريشن، واقعا نگاريءَ يا ڪردار نگاريءَ تي وڏي دسترس جو مثال، سنڌس ابتدائي دور جي هن ”ڪارنيوال“ ناول ڪي پڙهڻ مان به ائين ئي ملي ٿو، جيئن بعد وارن ناولن ۾ ڪرشن چندر پنهنجي سوچ ۽ فڪر، ڪي پنهنجي خاص اسلوب، ٻوليءَ، منظرنگاري، زمان، مڪان، رهڻي ڪرڻي، واقعن يا وارداتن، ۽ ڪردار نگاريءَ ذريعي، پنهنجي پڙهندڙ ڪي گڏ وني هلڻ جو پورو بندوبست رکيو آهي. ڪرشن چندر هن ناول ۾ مرڪزي ڪردارن لالي“ (ڪارنيوال ۾ هوڪو ڏئي ماڻهن کي گڏ ڪندڙ) ۽ بجليءَ واري چيڪلي تي چڙهڻ جي شوق ۾ ايندڙ ٻن ننڍين نيٽين ڪرسچين ڇوڪرين ”رسنا“ ۽ ”شويا“ جي نجي ۽ گهريلو زندگيءَ تي فوڪس ڪري، انساني جذبن جي نهايت سٺي اپٽار ڪئي آهي ۽ خاص طور ناول جي مکيه ڪردار (لاليءَ) جي نفسيات سان ڪرشن چندر نهايت ڀلي نموني نڀايو آهي.

ڪرشن چندر جي هن ناول ۾ آيل سيئي ڪردار سٺ سال پراڻا هوندي به اڄ جي پڙهندڙن جا ڏٺل وائٺل لڳن ٿا، ۽ جيڪا اهم ڳالهه هن ناول ۾ آهي، اها هيءَ آهي ته هن ناول ۾ ڪو وڏو فلسفو بيان ڪيل نه آهي پر هڪ عام زندگيءَ ڪي بلڪل عام انداز سان پيش ڪيو ويو، آهي، ها البت هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪرشن چندر ڪٿي ڪٿي پنهنجي فڪر ۽ فلسفي ڪي ظاهر ڪري پنهنجي اديب واري ذميداري به نڀائي آهي، مثال طور هڪ جاءِ تي شويا جي پاران پنهنجي سوچ ڪي هن انداز سان لکيو اٿس:

”ماڻهن جي اڌ زندگي پنهنجو پاڻ ڪي صحيح ۽ ٻين ڪي غلط ثابت ڪرڻ ۾ گذري ويندي آهي، ان جي ابتڙ اسان سيئي ماڻهو.... سڀ نه به ته... ٻه ئي سهي... پاڻ ۾ ملي، جيون جون غلطيون اڌ اڌ ڪري پاڻ ۾ ورهائي ونون، هڪ ٻئي تي الزام لڳائڻ

ڪانسواءِ...! اسان جڏهن سک ورهائي سگهندا آهيون، ڏک ورهائي سگهندا آهيون ته الزام به ورهائي ونجن ته جيڪر زندگي ڪيتري نه خوش حال ٿي پوي.“

ان خوشحال زندگيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو ”جوڪر“ نه ڪٽندڙ ڪرشن چندر جو مرڪزي نر ڪردار ”لالي“ پاڻ صحيح ۽ ٻين کي غلط ثابت ڪرڻ ۾ رڌل رهي ٿو، ۽ مزي جي ڳالهه اها آهي ته ناول جي پڄاڻيءَ وقت زندگيءَ کي اجايو اجايو گذاري ڇڏڻ جو افسوس نه رڳو ”لاليءَ“ جهڙي ڪردار متعلق پيدا ٿئي ٿو پر خود پڙهندڙ تي به: پاڻ کي صحيح ۽ ٻين کي غلط ثابت ڪرڻ ۾ گذاريل اڌ زندگيءَ تي به ٿئي ٿو. افسوس جي اها ڪيفيت وقت جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ ڪيڏي نه ڏکوئيندڙ ٿي ٿئي، اها ڪيفيت ڪرشن چندر تمام شدت سان محسوس ڪرائي آهي.

ڪرشن چندر جي هن ناول جو ترجمو مون لڳ ڀڳ هڪ ٿي ساهيءَ ۾ ڪيو آهي، ۽ مون کي منهنجي مطالعي ايتري رهنمائي ڪئي آهي جو هن ناول کي اردو مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندي، مدد لاءِ هڪ ڀيرو به ڊڪشنري استعمال نه ڪئي آهي، سواءِ اردو لفظن ”دائين ۽ بائين“ يعني ”ساڄي ۽ کاٻي“ جي، ڇاڪاڻ ته ”مارڪسي فلسفي“ پڙهڻ جي ڪري مون کي اڄ تائين اهي ٻئي لفظ مونجهائيندا رهيا آهن ته بائين کاٻو ٿيندو يا دائين کاٻو ٿيندو، ان ڪري اهي ٻئي اکر لکي مون پنهنجي سامهون رکيل ڪمپيوٽر سليٽ تي اٽڪائي ڇڏيا آهن ته آئيندي ڪنهن ڀولي (غلطيءَ) کان بچندو رهان.

بهرحال! مان سمجهان ٿو ته مون هي ترجمو ايترو سٺو ڪيو آهي جو منهنجي هن ترجمي سان ڪرشن چندر جي روح کي ڏاڍي خوشي ٿيندي، ۽ مون کي اميد آهي ته ڪرشن چندر جي هن ناول ”ڪارنيوال“ (چيڪلو) جو سنڌي زبان ۾ ترجمو پڙهندڙ کي به ضرور پسند ايندو.

**بيدل مسرور بدوي**

**20، جنوري 2013ع**

ڪراچي، سنڌ

# ناول

# چيڪلو

# (1)

اصل ۾ هن جو نالو ”شويا“ نہ هو، روزي هو. پرجيئن تہ هوءَ مسٽر بوس جي گهر تي رڌپچاءَ جو ڪم ڪندي هئي، ان ڪري هن پنهنجو نالو شويا رکي ڇڏيو هو. اڄڪلهہ ائين ئي ڪرڻو ٿو پوي، هندن جي گهر تي ڪم ڪريو تہ واڻڪو نالو رکڻو ٿو پوي، مسلمانن وٽ مسلمانڪو تہ عيسائين وٽ عيسائين وارو نالو رکڻو ٿو پوي، اڄڪلهہ دنيا اهڙي ٿيندي ٿي وڃي، جو اصل نالو رکڻ وڏا ماڻهو ئي رکي سگهن ٿا. وڏن وڏن شهرن ۾ غريب پورهيت پنهنجي کيسي ۾ پنج ڇهہ نالا ضرور رکندا آهن، جن کي هو حال آهر استعمال ڪندا آهن، نہ تہ روٽي ڪمائڻ مشڪل آهي.

هن جو چهرو بہ ٿورو هندواڻو هو ۽ هوءَ پنهنجي ماءُ جيان سدائين ساڙهي پائيندي هئي. اکيون جهڪائي ڳالهائيندي هئي، ڪافي لڄ شرم سان رهندي هئي. هونئن ڏسڻ ۾ ڪا وڌيڪ سهڻي بہ ڪانہ هئي، ڏبري، سانوري پر سندس اکين ۾ ڪا ڳالهہ ضرور هئي، جو ڏسڻ وارن کي هن ڏانهن ٻيهر ڏسڻ تي مجبور ڪندي هئي، ۽ ٻيهر ڏسڻ تي وري پهرين کان بہ وڌيڪ سٺي لڳندي هئي. هن جا اداس چپ هر وقت سڏڪا ڀريندي محسوس ٿيندا هئا ۽ اکيون ترس کائڻ تي مجبور ڪنديون هيون. هن کي ڏسندي دل چوندي هئي تہ جيڪر هڪ اڌ هٽي ونجيس، ۽ پوءِ ٻچڪر ڏئي پيار ڪري ونجيس. هوءَ پنهنجي ماءُ ”صوفيہ مندرال“ سان ٻارهن سالن جي هئي جو ڳڏ بمبئيءَ آئي هئي. منگلور جي ڪنهن ڏورانهين مسيحي وستيءَ کان، جتي ٽن سالن کان ڏڪر پئي پيو، ڏاڍي غربت هئي ۽ مائٽن ۾ بہ مهر ڪانہ هئي، پيءُ بہ سندس ٻالجتيءَ ۾ ئي مري ويو هو. هن جي ماءُ پهرين بورچياڻي هئي ۽ ٻهارا بہ ناهيندي هئي. هاڻي هن جي ماءُ مري وئي هئي، ۽ هاڻي هوءَ پاڻ بورچياڻي هئي.

ماڻس رڌپچاءَ جي ڪمن ۾ ڪيس اهڙو ماهر ڪري ڇڏيو هو جو هوءَ هاڻي هر قسم جا کاڌا پچائي سگهندي هئي. ۽ پنهنجي سٺي سلوڪ سبب جتي ويندي هئي، پنهنجي مالڪن جي دل لٽي ويندي هئي. پر ان سان ڇا ٿو ٿئي! هڪ سٺي بورچيءَ کي عام گهرن ۾ ستر رپين کان وڌيڪ پگهار نہ ملندي آهي. بس سٺ ۽ ستر جي وچ ۾ ئي ڪيس ڪم ملندو هو. ظاهر آهي، اها رقم تمام گهٽ هئي.

پنهنجي ٺي گهر ۾ هوءَ ڇهن درجن تائين پڙهي هئي، البت سندس پيءُ جيئرو هجي ها ته شايد ميٽرڪ تائين پڙهي وڃي ها، ۽ ممڪن هو ته ڪيس ڪو سٺو مڙسالو به ملي وڃي ها. هاڻي ته خير هوءَ اهڙين ڳالهين متعلق گهٽ سوچيندي هئي، پر جيڪو ڪجهه سوچيندي هئي، ان ۾ سڀ کان وڏو مسئلو اهو هو ته هن جو دماغ ڪجهه هڪ سوچيندو هو ته سندس بدن ڪجهه ٻيو سوچيندو هو، جوانيءَ ۾ گهڻو ڪري ائين ٿي ٿيندو آهي.

هن کي مهيني ۾ چار پيرا اڌ ڏينهن جي موڪل ملندي هئي، ۽ هوءَ ان موڪل جي دوران سدائين پنهنجي ساهيڙي "رسنا" کي، جا هن وانگر منگلور جي ڪنهن ٻئي ڳوٺ منجهان آئي هئي، ساڻ ڪري ڪنهن سينيما ۾ گهڙي ويندي هئي. رسنا ڪٽڪ رنگي، قد جي ڊيندي، متاري پر تکڙي چوڪري هئي، هن کي بمبئيءَ آئي هڪ سال به نه گذريو هو ان ڪري هوءَ اڃان تائين ڳنوارڻ، وات ڦاٽوڙي، جٺي ۽ ڪجهه ڪجهه بيوقوف به هئي، شهري رنگ ڍنگ اڃان هن کي ڪونه ٿي آيا، پر لڳو ٿي ته اچي ويندس، بمبئيءَ جو شهر گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيندو آهي.

پر جڏهن کان "ماهم ڪريڪ" تي سمنڊ ڪناري ڪارنيوال لڳو هو، شويا سينيما وڃڻ ڇڏي ڏنو هو، ۽ شويا سان گڏ رسنا به... ڪارڻ "لالي" هو، ۽ اهو به سچ هو ته رڳو شويا ۽ رسنا ٺي نه پر باندري، کار، سانتاڪروز، ماهم ۽ اوري پري جو ڪيترين ٺي ڪرسچين چوڪريون، آيائون، نرسون ۽ ٽائيپسٽ چوڪريون هن تي فدا هيون.

عورتن کي سنڀالڻ لالي کي ڏاڍو ايندو هو، سندس نراڙ تي عجب جا نشان سدائين رهندا هئا، سندس مرڪ به موهيندڙ هئي، جنهن تي عورتن به دليون به لٽائي ويهنديون هيون، وري ڪپڙا به سٺا پائيندو هو، جيڪي هن جي ڊگهي قد تي اڃان به سهڻا پيا لڳندا هئا. هن جو جسم پريل ۽ طاقتور هو، خاڪي رنگ جا چمڪندڙ جوتا، جن تي هلڪي خاڪي رنگ جي پينٽ، مٿان وري گهري ڳاڙهي رنگ جي جرسي پائي، ڊگهي اسٽول تي ويهي، ڪارنيوال جي ٻاهران، مسز هوشنگ ٻائيءَ جي بوٿ (دڪان) جي اڳيان، جڏهن هوڪو ڏئي، بجليءَ جي چيڪلي تي چڙهڻ جو شوق ڏيارڻ لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪندو هو ته سندس دلچسپ لطيفن ۽ جملي بازي ٻڌڻ لاءِ ماڻهن جا ميڙ لڳي ويندا هئا، جن ۾ گهڻو تعداد چوڪرين جو ٺي هوندو هو. ۽ ان کان به وڌيڪ هيٺين طبقي جون چوڪريون.... اڪثر انهن چوڪرين سان گڏ ايندڙ عاشق، يائر يا سندن مڙس، لاليءَ کي ڏسي گهٽي ياڳي بيزاريءَ جو اظهار ڪندا هئا، پر چوڪريون انهن جي ٿوري به پرواه نه ڪنديون هيون، ۽ پرواه ته لاليءَ کي به نه هئي. هن جو مضبوط ۽ دنبو جسم ڏسي ساڻس وڙهڻ جي به

ڪنهن کي همت ڪانہ ٿيندي هئي، ۽ لالي بہ حالتون ڏسي پوءِ ڪنهن ۾ هٿ وجهندو هو. ڪڏهن ڪلي پوندو، ڪڏهن وڏائيءَ کان منهن ڦيري ڇڏيندو، ڪڏهن اسٽول تان لهي پاڻ ئي چوڪرين جي هٿن مان رپيا وٺي مسز هوشنگ بائيءَ جي بُوٿ تان ٽڪيٽ خريد ڪري گراهڪن کي ڏيندو هو، ڪنهن هڪ سان مذاق ڪندو تہ ٻئي سان سنجيدگيءَ وچان نمستي، ۽ ٽئين سان وري آداب عرض. ڪنهن سجاڻ واري کي اک پڳائين تہ ڪنهن گهبرايل چوڪريءَ جي پنيءَ تي شفقت وچان ٿپڪي ڏئي، نهايت نرميءَ سان دروازو ٽپائي اندر ڌڪي ڇڏيندو هو، هڪ اهڙي موهيندڙ مرڪ ۽ هٿ جي چهاءَ سان ... جو سندس مرداڻو چهاءَ جيڪر ڪيترين ئي چوڪرين کان، وڏي جمار تائين نہ وسري سگهي، ايتري قدر جو مسٽر جهمبولا يا جسونت سنگهہ يا مراري بابوءَ جي رنڍڻن ۾ ... باسڻ ڏوئيندي بہ اڪثر انهن چوڪريءَ کي، لالي جي اها موهيندڙ مرڪ سدائين پئي هيانءَ تي هُرندي هوندي.

هو بمبئي واسي نہ لڳندو هو، ’ستارن جي پويان ڪنهن دنيا مان آيو هوندو. اربيلي جوانيءَ ۾ سرشار ...‘ رومانوي خوابن ۾ گرفتار ... ڪيترين ئي نوڪري ڪندڙ چوڪريون، هن لاءِ هميشہ ائين ئي سوچينديون هيون.

شوپا بہ ائين سوچيندي هئي، پر فرق اهو هو تہ ٻين چوڪرين جيان اڄ تائين هن جي اها همت ڪانہ ٿي هئي تہ لاليءَ سان اکيون ملائي ڳالهائي سگهي، يا ٻين چوڪرين وانگر ان تي ڪو چنچل جملو هٽي وٺي، ۽ وري موٽ ۾ هن جي ٻٽي معنيٰ واري جملي ٻڌڻ لاءِ تيار رهي. لاليءَ کي پنهنجي ويجهو ڏسي، شوپا اجان بہ پاڻ سوڙهو ڪري وٺندي هئي، سندس مُک تي لڄ جون لهرون ڊوڙڻ لڳنديون، اکيون ٻوٽجڻ لڳنديون هيس ۽ ساهہ کڻڻ بہ مشڪل ٿي پوندو هوس ۽ دل ايتري زور سان ڌڙڪندي هئس جو ان جو آواز ناممڪن آهي تہ لاليءَ جي ڪنن تي نہ پهچندو هجي. هوءَ پنهنجي دل جي دَهِڪَي تي سدائين پريشان ٿيندي هئي. جنهن ڏينهن لاليءَ کيس ٽڪيٽ ڏيندي، رسنا سان گڏ پيڙ ۾ سندس چيلهہ وٽ هٿ هٽي، کيس اندر ڌڪي ڇڏيو هو، اها پياري حرڪت تہ شوپا ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهي، هوءَ چاهي پئي تہ: ’جيڪر ڪارنيوال مان ٻاهر نڪري وڃي تہ جيئن لالي وري کيس ڌڪو ڏئي گيٽ جي اندر موڪلي وٺي، پر اهو ممڪن نہ هو، دنيا ڇا چوندي.‘

مسز هوشنگ بائي، لاليءَ جي مقبوليت جو پورو پورو فائدو، پنهنجي بوٿ تي ٽڪيٽ وڪڻڻ لاءِ وٺندي هئي، وري لاليءَ تي ڪڙي نظر بہ رکندي آهي، ۽ ڪنهن خاص

چوڪريءَ سان ملڻ جلڻ کي پسند ئي نہ ڪندي آهي، پر لالي بہ ڏاڍو مغرور هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس مزاج ۾ بيزاري بہ هوندي هئي، حالانڪ بارڪر (گراهڪن کي واڪا ڪري سڏيندڙ) کي پنهنجي بيزاريءَ جي اظهار جي اجازت ڪانہ آهي، چاڪاڻ تہ بارڪر جو ڪم ٻاهر بيهي پنهنجي پنهنجي بوٿ لاءِ ماڻهن کي ڪنو ڪري، انهن کي ٽڪيٽ خريدڻ جي ترغيب ڏيڻ هوندو آهي، پر لالي هوڪو اهڙي تہ ڊار سان ڏيندو هو جو ماڻهو بہ تمام جلدي ڪنا ٿي ويندا هئا، ۽ ايترا تہ وڻندڙ لطيفا ٻڌائيندو هو، ايترين تہ ٽڪيٽون وڪڻائيندو هو، جو چئي ڪٽي چپ ڪر... وري چوڪرين ۾ بہ ايترو مشهور هو جو سندس مغروري، ڏنگ سان ڳالهائڻ يا سندس مزاج جي بيزاري بہ وڏيءَ دل سان برداشت ڪئي ويندي هئي، ۽ اها آزادي ڪنهن ٻئي، ماڻهن جي ميڙ گڏ ڪندڙ کي حاصل نہ هئي، حالانڪ ڪارنيوال ۾ مختلف تماشن تي مقرر هڪ درجن ڪان وڌيڪ بارڪر موجود هئا، جيڪي پنهنجي پنهنجي بوٿ لاءِ رات ڏينهن پيا رڙندا هئا، پر جيڪا مقبوليت لاليءَ کي حاصل هئي، اها ڪنهن ٻئي هوڪي ڏيڻ واري جي نصيب ۾ ڪانہ هئي.

## (2)

لاليءَ جي نظرن ۾ شويا جي ڪا حيثيت نہ هئي، شروع ۾ ٽي چار ڀيرا تہ شويا ڏانهن هن جو خيال نہ بہ ويو هو، پر پوءِ شويا جي بار بار اچڻ تي، ۽ رڳو هن جي ئي بوٿ تان ئي ”چيڪلي“ جي ٽڪيٽ وٺندي، جيئن ٻيون چوڪريون ڪنديون هيون، ساڻس ڳالهائڻ ڪانسواءِ ئي خاموشيءَ سان، اباڻڪائيءَ وچان دروازي مان اندر وڃڻ سبب ....، لاليءَ کي شويا ۾ دلچسپي پيدا ٿي وئي هئي. پر رڳو دلچسپي ئي ... چاڪاڻ تہ هن جي نظرن ۾ ٻيون بہ چوڪريون هيون، جيڪي هيون تہ شويا واري ئي طبقي جون، ۽ شويا ڪان وڌيڪ سهڻيون بہ هيون، نوڪرياڻين واري لڏي ۾ بہ پنهنجي طرز جو حسن ٿئي ٿو. هونئن ڏٺو وڃي تہ لاليءَ کي ڪنهن جي پرواهہ ڪانہ هئي، ايتري قدر چوڪريون مٿس مرنديون هيون جو هاڻي بجاءِ ان جي تہ هو ڪنهن چوڪريءَ سان محبت جو اظهار ڪري، پاڻ چوڪرين جي طرفان محبت جي اظهار جي اميد رکندو هو.
۽ هاڻي تہ هو ان ڳالهہ جو عادي ٿي ويو آهي، هاڻي جيڪڏهن هو ڪنهن کي ڪلي نهاريندو بہ هو تہ اهڙي انداز سان جڻ هو ڪنهن تي مهرباني ڪندو هجي. ان ئي انداز سان اڄ، ”ڪانيءَ جي مور“ تي وينل شويا جي چيلهہ ۾ انتهائي نرمائيءَ سان هٿ وجهي،

بس هڪ لمحي لاءِ سندس چيلهه کي سرشار ڪري الڳ تي ويو هو ۽ وجي چيڪلي کي چالو ڪيو هئائين. هن جي ان حرڪت کي رسنا بہ ڏسي ورتو هو، جيڪا شويا جي بلڪل پرسان، هڪ "ڪانيءَ جي نهيل چيتي" تي سواري ڪري رهي هئي. لاليءَ جي ان حرڪت کي هوشنگ بائيءَ بہ ڏسي ورتو هو، جا ان بجليءَ تي هلندڙ چيڪلي جي مالڪياڻي هئي. هوءَ ان وقت چيڪلي کي هلائڻ جي موقعي تي، پنهنجي هوڪي ڏيڻ واري لاڏلي لاليءَ لاءِ بہ ڪارا بسڪيٽ ۽ هڪ چانهن جي پيالي ڪٽي سامهون پهچي چڪي هئي، جنهن کي ڏسندي ئي شويا، لڄ کان منهن ڦيري ڇڏيو هو.

شويا اڄ تائين لاليءَ کي هڪ لفظ بہ نہ چيو هو، ۽ اها ئي ڳالهہ هوشنگ بائيءَ کي نهايت خطرناڪ پئي لڳي. نوڪرياڻين وارو ڪم ڪندڙ ہين عورتن ۽ ڇوڪرين سان، جيڪي هر وقت پنهنجي هلڪيون ادائون ڏيکاري لاليءَ کي وڪوڙي وينيون هيون، انهن عورتن کان هوشنگ بائيءَ، کو خطرو محسوس نہ ڪيو هو، پر هن ڏيرڙي، سانوريءَ جي ڊبيل خاموشيءَ ۽ اڇاتري نهار کان ڊڄڻ لڳي هئي:

'هيءَ ڇوڪري بہ هاڻي روز اچڻ لڳي آهي. هيءَ غريب نوڪرياڻي، روزاني ڪارنيوال جي ٽڪيٽ ڪيئن تي خريد ڪري سگهي! لڳي تو تہ هوءَ پنهنجي سموري پگهار، لاليءَ خاطر، ان جي چيڪلي تي پوري تي ڪري ڇڏي. هڪ طرف تہ اها ڳالهہ سني بہ آهي، پر بئي خيال کان سوچجي تہ لڳي تو تہ ڪٿي لالي منهنجي هٿن مان نہ نڪري وڃي!'

پر لالي تيسيتائين چيڪلو چالو ڪندي شايد شويا کي وساري ئي وينو هو.

'هو چانهن پيئندي، ڪارا بسڪيٽ وات ۾ وجهي پنهنجي پڪي پختي جاڙيءَ مان چر چر جو آواز ڪيندي، نهايت دلڪش نگاهن سان مون ڏانهن ئي نهاري رهيو آهي، پڪ سان منهنجا شڪ بي بنياد آهن.' بدن ۾ ڀاري، گوري چٽي مسز هوشنگ بائيءَ سوچيو ۽ پنهنجي بجليءَ واري چيڪلي تي هوڪو ڏيڻ واري لاليءَ کي چانهن پيئاري وري موٽي اچي بوٿ ۾ ويني، ۽ اطمينان سان ويهي ٽڪيٽون وڪڻڻ ۾ مصروف تي وئي.

ٿوري دير کان پوءِ لالي بہ موٽي آيو ۽ بوٿ جي ٻاهران رکيل اسٽول تي چڙهي، ٻئي چڪر لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هوڪا ڏيڻ لڳو. بوٿ ۾ وينل هوشنگ بائي رکي رکي اک ٽيٽ سان ۽ پيار وچان ڪيس نهاريو بہ پئي تہ ٽڪيٽون بہ ڪاٽيندي تي وئي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن لالي، پنهنجي نرڙ تي لڙڪي آيل وارن جي چڳ کي وارن سان ملائڻ پئي لڳو تہ هوشنگ بائيءَ جي دل بہ زور زور سان ڌڪ ڌڪ پئي ڪئي، لاليءَ جي اها ادا هن کي بہ ڏاڍي وڻندي هئي.

هوشنگ ٻائيءَ گهڙيءَ ۾ وقت ڏٺو، ڪارنيوال ختم ٿيڻ ۾ اڃان ڏيڍ ڪلاڪ پيو هو:
’چيڪلي جا چار چڪر ٻيا به ڏياري سگهجن ٿا، چار آخري چڪر ... ۽ ٽڪيٽون به آخري چار ئي پيرا وڪامجٽيون هيون، ان ڪري ماڻهن جو تعداد به وڌي ويو آهي،‘
هر بوٿ جي اڳيان بارڪر رڙي رڙي، پنهنجي خاص شو ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ سڏي رهيا هئا:
”ٻن سِرن واري عورت ڏسو...“
”ڇئن هٿن وارو ڇوڪرو ڏسو...“
”جوتشي ڏڳي...“
پنج رپيا ٽڪيٽ تي پنج سئو رپيا انعام ...“
ميري گرائونڊ ميري گرائونڊ ...“
”بوگن پاشا ... دنيا جو سڀ کان وڏو جادوگر...“
گيدارپور جا نَٽَ... “
”اسپين جي جپسي عورتن جو رقص ...“
ٻن رپين ۾ ڏهه نشانہ...“
قسمت آزمائيندا هلو.... ڪارنيوال جو مزو ماڻيندا هلو...“
انهن سمورن هوڪن جو گڏيل آواز سموري فضا ۾ گونجي رهيو هو، ۽ لالي به پنهنجي بهترين لطيفن کي اهڙي وقت لاءِ سنڀالي رکندو هو. اسٽول تي ويٺي ويٺي ۽ رڙي رڙي سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو، اوريان پريان ڇوڪرا ڇوڪريون کل ڀوڳ ۾ مشغول هئا. هو اسٽول تان هيٺ لهي ٽڪيٽون ڏيڻ لڳو.
’اڙي! هن مُئيءَ شويا وري هڪ ٽڪيٽ خريد ڪئي آهي، ائين ته هن ڪڏهن نه ڪيو هو، هڪ پيرو ٽڪيٽ وٺندي هئي ۽ چيڪلي تي چڪر ڪائي هلي ويندي هئي ... پر اڄ ته غضب ٿي ويو ...‘
لاليءَ به مرڪي ڪيس ٽڪيٽ ڏني ...
هوشنگ ٻائيءَ کي لڳو ته لالي دل لٽڻ واري مرڪ سان ڏسندي، شويا کي ٽڪيٽ ڏني آهي، ۽ ٽڪيٽ ڏيندي، شويا جو هٿ به دٻايو اٿائين ... مسز هوشنگ به پنهنجي اندر جي احساس کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. لالي وري ٻين ڇوڪرين کي ڇڏي، خاص طور تي شويا جي ڇيلهه کي دٻائي وري اندر ڏکو ڏنو آهي. مسز هوشنگ جي اندر ۾ غصي جون لهرون اڀرڻ لڳيون:

’مون کي خبردار ڪرڻو پوندو، هن ساليءَ ... ڪمينيءَ کي.... هيءَ هتي چيڪلي تي چڙهڻ تي اچي يا ... منهنجي هوڪي ڏيڻ واري لاليءَ سان عشق ڪرڻ تي اچي! هاڻي معاملو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي، هڪ پيرو هن جي بيعزتي ڪنديس، پوءِ ٻيهر هن پاسي رخ نه ڪندي.‘

جڏهن شويا جي دل ٽيون پيرو ٻه ٽڪيٽ خريد ڪري، لاليءَ جي ڏڪي جو مزو وٺڻ چاهيو ته رسنا مٿس ڏمرجي پئي:

”چري ٿي آن ... ڪو ڏسي نه وٺئي؟

”ته چاهي پو!“

”مون وٽ ٽين ٽڪيٽ خريد ڪرڻ جا پئسا ناهن.“

”ڪيترا هن؟“ شويا پڇيو.

”هڪ رپيو چار آنا“ رسنا چيو.

”ته هڪ رپيو مون کي ڏي، مون وٽ هڪ رپيو آهي، مان ٻن رپين مان هڪ ٽڪيٽ خريد ڪري وٺندم.“

”پوءِ واپس ڪيئن وينديون؟“

”پيادل ... پنڌ ڪري وينديس.“

”اهڙي ٻه ڪهڙي گتي پئي آهي جو... “ رسنا ڪاوڙ منجهان ڪيس ٽوڪيندي چيو.

”بس، چپ ڪر ... تڪڙ ڪر مون کي هڪ رپيو ڏي.“

رسنا، شويا جي ايلاز ڪرڻ وارين نگاهن ڏانهن ڏسندي، چپ چاپ ٻٽون کولي ڪيس رپيو ڪڍي ڏنو ۽ چوڻ لڳي: ”مان ٻاهر تنهنجو انتظار ڪنديس.“

”ٺيڪ...“ ائين چئي شويا، لاليءَ جي اسٽول جي چوگرد ګڏ ٿيل ګوڙ ۾ ګم ٿي وئي.

رسنا کي پنهنجي ساهيڙيءَ شويا سان ڏاڍي محبت هئي، پر لاليءَ کي هوءَ ٻه دل ئي دل ۾ چاهيندي هئي، ان ڪري هن کي لاليءَ تي ان ڳالهه سبب ٻه ڪاوڙ پئي آئي ته هو شويا کي اهميت ڇو ٿو ڏئي! حالانڪ رسنا هر ڳالهه ۾ شويا ڪان سهڻي هئي، هن جو ڪٽنڪ ونو جسم ٻه ڪافي ڪليل هو، ان جي ڀيٽ ۾ شويا سانوري هئي، چپ چاپ رهندي هئي، پر رسنا چنچل ۽ خوش مزاج هئي، شويا سنهڙي سيپڪڙي هئي ۽ رسنا جو بدن جوانيءَ جي رس سان ڀريل هو.

’الائي ته ڪهڙي ڳالهه هئي شويا ۾؟ پر لالي جو ٻنهي کي ڏسندي ٻه رڳو شويا جي پاسي لڙڪندو هو! ...

شويا هن جي ڏاڍي دل واري ساهيڙي آهي، پر ان ۾ آهي ڇا؟ پر لالي ٻه هن تي ڏيان ڏيڻ وارو ڪتي آهي، اهڙيون اهڙيون سهٽيون ڇوڪريون هن تي مرنديون آهن، بس ائين ٻه تي پيرا مرڪي شرڪي، شويا کي پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏيندو، پر هاڻ لاليءَ جي ته هڪڙي مرڪ ٻه گهٽي آهي، پر اها هن کي چو نه ملي!‘
رسنا کي شويا تي ڪاوڙ اچڻ لڳي.
ڪارنيوال کان نڪري هوءَ پر ۾ ئي، ڪارنيوال جي پارڪ ۾ ٿهلڻ لڳي.

## (3)

’انب جي ڪچڙن ڪونئرن پنن مان کهڙي نه ڪتڙي ڪتڙي خوشبو پئي اچي، ۽ اشوڪ جي وڻن جي قطار جي پويان لڳل ڪارنيوال جي رنگين روشنين سان جڻ ڪو رنگ منچ سجيل تو لڳي، ماهر ڪريڪ وٽان گذرڻ واري ريل جي ڪوڪ ٻڌڻ ۾ تي اچي، هڪ پل ۾ بوگن ويلا جي شاخ پنهنجي ئي گلن ۾ رلمل ٿيل، جهڪيل، جڻ سمنڊ جي لهرين سان محبت جو ڪو مبهم راز سليندي هجي، لهرين جي منهن تي گج تي ڪجهه اهڙي ڪِل آهي.‘
هڪ سنتري هن کي گهوري نهاريندي گذري ويو آهي. شام جا پاڇا پکڙجندا تا وڃن. ڪارنيول جي پارڪ جي پويان، مهاڻن جي جهوپڙين مان مڇيءَ جي ترڻ جي تيز پر وات پاٽي پاٽي ڪندڙ بوءِ جڻ رسنا جي نڙگهٽ ۾ چيي رهي هجي. ڪارنيوال مان ايندڙ آواز هلڪا ٿيندا پيا وڃن، پر اجان تائين شويا ڪانه موتي آهي:
’وجي ڏسانس ...؟‘
رسنا واپس وڃڻ جو فيصلو ڪري رهي هئي ته ايتري ۾ هن ڏٺو ته شويا پريشانيءَ وچان، هر هر پويان مڙي مڙي ڏسندي ڏانهنس ڊوڙندي اچي رهي آهي. رسنا ٿوري سخت لهجي ۾ ڪانئس پڇيو:
”ڪاٿي رهجي وئي هئينءَ تون؟“

شويا غصي وچان پوئتي مڙي ڏسندي چيو: ”توکي خبر ناهي ... چوٿين چڪر ۾ لاليءَ جڏهن پنهنجي ڪيسي مان ٽڪيٽ خريد ڪري ڏني ته چا ته ڏماچوڪڙي مچائي هن عورت.“
”مسز هوشنگ ٻائيءَ؟“
”ها! ٻي ڪير ... ڇهبڪ ڪٽي مارڻ واري هئي... مان ته پڇي هيڏي پئي اچان، ته منهنجي پنيان هيڏي ئي پئي اچي ... مان چيو چاتيمانس جو سالي ٻڪ ٻڪ ڪرڻ لڳي آهي.“
”وڏي تريناڪ آهي، آءُ ته پاڻ ٻه پڇون..“ رسنا شويا جو پلءُ ڇڪيندي چيو، ”Come on.“
رسنا شويا جو پلءُ ڇڪڻ لڳي پر شويا اوچتو غصي وچان پنهنجو پلءُ ڇڏايو ۽ جوش ۾ پرجي چوڻ لڳي:
”واه رسنا... مون ڪيو چاهي جو پڇون.. هيئن ڏجي.“
”نهيو هاٽي، اجايو ڪوئي لفڙو نه ٿي پوي.“
”تيڻ ڏي،“ شويا ضد ڪري بيهي رهي، ”مان ته هتي ئي بيٺي آهيان.“
ايتري ۾ هوشنگ ٻائي ٻه سهڪندي اچي پهتي، ڳلن تي ڳاڙها ڳاڙها داغ، ڪاوڙ سبب ٻريس پئي. شويا کي ڏسندي هن پير مان سينڊل لاٽو ئي پئي ته، رسنا کي شويا جي پرسان بينل ڏسي رڪجي وئي، سوچيو هوندائين ته ٻن ڄڻين سان مقابلو ڪرڻ مشڪل آهي، ان ڪري هٿ جهلي چوڻ لڳي:
”ڀڄين چو پئي؟ مان توکي ڪائي کونه وڃان ها، پر ايترو ضرور چوانءِ ٿي ته وري ڪڏهن منهنجي چيڪلي تي نه اچجانءِ... نه ته سنو نه ٿيندءِ ، هر ذات جي ڇوڪري منهنجي شو ۾ اچي ٿي، پر گڙٻڙ ڪرڻ واري ڇوڪري وري بيهر نه ٿي اچي سگهي، آئوٽ!“
مسز هوشنگ ٻائيءَ هڪ هٿ چيلهه تي رکي، ٻئي هٿ سان ڪارنيوال جي پارڪ کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو اشارو ڪندي شويا کي چيو: ”گيٽ آئوٽ.“
شويا چوڻ لڳي: ”تون! چا مون سان ٿي ڳالهائين؟“
”ها توسان .. تو جهڙي معمولي نوڪرياٽيءَ سان، تون! ... جا اچي منهنجي ڏنڌي کي خراب ٿي ڪرين“

”مون ڇا ڪيو؟“ شويا ٿوري همٿ ڪندي چيو. ”ٽڪيٽ وني مان ٽائيگر جي پٺيءَ تي ويني هئس، منهنجي پويان ڪا ٻي ڇوڪري ويني هئي، لاليءَ پهرين ان سان پئي ڳالهايو، پوءِ مون ڏي آيو، مان ته ان کي سڃاڻان نه وئي هئس!“

”تون وئي هئينءَ يا هو آيو هو! هڪ ئي ڳالهه آهي.“ مسز هوشنگ ٻائي ڪيس ڏمڪي واري لهجي ۾ تنبيهه ڪندي، شويا جي منهن جي ويجهو پنهنجي هٿ جي آڱر کي لوڏائيندي چيو.

”مون کي پوليس ۾ وڃڻ جو ناهي، لائسنس وڃائڻ جو ناهي، ڏس! مان تو صاف ٻڌائي ٿي ڇڏيانءِ سالي ڀارو پوچو ڪرڻ واري...“

”سالي تون آن...“

”تون منهنجي شو ۾ نه اچجان ... منهنجي بارڪر کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ٿي ڪرين! شرم نه ٿو اچئي.“

”ڇا! ڇا چيءِ؟؟“ شويا ڪاوڙ وچان ڳاڙهي ٿي وئي.

هوشنگ ٻائيءَ پنهنجو هٿ نراڙ تي هنيو: ”ڇا ٿي سمجهين ته منهنجي مستڪ ۾ اکيون ناهن، چيڪلو هلندو رهندو آهي، پر مون کي سڀ نظر ايندو آهي، ٻڌاءِ! لالي توسان ڪهڙو مذاق پئي ڪيو، ٻڌاءِ سالي ڇُوڪري..“

شويا جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، هوءَ ڪمزور لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”هن مون سان ڪو به مذاق نه ڪيو هو، مان ڪنهن مرد جو مذاق پسند ئي نه ڪندي آهيان، شويا سان اڄ تائين ڪنهن اهڙو مذاق ناهي ڪيو.“

”چپ ڪوڙي! مان پاڻ پئي ڏٺو، هو هر چڪر ۾ توسان لڳو پيو هو.“

”هو ڪانيءَ جي ٽائيگر سان لڳو پيو هو، جنهن تي مان ويني هئس، اها هن جي پراڻي عادت آهي، اهو تون به ڄاڻين ٿي، “ شويا چوڻ لڳي، ”مان ڇا پئي ڪري سگهان، جڏهن تنهنجو بارڪر ٽائيگر سان لڳي لڳي هلي رهيو هو ته مان ڇا ڪريان ها!، هن مون کي ته هٿ به نه لڳايو هو.“

”نه لڳايو هو؟“ مسز هوشنگ ٻائي رڙ ڪندي چيو، ”سياڻي ته اهو به چوندينءَ ته هن تنهنجي چيلهه ۾ به هٿ نه وڌو هو؟“

هاڻي ته رسنا کي به ڪاوڙ اچي وئي، جنهن شويا جي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ ئي، اڳتي وڌي چيو: ”چگو وڌو هو! پوءِ تو کي ڇاهي؟“

مسز هوشنگ ٻائي چوڻ لڳي: ”تون ماٺ ڪر، مان توسان نہ ٿي ڳالهايان، تون وچ ۾ نہ ڳالهاءِ“
”چو نہ ڳالهايان ... هيءَ منهنجي ساهيڙي آهي“ رسنا سخت لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”اڪيلي ڏسي تون هن تي آڪڙبي ٿي اچين، اڄ هاڻ مان ٿي توسان ڳالهايان ... لالي۽ هن جي چيلهہ ۾ هٿ وڌو هو! هو چڪر گهمائيندي هر ڇوڪري۽ جي چيلهہ ۾ هٿ وجهندو آهي، ۽ ڪيتريون ئي ڇوڪرين هن تي مرنديون آهن، پر... توکي خبر ناهي تہ هو ڇوڪرين ۾ ڪيترو پاپولر آهي.“
مسز هوشنگ ٻائي ڏند ڪرٽيندي چوڻ لڳي: ”اڄ ڪان پوءِ هو ڪنهن بہ ڇوڪري۽ جي چيلهہ ۾ هٿ نہ وجهندو، اهو تہ مان هن کي اڄ ئي ٻڌائي ڇڏينديس .. اهڙو ڏنڊو منهنجي شو ۾ نہ هلندو... نہ هلندو، توکي اهڙو نخرو ڪرڻو آهي تہ بابوءَ جي سرڪس ۾ وڃ، اتي توکي باندري جا ڪيترائي بيرا ملي ويندا.“
”تون پنهنجي بيري کي پاڻ وٽ رک.“ شويا چوڻ لڳي.
”ها! اسان اهڙيون تهڙيون ڇوڪريون ناهيون.“ رسنا بہ ڪاوڙجندي چيو.
ٻنهي کي وڙهڻ لاءِ تيار ڏسي مسز هوشنگ ٻائيءَ پنهنجو لهجو ٿورو بدلايو، پر آواز اوترو ئي رکيو، ڇاڪاڻ تہ هوءَ بہ هار ڪائڻ لاءِ تيار نہ هئي، پر ٿورو لهجو بدلائي، طنز واري انداز ۾ چوڻ لڳي: ”مطلب اهو آهي مس صاحبہ! تہ اڄ ڪان پوءِ منهنجي شو ۾ ناهي گهڙٽو، تو جهڙين ڇوڪرين جي ڪري منهنجو لائسنس ضبط ٿي ويندو تہ خرچو تون ڀريندينءَ؟ ان ڪري تو کي سڌو سياءُ ٻڌايو اٿم ..آئوٽ.“
شويا بہ هاٿي ٻئي هٿ ڏاڪ تي رکيا، چوڻ لڳي: ”تنهنجي آئوٽ چوڻ سان ڪجهہ نہ ٿو ٿئي ميم سڳوري، جڏهن اسان جي مرضي ٿيندي، اسان پيسا خرچ ڪنداسي، ٻن روپين جي ٽڪيٽ وٺنداسي ۽ چيڪلي تي چڪر ڏينداسي، ڪنهن جي مجال آهي تہ اسان کي ڪو روڪي ڏيکاري.“
”تہ پوءِ اچي ڏسجانءِ ماءِ ڊيئر! بس ٿورو اچي ڏسجانءِ!“ مسز هوشنگ ٻائيءَ چوندي، هڪ قدم شويا ڏانهن وڌايو.
”ها! ها اسان بہ اچي ڏيکارينداسي، ڇا ٿيندو؟“ رسنا پڇڻ واري نوع ۾ چيو.
”پوءِ اهو ٿيندو، جيڪو هن ڪارنيوال ۾ اڄ تائين نہ ٿيو آهي.“
شويا چوڻ لڳي: ”تہ ڇا تون مون کي شو مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندينءَ؟“
”ضرور ..! ظاهر آ.“

”پر ميم صاحب!“ رسنا چوڻ لڳي: اسان ٻئي ڄڻيون توکان جوان آهيون، تکڙيون آهيون.“
مسز هوشنگ ٻائي ٺوڪ واري انداز ۾ کلي چوڻ لڳي: ”مان توکي هٿ لڳائي پنهنجي هٿ کي گندو ڪنديس... چي چي، مان تہ لاليءَ کي چئي شو مان ڌڪا ڏيارائي ڪيرائي ڇڏنديسانءِ.“
”۽ لالي تنهنجي چوڻ تي مون کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو؟“ شويا پڇيو.
”ايترو جلدي جو تون اکيون مهٽيندي رهجي ويندينءَ.“
شويا چوڻ لڳي: ”هو ماکي ڪيندو...؟؟“ اوچتو ڪنهن کي ايندي ڏسي هوءَ چپ ٿي وئي.
هن کي اوچتو چپ ٿيندي ڏسي رسنا ۽ هوشنگ ٻائيءَ جو نگاهون ان پاسي مڙي ويون، جنهن پاسي شويا پئي ڏٺو.
اهو لالي هو... جيڪو ٽن چئن ڇوڪرين سان کل ڀوڳ ڪندي پارڪ ۾ اچي رهيو هو ... ۽ اهي ڇوڪريون بہ هن سان کيچل ڪنديون کلنديون، هن سان گڏ گڏ پئي آيون ... ننڍيون ننڍيون ڊوڙون پرينديي، هن جي چوگرد ڦيريون پائينديي...
اوچيو لالي هيج ۾ پرجندي چيو: ”بس گهڻو ٿيو! هاڻي پڇو نہ تہ هڪڙو هٿ ڏيندوسانوَ.“
هڪ ڇوڪري چوڻ لڳي: ”ڀلا منهنجو ريشمي رومال تہ موٽائي ڏي.“
”نہ ڏيندس، بس پڇ هتان.“
ايتري ۾ ٻي ڇوڪري رڙ ڪري چوڻ لڳي: ”ڇڳو هن جو رومال نہ تو ڏئين، پر منهنجو اسڪارف تہ واپس ڪر.“
”اسڪارف واپس ڪريان ... ڇو ڪريان ... واه واه!“
”اسڪارف ڏي منهنجا منا لالي.“ ان ڇوڪريءَ منٿ ڪندي ڪيس چيو، ايتري ۾ ان ڇوڪريءَ مسز هوشنگ ٻائيءَ کي ڏسي ورتو، تہ مڙي ڪيس چوڻ لڳي: ”مسز هوشنگ ٻائي! پنهنجي بارکر کي چؤ نہ تہ منهنجو اسڪارف ...“
”۽ منهنجو رومال...بہ“ ٻي ڇوڪريءَ بہ ان ئي وقت چيو.
ايتري ۾ لالي خطرناڪ انداز ۾ هٿ اڀا ڪري ڇوڪرين کي ڌمڪي ڏيڻ واري انداز سان ڏسندي چيو: ”وڃو ٿيون يا ڏيانوَ هٿ ...“ لاليءَ جي هٿ کڻڻ جي دير هئي، ڇوڪريون رڙيون ڪنديون ڀڄنديون هليون ويون، چاڪاڻ تہ سيني کي خبر هئي تہ موقعي ملڻ تي لالي هڪ اڌ هٿ لڳائي ڇڏيندو هو.

پر ان وقت ٻوڙندڙ چوڪرين جي دل ۾ اها ئي حسرت رهجي وئي ته جيڪر لالي هڪڙو هڪڙو هٽڙو هنن کي ضرور هٽي ها.

مسز هوشنگ ٻائيءَ جي شڪل تي ور وڪڙ پيدا ٿيڻ لڳا، هن ڪجهه پيار ته ڪجهه ڪاوڙ منجهان لاليءَ ڏانهن نهاري چيو: ”اها وري ڪهڙي ڌمال آ.“

پر لاليءَ هن جو جملو پورو ٿيڻ نه ڏنو ۽ آڪڙ ڪري چوڻ لڳو: ”توکي چاهي! پنهنجي ڪم سان ڪم رک.“ ائين چئي هن شويا ڏانهن نهاري چيو: تو هتي به اهو ئي جهڳڙو شروع ڪري ڏنو؟“

شويا وڏي آواز سان چوڻ لڳي: ”پر لالي جيڪڏهن مون ڪجهه ڪيو هجي ها!“

لالي هڪدم ڪيس دڙڪو ڏيندي چيو: ”رڙيون چو ٿي ڪرين؟“

شويا جو آواز دٻجي ويو، ٻپ ڪان هن جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون، اکين ۾ ڳوڙها تري آيس، هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي:”پر مان ته ڪجهه به نه ٿي چوان.“

لاليءَ کي هن جو آواز ريشم جهڙو نرم لڳو ته هن به پنهنجو لهجو هلڪو ڪري ڇڏيو، ” خير آ... تون ڪجهه به نه چءُ.“ لاليءَ کي ان پوري معاملي تي خفو ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري هن مسز هوشنگ ٻائيءَ ڏانهن منهن ڪري چيو: ”وري ڪهڙو لفڙو آ؟“

مسز هوشنگ، لاليءَ جي هٿ تي پنهنجو هٿ رکي، ڄڻ پنهنجي ملڪيت جتائيندي، وڏي فخر سان چيو:

”لالي! ڳالهه رڳو ايتري آهي ته هيءَ چوڪري جڏهن ايندي آهي ته منهنجي انسلٽ ڪندي آهي، ٻڌءِ! مون هن کي چئي ڇڏيو آهي، ۽ ها! تون به چڱيءَ نموني سجاڳي ڇڏيس، هن کي منهنجي شو ۾ اندر اچڻ نه ڏجانءِ.“

لاليءَ پنهنجي هٿ سان مسز هوشنگ جي گوري چٽي ۽ پريل هٿ تي ٿپڪي ڏني ۽ شويا جي پاسي ڏسي چوڻ لڳو: ”ٻڌي ورتءِ نه؟ هاڻي هلي ڏيکار“ وري چپٽي وڄائي چوڻ لڳو: ”اصل يچ هتان..“

رسنا شويا کي چوڻ لڳي: ”هاڻي ٻڌي ورتءِ نه! ڪم آن، “Let us not waste our time

مسز هوشنگ فاتحاڻي انداز سان مرڪڻ لڳي.

رسنا شويا کي گهلي پري وٺي وڃڻ لڳي، پر شويا لت کوڙي بيهي رهي، رسنا کي چوڻ لڳي: ”اون هون! مان نه هلنديس.“

هن اجان رسنا کي پوري ڳالهه چئي ئي ڪانه ته هوشنگ، شويا کي ساڄ ڏيارڻ لاءِ لاليءَ کي بيهر چيو: ”هان لالي نيڪ آ ني! جيڪڏهن بيهر اچي ته اندر اچڻ نه ڏجانس، پر جي

ڪنهن به ريت ٽڪيٽ وٺي اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪري ته ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪري ڇڏجانس، سمجهيءِ؟“
”هائو!“
لاليءَ اوچتو شويا جي وڏين وڏين ڦهليل اکين ۾ ڳوڙها ترندي ڏسي پڇيو: ”پر هن ڪيو چاهي؟“
اصولي طور شويا جهڙي لچاري ڇوڪريءَ کي ان وقت اتان هليو وڃڻ کپندو هو، پر الائي ته سندس دل ۾ ڪهڙي ڳالهه اچي ويئي هئي جو هوءَ ان وقت بيش ڪري بيهي رهي. هن لاليءَ جي منهن ۾ گهوريندي چيو:
”لالي صاحب مون کي نيڪ نيڪ ٻڌائي ڇڏ... جيڪڏهن مان تنهنجي شو ۾ اچان ته ڇا تون مون کي ڪڍي ڇڏيندين؟“
مسز هوشنگ چوڻ لڳي: ”هڪ دم ڪڍي ڇڏيندو!“
رسنا منهن ڦيرائي هوشنگ کي چيو: ”هن توکان ڪونه پڇيو آ ميم صاحب!“
لاليءَ کي خاموش ڏسي، شويا وري ساڻس مخاطب ٿي: ”منهنجي منهن تي چئه! ڇا تون مون کي ڪڍي ڇڏيندين؟“ ائين چوندي هوءِ لاليءَ جي بلڪل ويجهو هلي وئي.
لالي ان وقت آمهون سامهون ٿيڻ واري معاملي کان گهٻرائجي ويو، هو هڪ پير سان ٻئي پير کي کنهڻ لڳو، هو ڪيڏو نه خوش مزاج هو، خوش دل هو، ۽ مٿين سطح تي مذاق ڪرڻ وارو ماڻهو هو، پر اڄ تائين اهڙي اونهي پاڻيءَ ۾ نه لٿو هو، هن سوچيو؛ ’هن سانوريءَ جي ڳالهين ۾ ڪيتري نه گهرائي هئي،‘ شويا جو اهو معمولي سوال هن جي دل کي ڇهي سندس جذبن ۾ ڪنهن لهر جيان گهڙي ويو ... پر هن مٿو لوڏايو ... ۽ شويا جي جذباتي لهر کي پري ڌڪي ڇڏيو ۽ نرم آواز ۾ چيو: ”ها! بلڪل، اگر تو ڪا بيقائدگي واري ڳالهه ڪئي ته ضرور ڪڍي ڇڏيندس ... نه ته ڇو ڪڍندس!“
”ان تي رسنا کي به موقعو ملي ويو، ڇاڪاڻ ته لاليءَ جي جملي ۾ شويا لاءِ ٿورو آسرو موجود هو، هن هڪدم مسز هوشنگ ٻائيءَ کي چيو: ”ٻڌي ورتءِ...!“
شويا ته لاليءَ جو جواب ٻڌي ڪلي ويئي هئي، پر هاڻي هن به پنهنجيون اکيون جهڪائي، هن ڪان منهن ڦيري ورتو هو. مسز هوشنگ ٻائيءَ کي ان ڳالهه تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ڪتي وانگر غر غر ڪندي چوڻ لڳي:
”۽ مان چوان ٿي ته جي هيءَ رنڊي ٻيهر منهنجي شو ۾ گهڙي ته توکي، هن کي ٻاهر ڪڍڻو پوندو، هن جو لڦڙو منهنجي شو ۾ نه هلندو.“

لالي ٿورو حيرانيءَ واري انداز ۾ چوڻ لڳو: “لفڙي مان ڇا مطلب آ تنهنجو؟”
”مون سڀ ڏسي ورتو آ“ مسز هوشنگ جو آواز ڏڪڻ لڳو، ”مون پنهنجي اکين سان سڀ ڏٺو آ.“
شويا چوڻ لڳي: ”هيءَ چوي ٿي ته مون توسان مذاق ڪيو ۽ تو منهنجي چيلهه ۾ هٿ وڌو.“
”مون!“
”ها! ها! تو!“
مسز هوشنگ گرجندي چيو، ايترو ٻالو پولو نه ٿيءُ، مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي.“
لاليءَ پنهنجو هٿ مسز هوشنگ جي هٿ مان ڪڍي ورتو ۽ آڪڙجي چوڻ لڳو: ”واهه! اها وري نئين ڳالهه ٻڌائي تو! يعني تنهنجو حڪم آهي ته آئيندي مان ڇوڪرين سان مذاق نه ڪريان، هان! جيڪڏهن ڪندس ته اڳ ۾ توکان اجازت وٺڻي پوندي، هون؟“
معاملو بگڙجندي ڏسي مسز هوشنگ لهجو بدلائيندي چيو: ”مون ائين ڪڏهن چيو آ، تون ڇوڪرين سان مذاق ڀلي ڪر، ڀلي ڏهن ڇٽين سان مذاق ڪر ۽ ويهن کي ڇيڙيندو رهه، پنجاه سان مشڪري ڪر، پر هن سان نه!“ هن شويا جي طرف اشارو ڪندي وري چيو،”هن ڇنال سان ڪڏهن نه، ٻين سڀني سان بيشڪ پر هن سان نه! ڪڏهن به نه.“
مسز هوشنگ ٻائيءَ آخري فيصلي جيان حڪم جاري ڪندي چيو ته لاليءَ کي به تاءُ اچي ويو.
حالانڪ هو مسز هوشنگ جو ملازم هو، پر هن اهڙي نه سختيءَ سان ڪيس حڪم ڏنو هو جو لاليءَ کي غصو اچي ويو، پر هن وري به پنهنجي غصي کي دٻائيندي چيو:
”هاڻي توهان به چپ ٿي وڃو ميم صاحب.“
لهجو نرم هوس پر ان نرميءَ ۾ جا تلخي لڪل هئي، ان کي مسز هوشنگ محسوس ڪري ورتو، تنهن تي هوءَ ڪڙڪي سان چوڻ لڳي: ”ڇا؟؟“
”شٽ اپ ...“ لاليءَ چيو، واپس وڃ پنهنجي بوٿ تي.“
مسز هوشنگ کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار ڪونه آيو، هوءَ حيرانيءَ وچان ڏانهنس ڏسندي چوڻ لڳي:
”ڇا چيءِ؟!“
”آخر هن ويچاريءَ تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي.“ شويا ڏانهن رحم وارين نظرن سان ڏسندي چوڻ لڳو: ”ڏسين نه ٿي ته ڪيئن ننڍڙي ڪبوتريءَ وانگر ڊنل، تنهنجي سامهون بيٺي

آ...“ لالي اڳتي وڌي شويا جي ڪلهي کي ٿپڪي ڏيندي چيو: ”اڇجو جي! جڏهن تنهنجي دل ٿئي! اڇجو اسان جي شو ۾ ... ٽائيگر تي ويهجو، زراف تي ويهجو، هرڻ تي، مڇيءَ تي، چيڪلي جي جنهن به جانور تي تنهنجي دل ڪري ويهجو، ٽڪيٽ جا ڏوڪڙ نه هجن ته به پرواهه ناهي، تنهنجي ٽڪيٽ جا پئسا لالي پريندو، پنهنجي ڪيسي مان ... ۽ اگر ڪنهن توڏي اکيون ڪڍي ڏنو .... ته“

شويا جو چهرو گل وانگر ٽڙڻ لڳو، مسز هوشنگ بائيءَ جو چهرو خزان جي پن وانگر ڪومائجي ويو، آخرڪار هوءَ چپ رهي نه سگهي ۽ رڙ ڪري لاليءَ کي گاريون ڏيڻ لڳي: ”سالا بدمعاش“

”سالي ٻڍي..“

”ٿئنڪ يو لالي صاحب“ رسنا ان ئي وقت لقمو ڏنس.

مسز هوشنگ اهو جملو ٻڌي صفا سڙي وئي ۽ وڏي ڪاوڙ مان چوڻ لڳي: ”ڇا تو سمجهين... ڇا؟“ هن کي لفظ نه ٿي سجهيا، ”تون سمجهين ٿو ته توکان سنو بارڪر، توکان سنو مجمع باز ڪوئي ناهي، هوڏي هوڏي، ڪارنيوال کان ٻاهر.“ هوءَ پنهنجا ٻئي هٿ پنهنجي ٿلهي ۽ ويڪري چيلهه تي رکي چوڻ لڳي، ”ٻاهر هڪ کان هڪ فرسٽ ڪلاس بارڪر پيو آ... مان ڪنهن کي به وٺي سگهان ٿي، جڏهن چاهيان توکي ڪڍي ٻاهر ڪري سگهان ٿي، بس سمجهه ته اڄ کان تنهنجي نوڪري خلاص.“

جذبات جي وهڪري ۾ وهندي مسز هوشنگ بائي چئي ويئي، چاڪاڻ ته شويا کي لاليءَ جي ويجهو ڏسي، هن جي تن بدن ۾ باهه لڳي وئي هئي. هوءَ ايتري قدر چئي وئي، جو هن لاليءَ کي نوڪريءَ مان به ڪڍي ڇڏيو هو، پر وري سوچڻ لڳي ته خيالن جو وهڪرو ڪيس ٻئي پاسي لوڙهي ويو....

’لاليءَ جي دم سان هن جو شو هلندو آ ... لاليءَ کان وڌيڪ سنو بارڪر هن کي ڪٿي نه ملندو، نيڪ آ، هو ڇوڪرين سان مذاق ڪندو آ ... پر ڇوڪريون ٽڪيٽ به ته خريد ڪنديون آهن، ٺٺديون ڪرنديون آهن، هن جي بوٿ تي، اهي ڪنهن ٻئي بوٿ تي به وڃي سگهن ٿيون، پر لاليءَ جي ڪري بار بار هن جي ئي بوٿ تي اينديون آهن، هن سڄي ڪارنيوال ۾ هن جو ئي ته بوٿ سڀ کان وڌيڪ ڪمائيندو آ‘

مسز هوشنگ جو جملو ٻڌي لاليءَ گهبرائڻ بجاءِ الائي ته ڇو نهايت سنجيده ۽ ٿڌي لهجي ۾ ڪيس مخاطب ڪيو: ”نيڪ آ، اسان جي نوڪري ٽي وئي ختم! بس نه؟“

مسز هوشنگ بائيءَ وري نرمائي ڏيکاريندي کيس چيو: ”چا تو سمجھين پاڻ کي، مان جڏهن به چاهيان تو کي جواب ڏئي ٿي سگھان.“ سندس لهجي ۾ اها گرمي ڪانه هئي.
لالي چوڻ لڳو: ”هاٽي نهيو! مون کي جواب ملي ويو، هاٽي بس ختم ڪر.“ چوندي هن شويا جي چيلھ کي پنهنجي هٿ سان ڇهي ورتو. تنهن تي هوشنگ بائي وري چڙي پئي: ”سالا ڏاڍو خراب پيو ٿئي تنهنجو دماغ اڄڪلھ ڪمينا، آواره.“
لالي ڪلندي چوڻ لڳو: ”جڏهن جواب ڏئي ڇڏيءَ ته گاريون چو ٿي ڏئين!“
مسز هوشنگ بائيءَ لاءِ ٺُڪي، هاٽي وري چئڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو، پوءِ به ڪوشش ڪندي چوڻ لڳي: ”اها به ڪا ڳالھ آ يلا، اها به ڪا ڳالھ آ! جو منهنجي منهن مان جيڪا ڳالھ نڪري ان کي تون جهلي وٺين، اهو ڪاٿئون جو انصاف آ.“
مسز هوشنگ بائيءَ کي هيٺو ٿيندي ڏسي، لالي ٿورو مٿي اڏامڻ لڳو ۽ اعتماد سان چوڻ لڳو: ”بس بس نيڪ آ، مان ڪمينو هان، آواره هان، منهنجي نوڪري خلاص ٿي وئي، مون کي جواب ملي ويو، بس ختم...“
مسز هوشنگ بائي رڙٺهارڪي ٿي وئي: ”تون منهنجو ڌنڌو برباد ڪرڻ جي پويان پيو آن چا؟ بي شرم.“
”بي شرم هان، ڪمينو هان، آواره هان ... بس، پيو ڪجھ؟“
مسز هوشنگ بائيءَ جا ڳوڙها، هن جي ٿلهن ڳٽن تي لڙي آيا ۽ هن جي ميڪ اپ کي خراب ڪندي هيٺ ڳڙڻ لڳا، هوءَ روئندي چوڻ لڳي: ”هو آسمان وارو توسان پڇندو...“
هن مٿي آسمان ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”بس اهو مٿي وارو ئي توسان پڇندو...“ پوءِ شويا جي پاسي نهاري، ڏند ڪرٽيندي چوڻ لڳي ۽ چوندي هن جو چهرو بدلجي ويو: ”توسان ... ۽ هن ڪميني ڪتيءَ سان به...“
لاليءَ دڙڪو ڏيندي هڪدم کيس چيو: ”هن جي ڳالھ نه ڪر، مون کي جيڪو دل ۾ اچئي چءُ، پر هن جي ڳالھ نه ڪر...“ لالي پنهنجا ويڪرا ڪلها وڌيڪ ڦهلايا، شويا ڪنهن ڳڏيءَ وانگر هن جي ڪلهي جي هيٺ ٿي وئي.
مسز هوشنگ بائي پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري وئي، تيز ۽ تکي لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”سمجھين چا تون، ڪارنيوال ۾ توکان وڌيڪ ڪو ٻيو بارکر ناهي؟ مان تنهنجي جاءِ تي رحمان کي رکنديس.“
”رحمان کي رکين يان وڪٽر کي، يان ڪنهن ٻئي کي، پنهنجي ته ٿي وئي ڇٽي.“ لالي چيٽي وڄائي چوڻ لڳو: ”هاڻ تون به ڪر ڇٽي، ۽ هتان هلي پءُ ... پڇ هتئون.“

لاليءَ کي ڪاوڙ پئي آئي، ۽ معاملي کي ان حد تائين خراب ٿيندي ڏسي هاڻي شويا به ڊڄي وئي، چند لمحا ته هوءَ لاليءَ جي ڪلهي سان مٿو لڳائي، بيٺي بيٺي مدهوش ٿي ٿي وئي هئي، ته اوچتو ڪيس دنيا جهان جو خيال آيو... خاص ڪري لاليءَ جي نوڪريءَ جو، هوءَ ٿورو الڳ ٿي نرميءَ واري انداز ۾ چوڻ لڳي:

”پر لالي صاحب! جيڪڏهن هيءَ... هيءَ توکي واپس وٺڻ لاءِ تيار آهي ته تون ... تون.“

”تون ماٺ ڪر صاحبه!“ لاليءَ هن کي به دڙڪو ڏئي ڪڍيو، پر شويا وري به چوڻ لڳي:

”پر مان نه ٿي چاهيان ته منهنجي ڪري جهڳڙو ٿئي.“

لالي، شويا ڏانهن نهاري ٿورو هوشنگ بائيءَ جي ويجهو ويندي چيو: ”مسز هوشنگ... هن ڇوڪريءَ کان معافي وٺ.“

”ڪير؟ مان! معافي! هن ، ڇوڪريءَ کان؟“ مسز هوشنگ تيز تيز لهجي ۾ چيو.

”جي ها هن ننڍڙي ڪبوتريءَ کان...“ لاليءَ لفظن تي زور ڏيندي چيو، ”ٻڌاءِ؟ معافي وٺين ٿي ته مان واپس اچان ٿو.“

مسز هوشنگ جو جسم ڏڪڻ لڳو، لاليءَ جي ڳالهه ٻڌي، هوءَ ڪجهه گهڙيون چپ ٿي وئي، هن وڏي ڪوشش ڪئي، تمام وڏي ڪوشش ڪئي ته پنهنجي ڪاوڙ کي دٻائي وٺي، ۽ ڪاروباري طريقي سان ڳالهائي، پر هوءَ پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي، پوءِ اوچتو چوڻ لڳي:

”ڪير مان؟ ... لالي جيڪڏهن تون هي سارو پارڪ، هي سمورو ڪارنيوال، مون کي چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ سجائي ڏئين... اگر تون پوري هندستان جو سون گڏ ڪري منهنجي جهوليءَ ۾ آڻين وجهين ته به مان هن ڇوڪريءَ کان معافي نه وٺنديس... مان ته وري به توکي آخري موقعو ڏيان ٿي... Last warning، ٻڌي وٺ ڇوڪري! جيڪڏهن تون سڀاڻ کان منهنجي شو ۾ آئينءَ ته هي ڏس، هن سينڊل سان تنهنجي اهڙي مرمت ڪنديس جو ڏينهن جا تارا نظر اچي ويندءِ.“ مسز هوشنگ ڳالهائيندي پنهنجو سينڊل پير مان ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ جهليو هو، جملو پورو ڪرڻ کان پوءِ هن سينڊل هيٺ اڇلايو ۽ ان ۾ پير وجهڻ لڳي، چاڪاڻ ته هاڻي اهو ڪيل پورو ٿي چڪو هو. لاليءَ جو منهن ڳاڙهو ٿيندو ٿي ويو. هن پنهنجي سونهري پٽيءَ واري، چج جهڙي بارڪر واري ٽوپي مٿي تان لاٿي، پنهنجي پراڻي مالڪياڻيءَ جي طرف سلام واري انداز سان جهڪندي چيو:

”تہ سلام ميم صاحب، رام رام ميم صاحب، گڊ نائيٽ ... اوهان جو رستو اهو ، منهنجو هي... اوهان پنهنجي رستي تي هلي پئو، پر ذرا جلدي ڪريو... منهنجو مطلب آهي تہ ٿورو وڪ تڪڙي ڪڄجو... جيڪڏهن اڄ توهان دير ڪئي تہ ... حالانڪ، مون کي عورتن تي هٿ کڻڻ جي عادت ناهي ...بس هڪ ڀيري بيڪا بائيءَ اڙي ڪئي هئي تہ ان کي اهڙي ڦينٽي ڏني هيم جو ٻاويهہ ڏينهن اسپتال ۾ پئي هئي، سو جيڪڏهن تون چاهين ٿي تہ تنهنجو حال اهڙو نہ ٿئي تہ ٿورو جلدي... ٿورو تڪڙو ..“
مسز هوشنگ بائيءَ سينڊل پائي ورتو، ويندي ويندي چوڻ لڳي: ”Very well، اڄ کان تنهنجو باب خلاص، اڄ کان پوءِ نوڪريءَ لاءِ مون وٽ ڪڏهن نہ اچجانءِ... Finish.“
ائين چئي مسز هوشنگ بائي غصي ۾ اتان هلي وئي. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ ڪيتري دير تائين بلڪل خاموشي ڇانيل هئي. اوچتو شويا ڪي لڳو، جڻ چئني پاسي رات جو انڌيرو وڌڻ لڳو آهي تہ هوءَ گهبرائجي چوڻ لڳي:
”لالي صاحب “
”لالي صاحب “ رسنا بہ ٽپرس وچان چوڻ لڳي: ”هي تو ڇا ڪيو؟“
غصي وچان لاليءَ ڪيس دڙڪو ڏنو: ”مون تي ترس کائڻ جي ضرورت ناهي، ورنہ هڪڙي ڏيندوسانءِ.“ لاليءَ ٿپ هڻڻ لاءِ هٿ کنيو تہ رسنا گهبرائجي وئي، لاليءَ وري شويا ڏانهن ڪاوڙ مان نهاري چيو: ”ڇا تو کي بہ مون تي ديا پئي اچي.“
”نہ نہ لالي صاحب.“
”ڪوڙ ٿي ڳالهائين، تنهنجي چهري تي ديا لکيل آ! تون سوچين ٿي تہ اڄ لاليءَ کي مسز هوشنگ نوڪريءَ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي، تہ هي ويچارو ڪاڏي ويندو! ڇا کندو! پنندو؟ هان؟“ لالي چوندي کلڻ لڳو. پر وري هڪدم خاموش ٿي ويو، ٿوري دير بعد چوڻ لڳو: ”لالي ايترو ڪمزور ناهي.“
پوءِ شويا جي ڪاڏي پنهنجي پاسي گهمائيندي چوڻ لڳو: ”مون ڏي ڏس! ڇا مان مسز هوشنگ ڪانسواءِ زنده نہ ٿو رهي سگهان؟ اها اهڙي کهڙي نوڪري آهي! مان هن کان بہ وڏين وڏين نوڪرين مان نڪتو آهيان منڙي.“
”پر هاڻ تون ڇا ڪندين؟“ شويا ڊڄندي ڊڄندي پڇيس.
”ها... هاڻ... هاڻ... اڳ ۾ تہ مان ڪٿي وڃي نرو پيئندس.“
”ان جو مطلب آهي تہ...“ شويا چوڻ لڳي، ”تون سچ پچ پريشان آن؟“

”پريشان ان لاءِ ناهيان تہ نوڪريءَ مان نڪتو آهيان، پر پريشان ان لاءِ آهيان تہ اهو دارون ملندو ڪٿي؟“

رسنا کي ياد آيو: ”اهو تہ...“ وري سوچي خاموش ٿي وئي.

”اهو تہ ڇا؟“ لاليءَ پڇيس.

رسنا ٿورو اڳ ٿيٺ سان لاليءَ ڏانهن نهاريندي چيو: ”لالي صاحب! اسان سان هلندين؟“

”اسان جي... جي جڳهہ ... منهنجي..“ چوڻ چاهي پئي پر شويا جي منهن ۾ نهاري چپ ٿي وئي.

لاليءَ ڪانئس پڇيو: ”تہ ڇا ٺري جي بوتل جا پئسا تون ڀريندينءَ؟“

هن جو جملو ٻڌي رسنا جو منهن لهي ويو. لالي منهن ڦيرائي شويا ڏانهن نهاريو، هن بہ اکيون جهڪائي ڇڏيون. آخر لاليءَ شويا کان پڇيو:

”تون ڇا ڏيندينءَ؟“

شويا خاموش ئي هئي تہ لاليءَ وري ڪانئس پڇيو: ”تنهنجي پرس ۾ ڪيترا پئسا آهن؟“

شويا هڏڪي ڏيندي چيو: ”اٺ آنا..“

لاليءَ رسنا ڏانهن نهاري پڇيو: ”تو وٽ ڇاهي؟“

رسنا اکيون جهڪائي ڇڏيون، وات سان ڪجهہ نہ ڪڇيائين.

تنهن تي لاليءَ دڙڪو ڏيندي پڇيس: ”مان پڇان ٿو تہ تو وٽ ڪيترا پئسا آهن؟“

رسنا سڏڪڻ لڳي، لالي سمجهي ويو، هڪدم هن جي ڪاوڙ ڍري ٿي وئي ۽ نرميءَ وچان چوڻ لڳو: ”روئڻ جي ضرورت ناهي، توهان ٻئي هتي ترسو، مان ڪارنيوال مان پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيون شيون کڻي اچان ٿو، واپس ايندس تہ ڪجهہ ڏوڪڙ بہ آڻيندس، مون کي توهان جي پئسن جي ضرورت ناهي.“

ائين چئي هو هليو ويو.

هن جي وڃڻ کانپوءِ ٻئي ساهيڙيون خاموش هيون، رسنا سوچيو: ’لاليءَ هنن ٻنهي کي اتي ترسڻ لاءِ چيو آهي، اڪيلو شويا کي نہ چيو آ.... ٻنهي کي ترسڻ لاءِ چيو آهي... ڪاش! اڄ جيڪڏهن هن سمورا پئسا خرچ نہ ڪيا هجن ها .... شويا کي نہ ڏنا هجن ها .... تہ هن وقت لاليءَ کي پاڻ سان وٺي وڃڻ جهڙي هجي ها، ڪهڙو نہ سهڻو موقعو هٿان نڪري ويو.‘ وري شويا جو اداس ۽ ملول چهرو ڏسي هن جي دل ۾ جهبو پوڻ لڳو، ’مان پنهنجي ساهيڙيءَ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪيئن ٿي سوچيان.‘ هن همدرديءَ وچان شويا جي طرف نهاري پڇيو:

”توکي هن جي نوڪري وڃڻ جو ڏک آهي نه!“

”ٿورو ٿورو ..“ رسنا ٿورو سندس ويجهو ايندي چيو: ”پر تون هن جي پاسي ائين ڇو پئي نهارين؟“

” ڪجهه ناهي.“ شوپا هڪ ٿڌو ساهه کڻيو ۽ چپ ٿي وئي، پوءِ هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي:

”اسان جي ڪري هن نوڪري ڇڏي ڏني....“

”اسان جي ڪري نه پر تنهنجي ڪري“ رسنا بيحد صاف گوئيءَ کان ڪم وٺندي چيو، چوندي هن ڪي پنهنجي ئي چيل جملي تي حيرت ٿيڻ لڳي. شوپا هن جو جملو ٻڌي چرڪي وئي.

”منهنجي ڪري...؟ منهنجي ڪري ڇو رسنا؟“

”شايد هو توسان Love ٿو ڪري...“

”مون سان...! بلڪل به نه!“ شوپا ڏکهو ساهه کڻندي چيو، ”هو ڪنهن سان به لَو نه ڪندو آهي ۽ مون سان ته بلڪل به نه.“

”بلڪل ڪندو آهي ۽ صاف چٽو پٽو ڪندو آهي.“ رسنا بنا هٻڪ جي چيو.

’۽ اڄ جڏهن هن جي ذهن ۾ ڳالهه چٽي ٿي وئي هئي ته پوءِ ٻڌائڻ ۾ ڪهڙو حرج.‘ رسنا سوچيو ۽ پوءِ شوپا جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”ڪو مون سان به ته ڪندو آهي.“ رسنا چيو، ”۽ اڄ کان پهرين مون توکي نه ٻڌايو هو، چاڪاڻ ته تنهنجو ڪو بواءِ فرينڊ ڪونه هو... هاڻ آهي ته ٻڌائي سگهان ٿي ته منهنجو به ڪو آهي.“ پوءِ نهايت ڊرامائي انداز سان چوڻ لڳي: ”ماءِ سويٽ هارٽ.“

”ڪير آ اهو؟“ شوپا کي ان سان ڪا به دلچسپي ڪانه هئي، پوءِ به پنهنجي ساهيڙيءَ جي دل رکڻ لاءِ پڇيو: ”ڪير آ اهو؟“

”هڪ فوجي جوان آ.“

”فوجي! ڪهڙي قسم جو فوجي؟“

”هاڻ اهو مان ڪٿي ٿي ڄاڻان ته ڪهڙي قسم جو آهي.“ رسنا چوندي ڳڙ ٻڙ ڪري ويئي، چاڪاڻ ته هن کي بمبئيءَ آئي چند مهينا مس ٿيا هئا، ”بس هڪ فوجي آهي، پر فوجي گهڻن قسمن جا هوندا آهن ڇا؟“

”ها تڏهن!“ شوپا چيو، ”سپاهي هوندا آهن، صوبيدار هوندا آهن، ليفٽن ٿيندا آهن، ڪپتان ٿيندا آهن، طرح طرح جا فوجي هوندا آهن.“

رسنا چوڻ لڳي: ”ته اها ڪيئن خبر پوندي ته ڪير ڪهڙو فوجي آهي.“

”انهن جي وردي مان خبر پوندي.“ شويا چيو.

”ورديءَ مان ڪيئن؟“ رسنا حيرانيءَ وچان پڇيس، ۽ سوچڻ لڳي، سوچيندي هن جو ڪنڌ جهڪي ويو، ٿوري دير سوچڻ ڪانپوءِ وري پڇڻ لڳي: ”ته ڇا ٽرام هلائڻ وارا جيڪا وردي پائيندا آهن، اهي به فوجي هوندا آهن؟“

”اون هون!“ شويا ڳالهايو، ”اهي ته ٽرام وارا هوندا آهن.“

”ته بس ۾ ٽڪيٽ ڏيڻ وارا وردي پوش ڪير هوندا آهن؟ ڇا اهي به فوجي هوندا آهن؟“

”نه! چري!“ شويا کلي ويٺي، ”اهي ته بس جا ڪنڊيڪٽر هوندا آهن.“

”پوءِ انهن کي به ته وردي پاتل هوندي آ!“

”ها، وردي ته پيل هوندي اٿن پر بندوق ته ڪانه هوندي اٿن، ڪو پستول به نه هوندو اٿن.“

”ته ڇا پستول رکڻ وارا، پوليس جا سنتري فوجي هوندا آهن.“

”نه اهي ته پوليس وارا هوندا آهن.“

”پر وردي ته اهي به پائيندا آهن،“ رسنا، پوليس وارن جو تصور ڪندي چيو.

جنهن تي شويا چيو: ”تون اصل ۾ نئين نئين بمبئيءَ آئي آن، بنگلور جي هڪ ڳوٺ مان ... تو وانگر خالي اسڪرٽ پائڻ سان ماڻهو عقلمند ٿورو ئي ٿي ويندو آ.“

”پر تو ته هاڻي چيو ته وردي...“

شويا ٽوڪ واري نوع ۾ چيس: ”وردي ته ٽپالي به پائيندا آهن، ورديءَ سان ڇا ٿو ٿئي؟“

رسنا بحث جاري رکندي چيو: ”پوءِ جيڪڏهن ڪو ٽپالي، وردي پائي، هٿ ۾ پستول ڪڻي هلي ته ڇا اهو فوجي ٿي ويندو؟“

”اهو هٿ ۾ ڇا به کڻي هلي پر هوندو اهو ٽپالي ئي!“ شويا وڏي اعتماد سان چيو.

”رسنا چوڻ لڳي: ”ته فوجي اگر ورديءَ مان نه ٿو سڃاتو وڃي ۽ نه ئي پستول مان ٿو سڃاتو وڃي ته آخر ڪهڙي ڳالهه جي ڪري ٿو سڃاپجي؟“

”ان کي سڃاڻي سگهجي ٿو،“ چوندي ٿورو چپ ٿي وئي، ۽ سوچڻ لڳي ته واقعي فوجيءَ کي ڪهڙي نموني سڃاڻجي!

هن کي، پاڻ کي به ته خبر ڪانه هئي، هوءَ پاڻ به ته فوجيءَ جو صحيح تعارف ڪرائي ڪانه پئي سگهي، سوچيندي هوءِ وائڙي ٿي وئي، پر پنهنجي وائڙپ رسنا جي اڳيان ظاهر ڪرڻ نه پئي چاهيائين، ان ڪري ڳالهه بدلائي، ٿورو لنوائڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳي: ”او هو! ڇڏ ڪڻي ان ڳالهه کي، جڏهن تون هن شهر ۾ ڪجهه ڏينهن گذاريندينءَ ته

پاڻ ئي جاڻي وٺندين، جهڙيءَ ريت هن شهر ۾ رهندي رهندي ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻي ورتو اٿئي.“

پر رسنا کي به هو ڪو ضد چڙهيل، ان ڪري اها به برابريءَ جي سطح تي بيهڻ ۽ شوپاڪي سندس گهٽتائي محسوس ڪرائڻ لاءِ چوڻ لڳي: ”پوءِ ڪيئن خبر پوندي فوجي ڪير آهي.“

”هڪڙي نموني.“ شوپا چيو.

ڪهڙي نموني؟“ رسنا پڇيو.

شوپا وري ساڳئي نخري سان چيو: ”ڪنهن به هڪڙي نموني سان.“

ڄڻ هوءَ ڪا اهم معلومات لڪائيندي هجي، ڄڻ اهو ڪو راز هو جيڪو رسنا کي به معلوم نه هو، رسنا کي پنهنجي بيعزتي محسوس ٿيڻ لڳي: ’هوءَ اهو راز ڄاڻي ٿي، پر مون کي ٻڌائڻ پسند نه ٿي ڪري، شايد ان ڪري جو هوءَ پاڻ کي برتر ٿي سمجهي، جيتري پگهار هن کي ملندي آهي، اوتري مون کي به ملندي آهي، هوءَ اگر مون کان ڪجهه سال اڳ ۾ بمبئي آئي آهي ته ڇا ٿيو، منهنجو رنگ روپ ته هن کان به سٺو آ، عمر ۾ به بيشڪ مون کان وڏي آهي، پر منهنجي جواني... ‘

سوچيندي، رسنا روئڻهارڪي ٿي وئي: ”نيڪ آ، ڪري وٺ مذاق، مون کي ٻاهرين ۽ ڳوناڻي ڇوڪري سمجهي... پوءِ آخر مان ڇا ڪريان؟ مون کي ڪئين خبر پوي ته هو فوجي آهي، يا ته تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين، مون کي منگلوري عيسائڻ سمجهي، منهنجو مذاق پئي اڏائين، نيڪ آ، نه ٻڌاءِ...“

شوپا کي مٿس رحم اچي ويو، هن روئڻهارڪي رسنا کي ڀاڪر پاتو ۽ سندس اکين ۾ ترندڙ ڳوڙها اگهندي چيو: ”اڙي چري... بس هڪڙي ڳالهه جي ڪري فوجيءَ کي سڃاڻبو آ... سليوٽ سان... هو سليوٽ هڻندو آ.. اجهو هيئن!“

شوپا ڪيس فوجين وارو سلام ڪري ڏيکاريو. ان تي رسنا هڪدم خوش ٿي وئي ۽ ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي، چوڻ لڳي: ”پوءِ ته منهنجو سويٽ هارٽ سچ پچ فوجي آ، هو بلڪل ائين سليوٽ هڻندو آ.“

” نالو ڇا تس؟“

”هن جو ... نالو ...“ رسنا نالو ڪڻڻ کان اڳ ۾ رڪجي وئي، پوءِ ٿورو سوچي چوڻ لڳي:

”نالو ڪونہ ٻڌائينديسانءِ“ هن جي چنچل لهجي ۾ شرارت پريل هئي، شويا بہ اهڙي شرير لهجي ۾ چوڻ لڳي:

”فوجي نہ هوندو نہ، انڪري نہ ٿي ٻڌائين!“

رسنا پير کي زمين تي هٹندي چيو: ”چڱو ٻڌايانءِ ٿي.“

”تہ ٻڌاءِ بہ ڪٿي.“

”نہ ٻڌائينديس.“ رسنا جي من ۾ شڪ پيدا ٿيڻ لڳو تہ شويا هن جو نالو چو ٿي پڇي! رسنا جي دل ٻڌڻ لڳي؛ ’ڪٿي هي منهنجي سويٽ هارٽ کي مون کان ڇني تہ نہ وٺندي... ان ڪري ئي تہ نہ ٿي ٻڌايانس، ٻڌائڻ سنو بہ نہ آهي.‘

شويا جون اکيون شرارت وچان ستارن جيان ٽمڪڻ لڳيون، چوڻ لڳي: ”هون... ٿي سگهي ٿو... ٽپالي هجي، ويچارو.“

بس ان تي رسنا کي ڪاوڙ چڙهي وئي، اصل سڀ ڪجهہ وساري صفا پڙڪو ڪائي چوڻ لڳي: ”جي نہ هو ٽپالي ناهي، هرگز نہ!“

”تہ پوءِ ڪير آ؟“ شويا ڪيس وڏيڪ چڙ ڏياريندي چيو: ”بس ڪنڊيڪٽر؟“

”جي نہ!“ رسنا لفظن تي زور ڏيندي چيو، ”پر ٿورو ترس، هن جو نالو بہ ٻڌايانءِ ٿي.“ ائين چوندي هن شويا جي منهن ۾ نهاريو تہ شرمائجي وئي، چوڻ لڳي: ”مون کي شرم ٿو اچي، تون ٻئي پاسي ڏس تہ ٻڌايانءِ ٿي.“ رسنا شويا کي ٻئي پاسي منهن ڪرڻ جو اشارو ڪيو، شويا ٿورو منهن پاسيرو ڪري ڪيس پٺي ڏني تہ رسنا سندس ڪن وٽ اچي چيو: ”وليم.“

شويا مڙي ڪيس چيو: ”وليم نالو اٿس.“

رسنا هلڪي انداز سان ڪنڌ کي هاڪار ۾ ڌوڻيو.

”ڪهڙي وردي پائيندو آ؟“

”ڳاڙهي ڪوٽ واري.“

”ڳاڙهي!!“

”ها، ۽ ڪاري پتلون، جنهن جي وچ ۾ هڪ ڊگهي سونهري پٽي لڳل هوندي اٿس.“

شويا سوچيندي سندس جملو ورجايو: ”ڳاڙهو ڪوٽ!“

”۽ ها ڳاڙهي ڪوٽ تي بہ سونهري بٽڻ لڳل اٿس ۽ ڪاري چڃ جهڙي ٽوپي ۽ ان تي بہ سونهري ڳوٽو ڪناري لڳل...“

”اڙي هان، هاڻ سمجهيم! هان ته اهو ته سينيما جي ٻاهران بيٺل ڪمشنر هوندو آهي، يعني هڪ قسم جو چوڪيدار، ڳاڙهي ڪوٽ ۽ سونهري بٽڻن سان ۽ ڇڄ جهڙي ٽوپي... اهو ئي ته آهي، جڏهن ڪا وڏي گاڏي سينيما جي سامهون اچي بيهندي آهي ته هو موٽر جو در کولي، اندر ويٺل امير شخص کي سليوٽ هڻندو آهي، معنا تنهنجو سويٽ هارٽ ته رڳو چوڪيدار آ، ڇا سمجهيءِ چوڪيدار.“ شوڀا ڪيس وليم جي معمولي سپاهي هجڻ جو احساس ڏياريندي چيو.

ان تي رسنا به سڙي وئي: ”ته تنهنجو لالي ڇاهي؟“

”لالي!“ شوڀا حيران ٿي پڇيس، لالي ان وچ ۾ ڪٿان اچي ويو، لاليءَ جو ان سان ڪهڙو واسطو!“

”ڇو نه؟“ ڪڙي ٽڙي جواب ڏيندي چوڻ لڳي: ”اگر تون منهنجي سويٽ هارٽ متعلق اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿي ته مان تنهنجي لاليءَ لاءِ ڇو نه ٿي ڳالهائي سگهان.“

شوڀا غصي وچان چوڻ لڳي: ”لالي منهنجو ڇا لڳندو آ؟ واه وهيل مڇيءَ جي سواري ڪندي، جيڪڏهن هن ٿوري دير لاءِ منهنجي ڇيلهه کي ڇهيو ته مان ان کي منع ڪيئن ٿي ڪري سگهيس!“

”ته ڇا هن جو ڇهڻ توکي سٺو نه لڳو هو؟“

”نه ته!“ شوڀا ڪوڙ ڳالهايو.

”ته پوءِ تون ان جو انتظار ڇو پئي ڪرين؟“ رسنا چوڻ لڳي ”گهر ڇو ڪونه ٿي وڃين؟“

”تون به ته ان جو انتظار ڪري رهي آهين؟“ شوڀا جواب ۾ چيو.

”مان... ته ...“ رسنا ٿورو ترسي وري چوڻ لڳي، ”مان ته ان لاءِ بيٺي آهيان جو هن چيو آهي ته، تهان ٻئي اتي ترسو، اڪيلو توکي نه پر مون کي به ترسڻ لاءِ چئي ويو آهي ۽ ...“

رسنا ڪجهه ٻيو چوڻ واري هئي ته سامهون لالي به واپس ايندي نظر آيو. هو سيٽيون وڄائيندي، وڏي لاپرواهيءَ سان، ڪوٽ ڪلهي تي رکي، ٽوپيءَ کي وڏي ادا سان نراڙ جي پاسي تي لڙڪائي، ڊگهيون ڊگهيون ٻرانگهون پريندو اچي رهيو هو، هن کي ڏسي ٻئي ساهيڙيون پاڻ ۾ تون تون مان مان ڪرڻ ڇڏي، چپ ٿي ويون. ايندي ئي هن حيرت وچان پرون چاڙهي ڇڏيون ۽ ڳچيءَ کي ٿورو ٽيڏو ڪري چوڻ لڳو:

”اڙي، توهان ٻئي اڃان اتي ئي بيٺيون آهيو؟ هتي ڇا پيون ڪريو؟“

رسنا ٿورو ان جي ويجهو وڃي چيو: ”تون ئي تہ چيو هو هتي ترسڻ لاءِ!“ رسنا ٿورو رازداريءَ واري انداز سان ڪيس تون چئي مخاطب ڪيو. انهيءَ تون چوڻ جو مطلب، شوپيا ڪان علاوه، لاليءِ سان الڳ ۽ خاص رشتو پيدا ڪرڻ هو، پر لاليءَ رسنا کي دڙڪو ڏئي ڪڍيو.

”تون سدائين وچ ۾ ڳالهائيندي آن، تو سان ڪير ٿو ڳالهائي.“

رسنا کي جواب ملي ويو، پر هوءَ بہ ڍيٽ ٿي بيني: ”تو اسان کان پڇيو ان ڪري مون ڳالهايو.“

”شٽ اپ...“ لاليءَ سخت لهجي ۾ کيس جهٽڪيو، ”منهنجو توهان ٻنهي سان ڪهڙو واسطو، پائي.“

اهو ٻڌي، شوپيا جي منهن جو رنگ اڏامي ويو.

لاليءَ بہ هڪدم چئي ڏنو: ”منهنجو مطلب آهي تہ توهان مان هڪڙي ڄڻي ترسي، ٻي هلي وڃي.“

ڄڻ هن کي ان ڳالهہ جي پرواهہ ئي ڪانہ هئي تہ ڪير ترسي ۽ ڪير هلي وڃي. هو پنهنجي آڱرين جي ننهن کي ڏندن ۾ وجهي ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ۽ اک ٽيٽ سان ٻنهي ڏانهن ڏسڻ لڳو تہ سندس جملي جو ٻنهي تي ڪهڙو اثر ٿيو آهي.

رسنا ۽ شوپيا هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيون، پوءِ ٻنهي لاليءَ جي طرف نهاريو، جيڪو پنهنجي منهن ننهن چباڙڻ ۾ مشغول هو.

رسنا چيو: ”تہ نيڪ آ...“

شوپيا بہ ائين ئي چيو: ”تہ نيڪ آ...“

پر ٻنهي مان ڪير بہ پنهنجي جاءِ تان ڪانہ ڇُري. ٻئي ان انتظار ۾ هيون تہ هوءَ وڃي، مان ترسي پوان، پر انهن ٻنهي مان ڪا بہ نہ وئي، لاليءَ انهن ڏانهن رخ ڪندي چيو:

”توهان ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي وڃڻو پوندو.“

وري رسنا جي پاسي نهاري چوڻ لڳو: ”تون ڪاٿي نوڪري ڪندي آن؟“

رسنا چوڻ لڳي: ”مان ڪاڏ ۾، پندرهين سڙڪ تي.“

”۽ تون؟“ هن شوپيا تي ڪجھ اچاتري نظر وڌي.

”مان بہ اتي ئي رهندي آن.“ شوپيا چيو.

لاليءَ پنهنجي پتلون تا مک هٽائڻ وارو انداز ڪندي چيو: ”توهان ٻنهي مان هڪ ڪي گهر وڃڻو پوندو، ۽ هڪ come on، توهان ٻنهي مان هڪ هتي ٻيهي سگهي ٿي، جلدي ٻڌايو، ڪير ٿي ٻيهي، جلدي جلدي ٻڌايو، مون وٽ وقت ڪونهي“
رسنا، لاليءَ جو مغرور چهرو، مضبوط گردن، نراڙ تي لڙڪيل وارن جي چڳ ڏسي سڀ ڪجهه وساري ويٺي، شويا جي طرف اشارو ڪري چوڻ لڳي: ”هيءَ هتي ٻيهندي ته هن جي نوڪري هلي ويندي.“
”ڪنهن جي نوڪري؟“ لاليءَ پڇيو.
”شويا جي!“
”هن ڪي ستين وڳي تائين واپس پهچڻ گهرجي، نه ته گهر جي مالڪياڻي هن ڪي نوڪريءَ کان جواب ڏئي ڇڏيندي، اهو ئي چئي آئي هئي.“
لاليءَ شويا ڏانهن نهاري پڇيو: ”ڇا اهو سچ آهي؟“
”ها...“
”ته ڇا ٿيو، منهنجي نوڪري به ته هلي وئي آ.“
هائو، تنهنجي نوڪري به ختم ٿي وئي آ.“ شويا هٻڪندي چيو.
الائي ته ڪهڙي ڳالهه هئي، جو شويا جي دل خوشيءَ ۽ اميد سبب ڌڪڻ لڳي هئي، هن کي نه پنهنجي نوڪريءَ جي وڃڻ جو خيال پئي ٿيو، نه لاليءَ جي نوڪري ختم ٿيڻ جو ڪو غم. دل ۾ بس ڪنهن گل جي ڪونپل ڦٽڻ لڳي، ڪي دف وڄڻ لڳا، ۽ جڻ مچ تي جسم جي سيڪڻ جو احساس، روح ۾ ڪا مهڪ اچي واسو ڪيو هوس، اکيون لاليءَ جي پياري مکڙي تي ڄمي ويس، لڳس پئي ته هاڻ هيڏي هوڏي ڪڏهن به نه ڀٽڪنديون، شويا، لڄ کان وياڪل ٿيندي، انهن نظرن کي لاليءَ جي چهري تان هٽائڻ چاهيو، پر ڪي نگاهون ڏاڍيون بي شرم ٿينديون آهن، ڄمي وڃن ته هٽنديون ئي ناهن.... ’هاءِ هاڻ ڇا ٿيندو...؟ ڪيئن پنهنجو نگاهون جهڪائي،‘ لاليءَ کي محسوس ٿي ويو ته هو ڇا ڪرڻ وارو هو، ايتري ۾ هن جي ڪنن تي رسنا جو حسرت ڀريو آواز آيو:
”ته مان وڃان شويا؟ هلي وڃان؟“ آواز ۾ بيحد مايوسي هئس.
شويا جي واتان رڳو ايترو نڪتو: ”مان ڪيئن ٿي چئي سگهان.“
رسنا لاليءَ جي پاسي ڏٺو، پر لالي شويا جي طرف نهاري رهيو هو، ڪجهه چوڻ کانسواءِ شويا ۽ لاليءَ پنهنجي رستي تا رسنا کي هٽائي ورتو هو، ڄڻ ته هوءَ اتي موجود ئي ڪانه هئي، موجود هوندي به شايد هلي وئي هئي.

پلا ترسي بہ چا ڪري، رسنا افسوس وچان ڏکھو ساھ کڻي چيو: ”چڱو شوپا، نيڪ آ…. تون ترس.“
لالي اوچتو چرڪي ويو: ”چا سچ پچ تنھنجي نوڪري ھلي ويندي؟“
”گھڙي گھڙي پڇندين چا؟“
لالي خاموش ٿي ويو، دوڏا قاڙي شوپيا ڏانھن ڏسڻ لڳو، رسنا ھلڪي آواز ۾ چيو: ”تہ مان وجان شوپيا؟“ ھن اھڙي تہ ڌيرج ۽ ھلڪي آواز ۾ چيو جيئن ڪو آھستگيءَ سان ڪنھن جو پلءُ پڪڙي ۽ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ھجي.
ھي سوال نہ ھو، التجا ھئي، تہ مان وجان شوپيا، يعني مون کي واپس وڃڻ لاءِ چو ٿي چوين! شوپيا مون کي روڪي وٺ نہ، لاليءَ کي سمجھاءِ نہ.
شوپيا وڏي بيدرديءَ واري انداز ۾ چوڻ لڳي: ”چڱو رسنا تون واپس ھلي وڃ.“
شوپيا کيس اھو ئي چيو، جنھن جي ھن کي اميد ھئي، پر ھوءَ اھو ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ھئي.
ھن جو من ساڻو ساڻو ٿيڻ لڳو، ھوءَ آھستي آھستي واپس وڃڻ لڳي، پر ڪجھ وکون کڻي وري ھنن ڏانھن واپس موٽي آئي ۽ ٻنھي ڏانھن نھاري چوڻ لڳي: ”گڊ نائيٽ“

(4)

مگر ھو ٻئي ھڪ ٻئي ۾ ايترو ڪوئجي ويا ھئا جو ٻنھي مان ڪنھن بہ ھن جي گڊ نائيٽ جو جواب نہ ڏنو، رسنا ٿوري دير اتي بيٺي رھي تہ ’متان انھن ٻنھي مان ڪو کيس گڊ نائيٽ جو جواب ڏئي وجھي، شايد ھن جي پاسي نھاري، سندس اکين ۾ منتظر حسرت پڙھي کيس روڪي وٺن، شايد شوپيا جو ارادو بدلجي وڃي ۽ ھوءَ پنھنجي ساھيڙيءَ جي خاطر رسنا سان واپس گھر موٽي ھلي،‘ پر لڳو ٿي تہ شوپيا جو اھڙو ڪوبہ ارادو ڪونہ ھو، ھن تہ ڏانھس نھاريو ئي ڪونہ پئي.
سوچڻ ڇڏي! رسنا مڙي ٻوٽن واري پاسي ھلي وئي، پر شوپيا ۽ لاليءَ کي خبر ئي ڪانہ پئي تہ ڪير وٽن آيو ھو، ڪير وٽائن ھليو ويو، ھو ٻئي ھڪ ٻئي قريب ٿيندا ويا….
لالي ۽ شوپيا….
ٻئي دنيا جھان کان بي خبر پارڪ جي ھڪ ھلڪي اونداھين ڪنڊ جي پاسي وڃڻ لڳا. جتي ٻوٽن ۽ وڻن جي وچ ۾ لڪل، ڪاٺ جي ھڪ بينچ پئي ھئي ۽ جنھن جي سامھون بجليءَ جو ٿنڀو لڳل ھو، بلب جي روشني پنن مان ڇڻي، ڪاٺ جي رنگين بينچ جي ھڪ ٻن جاين تي پئجي رھي ھئي. ٻئي ڄڻا خاموش، بينچ جي طرف وڌندا پئي ويا، ۽ ڪارنيوال مان موسيقيءَ جا آواز پئي آيا.

ماڻهن جي ڳالهائڻ جا نہ سمجھ ۾ ايندڙ آواز، هڪ لمحي جي خاموشي، وري ماٺ جي ٽان کي چيريندي ڪنهن ٻار جي روئڻ ۽ جهنجهڻ جي آواز جون لهرون ... وري ماٺ، ان سناٽي ۾ ڪنهن ڪار جي هارن جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ تي آيو، ڪار پري ٿيندي وئي، هو بينچ جي ويجهو پئي آيا، گڏ گڏ هلندي هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو... ڪنهن مقناطيسي ڏور سان ٻڌل... ٻن ٻيڙين جيان، هڪ لهري تي لڏندي ...

’اهڙو پل تہ ڪڏهن نہ آيو هو هن جي جيون ۾، هي ڇا پئي ٿيو! هن قدم چو پيا ٿڙن... هوءَ بينچ چو نہ ٿي ويجهو اچي، شايد هوءَ بيهوش ٿي ڪري پوندي، شايد لالي ڪيس ڪٽي بينچ تائين رسائيندو...‘

نہ معلوم ڪڏهن اها بينچ آئي، ڪڏهن سهارو ڏئي هن کي لاليءَ بينچ تي ويهارو، هوءَ واقعي ڪنهن معصوم ڪبوتريءَ وانگر لاليءَ جي پر ۾ ويني هئي، ڳالهائي...

ها... ڪا ڳالھ تہ هن کي، ساڻس ڪرڻ گهرجي... ٻئي ڪجھ نہ ٿا ڳالهائن، ٻئي چپ آهن، ڪيترو نہ ڳورو لمحو هو، ڪنهن ٽائيم بم جيان خطرناڪ ۽ وري ڏک ڏک ڪندڙ هيانءُ، جيڪڏهن هن جلدي نہ ڳالهايو تہ شايد هي لمحو بم وانگر ڦاٽي پوندو، شايد هن جي سموري زندگي ... هوءَ ۽ لالي ٻئي... هوا ۾ ذرو ذرو ٿي وکري ويندا... هن کي ڳالهائڻ گهرجي... پر هزار ڪوشش جي باوجود هوءَ ڪجھ چئي نہ سگهي، هن کي لڳو ٿي تہ ڪنهن سندس نڙيءَ کان جهلي گهٽو ڏئي ورتو آهي، هن جو سمورو وجود ڏکي رهيو آهي. اوچتو لاليءَ وڏي اطمينان سان ۽ غير جذباتي نوع ۾ هن کان پڇيو:

”تون ڇا ڪندي آن؟“

لاليءَ جي ان غير جذباتي لهجي، ان جي پيار جي تصور ۾ وڪوڙجي ويل ڏنڊ کي هڪدم هٽائي ڇڏيو، شويا کي پنهنجي خشڪ ٿيل نڙي آلي ٿيندي محسوس ٿي، هن آهستگيءَ وچان چيو:

”مان ڪُڪ آهيان، رڌو پڪو ڪندي آهيان.“

”۽ رسنا؟“

”هوءَ تہ رڳو ٻهارو ڪندي آهي، شويا ٿورو حقارت واري انداز سان چيو.

لاليءَ پنهنجي نراڙ تان وارن جي چڳ کي هٽايو. شويا جي دل چاهيو تہ جيڪر سندس اها چڳ هوءَ پاڻ هٽائي، ۽ کيس چوي تہ ’اهو تہ منهنجو ڪم آهي،‘ پر شرم کان ڪجھ نہ چيائين. البت اهو سوچيندي ئي شرم کان هن جو چهرو سرخ ٿي ويو، سموري جسم ۾ ڄڻ ڪيوليون هلڻ لڳيون .

لاليءَ پڇيس: ”ڪارنيول جي پارڪ ۾ ڪجھ ڪاڏو پيتو به هيءِ؟“
”نه!“
”ڪجھ ڪائيندينءَ، اُتي هلي.“
”نه“
”ڪنهن ٻئي هنڌ هلي ڪائيندينءَ؟“
لالي سيٽي وڄائڻ لڳو، شوپا ساڙهيءَ جي پلوَ کي مروڙڻ لڳي، لاليءَ سيٽي وڄائڻ بند ڪئي، شوپا پلوَ کي مروڙڻ بند ڪيو، لاليءَ هن ڏانهن نهاري چيو:
”تون ڪارنيوال ۾ گهٽ ايندي آن... مون توکي رڳو ڇھ پيرا ڏٺو آهي.“
”ها اٽڪل ست اٺ پيرا ئي آئي آهيان.“
”تو مون کي ڏٺو هو؟“
”هان... ها.“
”۽ توکي خبر هئي ته مان لالي آهيان.“
”معلوم ڪري ورتو هيم.“ شوپا ڏانهنس نهاري وري پنهنجون نظرون هٽائي ڇڏيون.
لالي مرڪڻ لڳو، ڪجھ لمحن ڪانپوءِ چوڻ لڳو:
”تنهنجو ڪو بواءِ فرينڊ آهي.“
”نه...“
”ڪوڙ نه ڳالهاءِ.“
”توسان ڪوڙ نه ڳالهائيندم.“
”ڪيترا سال ٿيا آهن توکي بمبئيءَ ۾ ڪم ڪندي؟“
”ست سال“
”۽ انهن ستن سالن ۾ تنهنجو ڪو بواءِ فرينڊ نه ٿيو آهي، تون چاهين ٿي ته مان تنهنجي ان ڪوڙ تي يقين ڪري وٺان.“
”سچ ته چوان ٿي، هڪڙو به بواءِ فرينڊ ناهي.“
”اهو لڪ لڪاءُ ڪنهن ٻئي سان ڪجانءِ.“
”تون ضد ڇو ٿو ڪرين ته ڪو آهي.. ۽ تنهنجو زور ان تي آهي ته ڪو ضرور آهي!“
”چاڪاڻ ته تون هن وقت هن بينچ تي مون سان گڏ ويٺي آهيان، جيڪڏهن تنهنجو ڪڏهن ڪو بواءِ فرينڊ نه رهيو آهي ته تون رات جي هن وڳڙي ۾ مون سان هن بينچ تي هن ريت نه ويٺي هجين ها، پوَ ڪان پڇي وڃين ها...“

”پر مون کي توکان پڇڻ نہ ٿيندو آ.“
لالي زور سان کلڻ لڳو، ”ڪيتري نہ احمق آن، لاليءَ کي نہ ٿي سڃاڻين، ٻاهر جي ڪنهن بوٿ تان خبر وٺي ونين هان! ڪيترين ئي ڇوڪرين مون تي مرنديون آهن.“ هن جي لهجي ۾ غرور ۽ وڏائي وڌڻ لڳي: ”هر ڪا ڇوڪري مون کي بواءِ فرينڊ بنائڻ لاءِ تيار آهي، تو جهڙي بورچياڻيون نہ بلڪ اهڙيون اهڙيون ڇوڪريون، جيڪي نرسون آهن، ۽ ٽائيپسٽ، جيڪي وڏن وڏن دفترن ۾ ڪم ڪنديون آهن، مان انهن مان ڪنهن کي بہ پسند ڪري سگهان ٿو.“ لالي پاڻ پڏائڻ واري انداز ۾ چيو.
”مان ڄاڻان ٿي مسٽر لالي...“ شويا سنجيدگيءَ وچان چيو، الائي تہ ڪيئن هن جي اندر ۾ اها جرئت پيدا ٿي وئي.
”ڇا ٿي ڄاڻين؟“
”اهو ئي تہ ڪيترين ئي ڇوڪريون تو تي مرنديون آهن، خود منهنجي ڪيترين ساهيڙين جو اهو حال آهي، ڪيٽ، ميري، وائليٽ، روبي، چنبيلي، صفيہ، گوري ... سيئي ... اڪثر تنهنجو ذڪر ڪنديون آهن ... پر مان ان ڪري نہ ترسي آهيان تہ ... تہ... مان تہ ان ڪري ترسي آهيان جو مون کي افسوس آهي جو منهنجي ڪري تنهنجي نوڪري هلي وئي.“
”هلي وئي تہ هاٽي گهر وڃ.“ لاليءَ کي اهو ٻڌي ڄڻ صدمو پهتو تہ هيءَ سنهڙي سيپڪڙي، سانوري ڪبوتري هن سونهن سوپيا جي ڪري نہ ترسي آهي پر منهنجي نوڪريءَ جي وڃڻ سبب ترسي آهي. هن جي لهجي ۾ ٿوري سختي اچي وئي تہ ’هيءَ ڇوڪري سمجهي ڇا ٿي پاڻ کي،‘ پر شويا هڪدم وراڻيو:
”پر مان هاٽي نہ ويندم.“
”ڇو؟“لاليءَ سوال ڪندي چيو: ”جيڪڏهن مان توکي هن بينچ تي اڪيلو ڇڏي هليو وڃان تہ!؟“
”تہ بہ نہ ويندم.“
لاليءَ کي هن جي ارادي جي مضبوطي پسند آئي. هن ڄڻ نرم نرم لهرن جي اندر ڪنهن پهاڙ کي ڏسي ورتو هو ۽ هن ڄڻ ان پهاڙ تي پنهنجا هٿ رکي ڇڏيا هئا. پوءِ آهستگيءَ سان چيائين: ”هڪ تو جهڙي ڇوڪري منهنجي سويٽ هارٽ هئي، هڪ پيري، بلڪل تو جهڙي ڇوڪري مون کي ملي هئي، رات جي وقت... ڪارنيوال ختم ٿي چڪو هو، اسان روشنيون وسائي رهيا هئاسين تہ ايتري ۾ ....

لالي ٻڌائيندي ٻڌائيندي چپ ٿي ويو. سامهون ڪان ٻه سنتري ڳالهيون ڪندا، هيڏانهن هوڏانهن جاچيندي اچي رهيا هئا، پوءِ انهن ان بينچ تي هن جوڙي کي ويٺل ڏٺو ته سڌو انهن جي طرف وڌي آيا، ۽ اچي هنن جي سامهون ٿي بيٺا. شڪي نظرن سان گهوريندي، انهن ٻنهي کي اشارو ڪيو ۽ لاليءَ کي مخاطب ڪري هڪ سنتريءَ چيو:

”توهان هتي ڇا پيا ڪريو؟“

لاليءَ ويٺي ويٺي ڪيس جواب ڏنو.

”ڪير مان؟“

ان تي سنتريءَ کي غصو اچي ويو ته هن دڙڪو ڏئي ڪيس چيو: ”جڏهن اسان سان ڳالهائجي ته اٿي بيهي ڳالهائجي ميان!“

لالي نه چاهيندي ٻه اٿي بيٺو، پر اٿيو آهستي آهستي، ڇڻ هن جي سنڌن ۾ سور هجي، يا بيهي نه سگهندو هجي يا ڇڻ ڪنهن مجبور ڪيو هجيس، ۽ جيئن ڪنهن ڪم جي ياد اچڻ مهل اٿي بيهبو آهي، پر پوليس جي چوڻ تي نه. هن جي نظرن ۾ پوليس لاءِ نهايت حقارت پريل هئي، پر تورو ڊنل ٻه هو. پهرين سنتريءَ پڇيس: ”تنهنجو نالو ڇاهي؟ ڪم ڪهڙو ڪندو آن؟“

ان ڪان اڳ جو لالي ڪو جواب ڏئي ٻئي سنتريءَ چيو: ”مان هن کي سڃاڻان ٿو، هي لالي آهي، ڪارنيوال ۾ بارڪر آهي، مان سڃاڻان ٿو هن کي.“

پهرين سنتريءَ شوپا کي گهوري ڏٺو، شوپا آهستي آهستي سڏڪڻ لڳي ته پهرين سنتريءَ خفي ٿيندي ڪيس چيو: ”اها سر سر ڇا جي لاتي اٿئي؟ اسان ڪو توکي ڪائي وينداسي، اپن ڊيوٽي پوري ڪرتا هئہ.“

مڙي لاليءَ ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو: ”ڪهڙي بوٿ جو بارڪر آن؟“

لاليءَ پنهنجو ساڄي پاسي وارو ڳِٽو ڪنهندي چيو: ”مسز هوشنگ بائيءَ جي بوٿ تي...“

ٻئي سنتريءَ پهرين سنتريءَ کي چيو: ”مان ان کي ٻه سڃاڻان ٿو، ٻه ٽي ڀيرا ان کي ٻه پڪڙيو آ.“

پهرين سنتريءَ دٻ ڪيڻ واري رعب سان پڇيو: ”تم هتي ڇا ڪرتا هئہ؟“

لاليءَ وڏي اطمينان سان جوب ڏنو: ”اسان ٻئي هن پارڪ ۾ ويٺا آهيون، مان ۽ هيءَ ڇوڪري.“

ٻئي سنتريءَ پڇيس: ”تنهنجي گهر واري آ؟“

لالي کلي پيو: ”گهر واريءَ سان ٻه ڪو پارڪ ۾ ويهندو آ .“

” ته يه تنهنجي چوڪري هئه؟“ پهرين سنتريءَ پڇيس.
“نه چوڪري به ناهي!“
ٻئي سنتريءَ جي دل ۾ شڪ جي گنجائش وڌڻ لڳي، هن شويا کي مخاطب ڪيو:
”تنهنجو نالو ڇاهي؟“
”شويا.“
”اها ٻهارو ڏيڻ واري؟“
”نه ٻورچياڻي آهيان، ڪاڏو پچائيندي آهيان، مسٽر ٻوس وٽ، پندرهين سٽڪ ڪار بمبئي تي.“
”پنهنجا هٿ ڏيکاءِ!“ پهرين سنتريءَ چوڻ لڳو.
شويا کي سمجهه ۾ ته ڪجهه نه آيو، پر هن پنهنجا هٿ اڳتي ڪري ڏانهن وڌايا. پهرين سنتريءَ ٻنهي هٿن جي ترين کي جانچي، ٻئي سنتريءَ کي چيو: ”نيڪ چَوِندي هئه... نوڪرياڻي هئه، هٿ سخت اٿس.“
ٻئي سنتريءَ پڇيس: ”ته هن ٽائيم، گهر تي ماني نه پچائيندينءَ؟ هتي ڇا تي ڪري پئي؟“
شويا چوڻ لڳي: ”اڄ منهنجو هاف هاليڊي آهي.“
”ته هن بينچ تي ڏاڪو جمائي ڪيون ويني هئه؟“ پهرين سنتريءَ دڙڪو ڏيندي پڇيس.
شويا لاجواب ٿي وئي ۽ هن جي منهن ۾ تڪڻ لڳي.
ٻيو سنتري، پهرين سنتريءَ ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو: ”مون کي خبر آهي... اسان هتان ڃُرنداسين مس ته هي ٻئي هنن وڻن جي پويان غائب ٿي ويندا.“
پهرين سنتريءَ کي شويا جي سڏڪن تي شايد رحم اچي ويو، جنهن تي هن چيو: ”يه دلا ڪنهن سان پيي لوَ نهين ڪرتا، خالي تمهارا پيسا جي پويان هئه... هم اس ڪون چڱي طرح جانتا هئه... يه سدائين باورچياڻين، جهاڙو ڏيڻ وارين چوڪرين کي ڦنساتا هئه... ۽ انهن جي جيب خالي ڪراتا هئه... ايي سي توکي بول ديتا هئه ته سياڻ جڏهن تم ٿاڻي ۾ هن جي رپورٽ ڪرڻ آئين گا ته هم تمهارا رپورٽ نهين لين گا، هاڻي ڪان تم کو اس چارسو بيس لاءِ وارن ڪرتا هئه.“
شويا چوڻ لڳي: منهنجي ٻٽوڻ ۾ رکو اٺ آنا آهن سنتري جي.“ چوڻ وقت هن لاليءَ ڏانهن ڪونه ٿي ڏٺو پر پهرين سنتريءَ لاليءَ ڏانهن ڏسندي چيو: ”ٻڌءِ لالي صاحب، هن جي ٻٽوڻ ۾ رکو اٺ آنا پيا آهن.“
لالي چوڻ لڳو: ”مون کي هن جا پئسا نه گهرجن.“

”ماٺ ڪر!“ ٻئي سنتريءَ هن دٻ ڪدي.
لالي ماٺ ٿي ويو. شويا ٻه ان جي پرسان بينچ تي ويهي رهي، سپاهيءَ جي چتاءَ ڏيڻ جي باوجود اتان پري ڪانه ٿي. ٻئي سنتري توري دير چپ چاپ ڏسندا رهيا، پوءِ پهرين سنتريءَ چيو: ”ٻڌي وٺ شويا جي، يه اسان جا ڊيوٽي هئہ، اسان تم ڪو چوندي هئہ، تمهارا ڪا عقل نہ هئہ جو هن چوڪري سان لو ڪرتا هئہ؟ هي توسان ڪوڙا پريم جتاتا هئہ، هر مهيني تمهارا پگهار ڪائي ڪپائي گا، تم ڪو سجو ڪري چوڙيگا.“
شويا چوڻ لڳي: ”مون ڪان چا وڻندو سنتري جي، مان تہ پاڻ غريب هان“
ٻيو سنتري چوڻ لڳو: ”تون نہ ڳالهاءِ. جيڪو چئجي ٿو اهو ٻڌي ونو.“
شويا خاموش ٿي وئي.
پهريون سنتري چوڻ لڳو: ”اسان توکي ٿينڪس ڪرڻ مانگتا هئہ، هم تم ڪو وقت پر اطلاع ڪيا هئہ، هي چوڪرا ٻڙا دغا باز هئہ، تمهار ٻتون ٻه صاف ڪرين گا، سڀ ڪائي جائيگا، وري تم اسان وٽ رپوٽ لاءِ اچينگا، تہ اسان ڪيا ڪر سڪين گا، ان ڪري هاڻي ئي بولتا هئہ، اسان نال هلو، اسان توکي تنهنجي گهر تي پنهچائي گا.“
شويا ڏڪندڙ لهجي ۾ چيو: ”اهو اوهان جو حڪم آهي.“
”حڪم ناهي مائي، اسان توکي سمجهاتا هئہ، بس.“
”حڪم ناهي تہ پوءِ مان ڪانہ ٿي وڃان.“ شويا چيو.
ٻئي سنتريءَ، پهرين سنتريءَ کي چيو: ”ڇڏينس، پوءِ پاڻ ئي پئي رئندي، اسان خبردار ڪري ڇڏيو اٿئونس، بس اسان جي ڊيوٽي ختم، هلي آءُ بسنت پيارا تہ هلون.“
پهرين سنتريءَ هڪ دفعو ٻيهر شويا ڏانهن ائين نهاريو جيئن ڪو ڪنهن بيوقوف چوڪريءَ ڏانهن ڏسندو هجي. پوءِ هن آهستگيءَ سان مٿو ڌوڻيو، پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي پارڪ جي ٻيءَ ڪنڊ طرف گشت ڪرڻ لاءِ هليا ويا.
انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ لالي ۽ شويا، وري بينچ تي ويهي رهيا. لاليءَ کيسي مان رومال ڪڍي پنهنجي منهن تي آيل پگهر اگهيو، پنهنجي نڪ ۽ وات تي ٻه رومال ڦيرايو. پوءِ شويا ڏانهن نهاري پنهنجو ڳنڀو ڪنهڻ لڳو.
شويا هلڪي آواز سان پڇيس: ”پوءِ؟“
لاليءَ وري پڙڪو ڪاڏو ۽ شويا ڏانهن ڪاوڙ مان نهاريندي چوڻ لڳو: ”ها تہ پوءِ...؟“
شويا چوڻ لڳي: ”تون ڪا ڳالهہ شروع ڪرڻ وارو هئين نہ، جڏهن اهي سنتري آيا پئي.“

”اوه... ها،“ ها ڪرڻ وقت لاليءَ کي ياد آيو، ”ها ته مان ڇا ٿي چيو؟“ هن نرمائيءَ وچان شويا کان پڇيو.
شويا چوڻ لڳي: ”تو چيو پئي ته ڪا ڇوڪري هئي، تنهنجي گرل فرينڊ... ڪارنيوال ڪانپوءِ ملي هئي توسان، هن ئي پارڪ ۾... جڏهن تون...“
”او ها ياد آيو، هاڻي ياد آيو،“ حالانڪ هن کي ڪجهه ياد نه ٿي آيو، بس ائين ئي چئي وينو، ”جڏهن اسان روشنيون وسائي رهيا هئاسين ته هڪ ڇوڪري... گهري ڳاڙهي شال ۾ منهنجي پرسان آئي، ۽ مون سان... مون سان...“ هو وري رڪجي ويو ۽ لهجو بدلائي شويا کان پڇڻ لڳو: ”بڌ ته! ... مان ڇوان ٿو ته جيڪو سنترين توکان پڇيو يا منهنجي متعلق جيڪي ڪجهه هنن توکي ٻڌايو، ته ڇا ان ڪانپوءِ به توکي ڊپ نه ٿو لڳي.“
”نه ته.“ شويا هن جي اکين ۾ اکيون وجهي چوڻ لڳي.
”۽ جي مان توکان پٽون ڇني پيجي وڃان ته!“
”منهنجي پٽونءَ ۾ ڪجهه به ناهي، سواءِ انهن اٺن آنن جي.“ شويا ٺڌو ساه کنيو، ”پر جي ڪجهه هجي به ها ته به سڀ تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيان ها.“
”سچ“ لالي حيرت وچان چيو.
”ها، اگر تون چاهين ته مان توکي ڪڏهن به انڪار نه ڪندم.“
”۽ تنهنجي عزت...! ڪٿي وڃائي تو؟“
”منهنجي ته ڪائي عزت آهي ئي ڪانه.“
”ڪڏهن ته هوندي؟“
”ڪڏهن به نه هئي،“ هوءِ روئڻهارڪي ٿي وئي.
هر سوال ڪانپوءِ لاليءَ جو لهجو بي رحم انسان جهڙو ٿيندو پئي ويو، بي رحم ۽ سنگدل، ۽ ڇهبڪ جيان جسم تي پونڌڙ، پر ان ڇهبڪ جو وار خود لاليءَ تي به ٿيو پئي، لڳو ٿي، جڻ هر سوال جو ڇهبڪ سندس ئي پني تي پئي لڳو، پوءِ به سوال ڪندو پئي رهيو، اهي سوال، جن جي قيمت، ۽ جن جي جواب جو قدر ڪنهن زماني ۾ ته ٿيندو هو، اڄڪلهه جي زماني ۾ بلڪل به نه رهيو آهي، هو ان ڳالهه کان واقف هو ۽ انهن سوالن تي ٺٺولي ڪرڻ جي فن کان، هن کان وڌيڪ ڪير واقف هو، پر الائي ته ڇو هن جي اندر ڪهڙي لڪل شرافت هئي جو ان وقت هن کان رڳو اهي ئي سوال ڪري رهيو هو، ان جي ابتڙ شويا نه ته روئي پئي نه ئي سڏڪا ٿي پريائين، نه شرمايائين پئي ۽ نه ڪنهن بيشرمي کان جواب پئي ڏنائين. هن جو اندازو اهڙو هو، ڄڻ اهي سوال، هن لاءِ معمولي

هجن، جن ڪي اڄ جي دنيا ۾ ۽ سندس شخصيت جي ٽانءَ ۾ ڪو مرتبو، ڪو قدر، ڪا قيمت، ۽ ڪا اهميت ڪانہ هئي، جڻ اهي سوال نہ هجن، اڄ جي هلندڙ سماج ۾ ٽڏا ٽيڙ ڪائيندڙ روڙا ۽ پتر هجن.

لالي ڏند ڪرٽيندي چوڻ لڳو: ”پر تو رامونءَ جي حوالي تہ پنهنجو جسم ڪيو هوندو؟“

”اهو تہ ڪرڻو تو پوي،“ شوپا نهايت سنجيدگيءَ سان چيو، ”پر مون کي ان سان پيار نہ هو.“

”مون سان آهي؟“ لاليءَ ٻيو سوال ڪيو.

”نہ!“ هن چپ ڊولا ڪندي چيو.

”تہ هتي ڇو ويٺي هان!“ لاليءَ ٻاھ جي پيڙ وانگر ٻري ويو.”ائين ئي...“ هوءَ هڪ عجيب اداسيءَ وچان چوڻ لڳي، ”بس ائين ئي...“ چوندي رڪجي وئي، پلڪن تي آيل ڳوڙها سندس اکين ۾ اندران ئي اندران ڪو لڪل رستو ناهي، نڙيءَ ۾ قاسي، رڪجي ويا هئا، ۽ سندس آواز انهن ڳوڙهن ۾ ٻڏي ويو، هوءَ اڳتي ڪجھ ڳالهائي نہ سگهي.

لاليءَ ڳالهايو: ”ٻڌ، مون جهڙي مرد سان تہ تون شادي نہ ڪري سگهندينءَ نہ؟!“

”ڇا هر ڳالھ جو جواب اهڙي صفائيءَ سان ڏنو ويندو آهي، جيئن ٻهارو هلائبو آهي؟“ شوپا کي ڪاوڙ اچڻ لڳي.

’لالي چاهي ڇا تو! پنهنجو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ تو چاهي، هن کي غلط ثابت ڪرڻ تو چاهي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جي اڌ زندگي پنهنجو پاڻ کي صحيح ۽ ٻين کي غلط ثابت ڪرڻ ۾ گذري ويندي آهي، ان جي ابتڙ اسان سيئي ماڻهو... سڀ نہ ٻہ ٽہ...ٻہ ئي سهي... پاڻ ۾ ملي، جيون جون غلطيون اڌ اڌ ڪري پاڻ ۾ ورهائي ونن، هڪ ٻئي تي الزام لڳائڻ ڪانسواءِ... جڏهن اسان سک ورهائي سگهندا آهيون، ڏک ورهائي سگهندا آهيون تہ الزام بہ ورهائي ونجن تہ جيڪر زندگي ڪيتري نہ خوش حال ٿي پوي.‘

شوپا جي خاموشيءَ مان لاليءَ غلط مطلب ڪڍيو، هو ڏک ڪاڌل ماڻهوءَ وانگر شڪايت واري لهجي ۾ چوڻ لڳو: ”اگر تون مون کي چاهين نہ ٿي تہ هتي ويٺي ڇو آهين! هلي ڇو نہ ٿي وڃين... هلي وڃ... جتي تون نوڪري ٿي ڪرين اوڏانهن.“

شوپا آهستگيءَ سان چيو: ”هاڻ ڪاڏي وڃان، گهڻي دير ٿي وئي آهي، گهر وارن دروازا بند ڪري ڇڏيا هوندا.“

ڪافي دير تائين ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي رهي، جڻ هڪ دروازو بند ٿي ويو هجي، ۽ ٻيو دروازو اڃان کليو ئي نہ هجي... ٻن دلين جي وچ ۾ اهڙو وقفو بہ ايندو آهي، جنهن

۾ ٻنهي کي سوچڻ ۽ ذهن کي ڪوتڻ جو وقت ملندو آهي، اهڙي ئي وقفي جي وچ ۾ لاليءَ چيو:

”مان سوچيندو آهيان، مون جهڙو برو ماڻهو ٻه نيڪ ٿي سگهي ٿو، نيڪ ڪري سگهجي ٿو.“

دروازو جڻ تورو کلڻ لڳو هو، شوپا کي ان مان روشني نظر اچڻ لڳي، ايتري ۾ مگيرن وارو، سندس اڳيان ڪان، ٻڏل اواز ۾ پڻ پڻ ڪندي گذرڻ لڳو، ۽ اهو دروازو وري بند ٿي ويو.

”مگ قريون، سيڪيل مگ قريون، مگيرا، ڪاجا سيڪيل.“

لاليءَ شوپا کا پڇيو: ”بک لڳي ٿي؟“

”نه“ هن متو ڌوڻي چيو. لاليءَ ٻه مگ قرين واري ڏي منهن ڪري انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، مگيرن وارو هليو ويو، ان سان گڏ سوچڻ سمجهڻ وارو وقفو ٻه هليو ويو. لالي هاڻي ڪنهن چريائپ جهڙي خيال ۾ هو: ’عجيب چوڪري آهي،‘ لاليءَ سوچيو، ’هاڻي ڇا چوي هن کي، سيئي وار گسائي وئي آهي، هيءَ سانوري! نظرون ڪٿي دور پهچي ويون آهن، جڏهن هن ڏي ڏسي ٿي ته اهو ئي ٿو لڳي ته جڻ هن جي طرف ڏسي ئي ڪانه ٿي، لڳي ٿو لاليءَ جو جسم شيشي جو نهيل آهي، جنهن مان شوپا آرپار ... دور افق ۾... خلا ۾ ڪٿي گهڻو دور ڪجھ ڳولهڻ لاءِ وڃي رهي آهي، جنهن کي هزارن سالن کان عورت ڳولهي رهي آهي، مرد سان گڏ هوندي ٻه... ان سان پيار ڪندي ٻه، ان مان ٻار ڄڻيندي ٻه... موه، مايا، ممتا... سڀ ڪان اڳتي وڃي ڪجھ ٻيو ئي ڳولهي رهي آهي، اهو جيڪو اڄ تائين ڪيس ڪونه مليو آهي.‘

لالي خاموش آهي، هو ٻه ساهن جي ان سمنڊ ۾ اڪيلو پيو تڙڳي. رات جي وڏنڊڙ ويل جي ڪپڙن ۾ ويڙهيل آهستي آهستي، نه سمجھ ۾ ايندڙ تاريڪيءَ جو حصو ٻڻجي چڪو آهي. هاڻي هن تائين ڪو ٻه ڪرڻو نه ٿو پهچي، ڪنهن تاريڪ ريڊيائي سياري جيان وقت جي دوربين جي اکين کان اوجهل اڪيلو سڙي رهيو آهي، هونئن ٻه ماڻهو پيڙ ۾ اڪيلو ٿي پوندو آهي ۽ اڪيلي ۾ پيڙ ٻڻجي ويندو آهي، ان ڏنڌلڪي جهڙي خاموشيءَ جي وچ ۾ ڪٿي ڪا هڪڙي منزل جاڳندي آهي.

مسز هوشنگ ٻائيءَ جو پراڻو توتارو وڃي رهيو آهي، نچڻ لاءِ هن جي رڳ رڳ ۾ لئي سمائجندي ٿي وڃي، انگ انگ ۾ ان جي وڄت ڌڙڪڻ لڳي ٿي، پوءِ هن جو ڪنهن ٻي

شيءِ سان ناتو جڙي ويو، هو اڪيلو نہ هو، هن جون تنگون لئي جي ڍار تي ٽرڪڻ لڳيون آهن.

”نچندينءَ؟ لالي‍ءَ شويا کان پڇيو.

”نہ...!“

”ڇو نہ؟“

”ڪوئي ڏسندو تہ ڇا چوندو؟“

”توکي ڪنهن جي پرواه ڇو ٿيڻ لڳي آهي؟“

”چاڪاڻ جو مون کي شادي تہ ڪرڻي ڪانهي.“ شويا ڌڪاري لهجي ۾ چوڻ لڳي، ”شادي ڪرڻي هجي ها تہ مون تي بہ ڪو فرق نہ پوي ها، پر مون کي تہ شادي ڪرڻي ئي ناهي، ان ڪري مون کي پنهنجو خيال رکڻو پوندو آ.“

”۽ اگر مان توکي شاديءَ لاءِ چوان تہ؟“ لالي بي ڌڙڪ چئي ڏنو، پر چوڻ ڪانپوءِ پاڻ تي حيرت ڪائڻ لڳو تہ هن اها ڳالهہ، بنا سوچڻ جي چئي ڪيئن ڇڏي!، ’پر الائي تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي،‘ دل ۾ سوچيائين تہ ڪيس پنهنجي جملي تي افسوس نہ ٿيو، ڪنهن بہ ريت هن کي ڪو پڇتاءُ محسوس ڪونہ ٿيو.

شويا چپ چاپ ۽ حيرت مان هن کي نهارڻ لڳي، ڄڻ ڪيس اعتبار ڪونہ ٿي آيو.

”ڇو ڇا ٿيو؟، لاليءَ پڇيو، ”تون سوچين ڇو پئي، ڪٿي سنتريءَ جيڪو چيو هو اهو تہ ياد نہ ٿو اچئي؟“ لالي جي چپن تي طنز واري مرڪ اچي وئي، هن جا چپ نفرت ۽ حقارت وچان چبا ٿي ويا، ”تون ضرور سوچيندي هوندينءَ، آخر لاليءَ بہ اهو ئي حربو استعمال ڪيو، جيڪو هر ڇوڪريءَ لاءِ...“

شويا هن جي وات تي هٿ رکي ورتو: ”نہ لالي صاحب! مون کي انهن ڳالهين جي پرواه ناهي،“ جيترو جلدي هن سندس وات تي هٿ رکيو هو، اوترو ئي جلدي هن هٿ هٽائي بہ ورتو، ڇاڪاڻ تہ لاليءَ جا چپ ٻري رهيا هئا، هن کي ڏاڍي حيرت ٿي، لاليءَ جا چپ خشڪ هئا ۽ گرم هئا، ڄڻ هن جي پنهنجي دل جلندي هجي.

لالي چوڻ لڳو: ”پر تون مون جهڙي آواره ڇوڪري سان شادي نہ ڪندينءَ نہ؟ .... نہ ڪندينءَ نہ؟“

شويا جي اکين ۾ ڳوڙها ترڻ لڳا، پوءِ هن انهن ڳوڙهن کي ڳيت ڏئي ڏيرج کان ڪم وٺندي چيو: ”اگر مان ڪنهن سان پيار ڪريان تہ پوءِ ڇاهي کهڙو بہ هجي، پوءِ ڇاهي مان ان لاءِ مري ئي ڇو نہ وڃان.“

هڪ شيطاني مرڪ مرڪندي هن شويا ڏانهن نهاريو: ”فرض ڪر تنهنجي پٽونءَ ۾ ڪجھ پئسا آهن، اهي اگر مان ڪٽي وٺان ته؟“
”ته ڪٽي وٺ.“ شويا سڪون سان جواب ڏنو.
لاليءَ جو شيطان پڄي ويو، پر لاليءَ کي ان جي پڄي وڃڻ جو افسوس ٿيو ته اهو ان وقت ڇو پڄي ويو! اهو ئي ته وقت هو هن جي وٺس ترسڻ جو، جڏهن هوءَ بي وس ڇوڪري سندس پرسان ويني هئي. اهڙن موقعن تي جيڪڏهن شيطان ساڻ نه هجي ته ماڻهو ڪجھ به ڪري نه ٿو سگهي، الائي ته ڇو لالي اداس ٿي ويو. ڪارنيوال جي ٻرندڙ بلبن جي روشني، اشوڪ جي وڻن تي لڏندي، جهوليندي ۽ فضا ۾ موتين جي لڙين کي جهومندي ڏسي لالي اداس لهجي ۾ چيو: ”بس مون کي ايترو ئي ڪرڻو آهي ته هن وٺ واپس هليو وڃان، هوءَ مون کي وري ڪم تي رکي وٺندي، پنهنجي بوٽ تي، وڏي خوشيءَ سان... مون کي بس هاڻي هن وٽ وڃڻو پوندو.“
رات جي وڌندڙ اونداهيءَ ۾ لاليءَ جو اداس چهرو ڏسي شويا، هن جي ٻانهن سان لڳي ويٺي، ۽ ملائم آواز ۾ چوڻ لڳي: ”هن وٽ نه وڃ...“
لاليءَ جون ناسون آهستي آهستي ڦهلجڻ لڳيون، پريان ڪٿان رات جي راڻيءَ جي مهڪ اچي رهي هئي، هن دل ۾ سوچيو، ۽ سوچي هن هوشنگ بائيءَ ڏانهن واپس وڃڻ کي وساري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هو صاف سٿرن ڪپڙن ۽ نرم گرم خوشبو جو عاشق هو، هن هڪ ڊگهو ساهه کڻي ان خوشبو کي پنهنجي اندر ۾ اوتي ورتو: ”ڪيتري نه مست ڪندڙ خوشبو آ، الائي ته ڪٿان پئي اچي!“
شويا آهستگيءَ سان پنهنجي آڱر هن جي هٿ تي رکي ۽ التجا واري لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”هن وٽ نه وڃ.“
لاليءَ چيو: ”هوءَ مون کي واپس سڏائي وٺندي، وري ڪم تي لڳائي ڇڏيندي، مان ڇاڻان ٿو ته ڇو!“
شويا پنهنجي ٻي آڱر به سندس هٿ تي رکي، پوءِ ٽين، پوءِ چوٿين، ائين پنج ئي آڱريون لاليءَ جي ٻانهن تي رکي ڇڏيون، جن ۾ پنل گلن ۽ پنن جي جهڙو ڇهاءُ هو، لالي هن جي مٿي تي جهڪي ويو، ۽ هلڪو ساهه کڻي، خوشيءَ وچان چوڻ لڳو:
”هون! هي خوشبو ته تنهنجي وارن مان پئي اچي... رات جي راڻيءَ جي..“
شويا پنهنجو هٿ هوا ۾ لوڏيو: ”اهي گل هوا پئي آڻي..“

لاليءَ به هٿ وڌائي، شويا جي هٿ ۾ ڏنو، وڏنڊڙ رات ۾ هوا جا تيز جهوتا، گل چاٺي رهيا هئا، ۽ لاليءَ حقيقت ۾ ڏنو ته وٽن ۽ ولين مان ڪيترائي گل ڇٽي بينچ تي جهڪيل شويا جي وارن مٿان، لاليءَ جي ڪلهن تي، ٻنهي جي هٿن جي ڪليل ترين تي، انسان جي اوجل آرزوئن جيان چمڪي رهيا آهن، محبت جو اطمينان وارو ساه ڪٽي لاليءَ شويا جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ رات گهري ٿيندي وئي.

(5)

چاچي ڪلٽي، ڪوئلن سان پريل لوه جي سگري، هٿن ۾ ڪٽي ڪانيءَ جي نهيل ورانڊي ۾ اچي ٻارڻ لڳي، چاڪاڻ ته هن جو رنڊٽو گهٽو نندو هو ۽ سگري دڪائڻ وقت دونهين سان پرجي ويندو هو. سگري دڪائڻ کان اڳ ۾ هن سٽڪ جي ڪناري، پري پري تائين نهاريو، لاليءَ جو ڪو پرو ڪونه هو.

ٽن مهينن کان شويا ۽ سندس چاچي ڪلٽي، پراٽي ڪانيءَ جي نهيل چپر ۾ رهيل هئا، چاڪاڻ ته لاليءَ کي اجان ڪو ڪم نه مليو هو:

’پر ڪم ملي به ڪيئن،‘ چاچي ڪلٽيءَ ڪاوڙ وچان ڪوئلن کي ڦوڪيندي سوچيو،’ڪم ڳولهڻ جي ڪوشش ڪجي ته ڪاتي نه ڪاتي ته ملي ئي ويندو آهي، پر... پر هي ڪوئلا به صفا ڪي آلا آهن، ديويءَ جي مار پوي ان واٽيي ڪوئلن وڪڻڻ واري تي، ڪمبخت، نه تور جو پورو نه مور سان سچو.‘

چاچي ڪلٽي زور زور سان سگريءَ ۾ ڦوڪون ڏيڻ لڳي.

هن جي ساڄي ڳل تي جيڪو تر هو، ان تي جمي آيل وار، ڪوئلن مان نڪرنڊڙ هوا تي عجب انداز سان لڏندا هئا، چاچي ڪلٽيءَ جي شڪل گهٽي قدر چرچل سان ملندي هئي، ۽ ڳالهه ڳالهه تي ان ئي نموني ڪاڪڙي تي زور ڏئي ڳالهائيندي هئي. چاچي ڪلٽيءَ جو پٽ چندن، وچولي درجي جو معمولي فوٽوگرافر هو، هن جو اسٽوڊيو ڪارنيوال پارڪ سان گڏ هو، جيڪو سٽڪ جي ڪناري، پراٽي ۽ ڳريل حالت واري ڪاٺ جي چپري ۾ هو، پر چندن جي ڪم لاءِ بلڪل نيڪ هو، ان جي اندر ڪافي وڏو هال هو، جنهن ۾ چندن اسٽوڊيو ٺاهيو هو، پويان ڊارڪ روم هيس، جنهن تي ڪاري رنگ جو پردو پيل هوندو هو، جنهن جي مٿان ڳاڙهي بتي روشن هوندي هئي، ان جي پرسان ٽراءِ پارڊ تي ڪيميرا رکيل هوندي هئي، ۽ ڪابي پاسي به رنگين پردا ٽنگيل هئا، جن مان هڪڙي تي آبشار جو منظر هو، جيئن ته شهري ماڻهن جن ڪڏهن آبشار ڏنو ئي ڪونه آهي ۽ ساري حياتي اوندهين ڳلين ۾ گذاري آهي، اهي آبشار جي اڳيان تصوير ڇڪرائڻ ۾ عجيب

لذت محسوس ڪندا آهن. ٻئي پردي تي چيتي جي شڪل نهيل آهي ۽ ان جي مٿان ڪاري پردي جو اهڙو محراب آهي جيڪو پويان ڪلي ٿو، ۽ گراهڪ پردي جي پويان وڃي، چيتي تي ٽنگ رکي فوٽو ڇڪرائيندا آهن، ڄڻ چيتي تي سواري ڪري رهيو هجي. اهو بہ انهن شهرين جو شوق آهي جن اڄ تائين ٽرام يا بس ڪانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ تي سواري ئي نہ ڪئي آهي، اهي سڀ ڪمزور ۽ ڏٻرا، پر اندر ۾ ڪنهن غيرمعمولي ڪم ڪرڻ جي خواهش رکندڙ انسان گهٽو ڪري شينهن تي سوار ٿي تصوير ڇڪرائيندا آهن.۽ چندن جو اسٽوڊيو گهڻو ڪري ان سواريءَ جي تصوير تي هلندو آهي. ڊارڪ روم ۽ رسوئيءَ جي وچ ۾ جيڪا جاءِ بچيل آهي، اتي هڪ پراٽو پر بيحد ڪشادو صوفو رکيل آهي، جيڪو رات جو، لاليءَ جي بستري جو ڪم ڏيندو آهي. صوفي جي پويان جيڪا دري ڪلي ٿي، ان مان ڪارنيوال جون روشنيون ڏسي سگهجن ٿيون ۽ وڻن جي وچ مان چوڏول، چڪرا ۽ چيڪلا بہ نظر ايندا آهن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن هوا جو رخ هن پاسي ٿيندو آهي تہ ڪارنيوال جو سڄو گوڙ، متي ۾ سور وڄهندڙ ان جي موسيقي، ماڻهن جو ميڙ ڪنو ڪندڙن جا هوڪا بہ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

لاليءَ کي اها جاءِ ڏاڍي پسند آهي، رات جو هو اتي ئي سمهندو آهي، ڏينهن جو پنهنجي دوستن سان وينو تاش راند ڪيڏندو آهي، جڏهن تہ شويا رنڌڻي ۾ ڪم ڪندي آهي ۽ چاچي ڪلٽي پڻ پڻ ڪندي رڳو پئي حڪم هلائيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن شويا سان هٿ بہ ونڊائيندي آهي، تہ ڪڏهن ڪڏهن ڊارڪ روم ۾ چندن سان بہ گڏجي ڪم ڪندي آهي.

جڏهن سگريءَ جي ٻاه مچي وئي ۽ ان مان اُلا نڪرڻ لڳا تہ چاچي ڪلٽيءَ جي ڪاوڙ مان ڦوڪيل ڳلن کي ڪجهہ آرام نصيب ٿيو. اتي ٻيهي پهرين تہ هن پنهنجي چپي تي ويل چيلهہ سڌي ڪئي، پوءِ پنهنجي ساڙهيءَ کي پيڏين ڪان متي ڪري، متيون حصو ڪلهن ۾ ڦاسائي ڇڏيو، پوءِ سگري کڻي، وري سٽڪ جي سامهون، ساڄي ۽ ڪاٻي نهاريو.

’اٽڪل يارهن وڄي ويا هئا، ليڪن لاليءَ جو ڪو پتو ڪونہ هو ۽ هوءَ دانگيءَ منهين شويا، سندس ياڻتي، لاليءَ سان اهڙي تہ ريجهي ويني هئي جو هن کي ڇڏڻ جو نالو ئي نہ ٿي ڳنهيائين. حالانڪ قسم ونو جو ٽن مهينن ۾ هڪ ٽڪو بہ لالي ڪٿان ڪمائي آيو هجي، بس رڳو گهر ۾ مئو پيو هوندو ۽ اتي مانيون پيو مروڙي ڪائيندو، لفنگو ڪنهن جاءِ جو... رات ڪان گم آ...! ‘

چاچي ڪلٽي سگري کڻي واپس چيري ۾ گهڙي وئي، جنهن جي ٻاهران ”چندن اسٽوڊيو“ جو بورڊ ٽنگيل هو. ’لاليءَ ۽ شويا کي گهر ڪان ڪڍي چو نہ ٿي ڇڏي؟ شويا کهڙي وري

هن جي سڀُي پائٽي آهي! بس ڪيس چاچي چوندي، سو بہ تڏهن جڏهن بيڪار هوندي هئي، تڏهن اچي سندس گهر ۾ رهندي هئي، جڏهن ڪم تي هوندي هئي تہ پنهنجي پگهار جي رقم وٽس رکرائيندي هئي. شوپا سان هن کي انهن ستن ورهين دوران ڪابہ شڪايت ڪانہ ٿي هئي، شوپا واقعي دل جي نيڪ آهي، پر جي لالي ... '

چاچي ڪلٽي سڳري ڪٿي شوپا ۽ رسنا جي پر مان پڻ پڻ ڪندي گذري وئي.

شوپا ۽ رسنا ان وقت ٻئي جٽيون، تڏو وڇائي، وچ رکيل ٿالهيءَ ۾ پيل پٽاٽا ۽ بصر ڪاٽيندي، ڳالهيون بہ ڪري رهيون هيون، رسنا ۽ شوپا ٻنهي، چاچيءَ کي رنڊٽي جي پاسي ويندي ڏٺو ۽ هڪ ٻئي ڏانهن بنا ڪجهہ چوڻ جي عجب وارين نظرن سان ڏسي مرڪي پيون.

رسنا چوڻ لڳي: ”مان ان ڏينهن وليم سان گڏجي ڪارنيوال وئي هيس، اتي مون ٻڌو تہ لاليءَ گرڌر دادا کي ڏاڍو ماريو آ.“

”رڳو ماريو آ...؟“ شوپا فخر وچان چيو، هن تہ ماري ماري هن کي سمهاري ڇڏيو هو اصل ڍير ڪري ڇڏيائينس.“

”پر مون ٻڌو آ تہ گرڌر دادا هن ڪان وڏيڪ ٻلوان آ.“

”لڙائي جهڳڙي ۾ خالي ٻلواني ڪم نہ ٿي اچي، ان ۾ هوشياري ۽ ڦڙتي تي گهرجي، جيڪو اڳرائي ڪري اهو ئي ڪتندو آ، ۽ تون ڄاڻين ٿي تہ لالي اڳرائي ڪرڻ ۾ ڏاڍو تکو آهي.“

رسنا هڪ پٽاٽي جا ٽي ٽڪر ڪيا، وري ٻئي پٽاٽي تي چاقوءَ جي ڌار رکي چوڻ لڳي: ”مون ٻڌو آ تہ پوليس لاليءَ کي ٿاڻي تي پڪڙي وئي هئي؟“

شوپا وڏائيءَ وچان چيو: ”ها! پر ٻئي ڏينهن ڇڏي ڏنائونس، انهن ٽن مهينن ۾ جڏهن کان اسان چاچي ڪلٽيءَ وٽ رهڻ لاءِ آيا آهيون، لالي بہ دفعا پڪڙيو بہ آ، تہ ٻئي پيرا ڇڏجي بہ آيو آ.“

”پر پوليس وارن ڪيس ڇڏيو ڪيئن؟“ رسنا پڇيس.

شوپا معصوميت واري نوع ۾ چوڻ لڳي: ”چاڪاڻ تہ هن جو ڏوہ تہ هيو ئي ڪونہ ... نہ!“

رسنا کي يقين نہ آيو، هوءَ ڪجهہ چوڻ واري هئي تہ چاچي ڪلٽي رنڊٽي مان، پنهنجا وڏا وڏا ڪلها لوڏائيندي، بلڪ ٽڙندي ٻاهر آئي ۽ اچي هنن ٻنهي ساهيڙين جي مٿان بيٺي،

ٻئي هٿ چيلهه تي رکي چوڻ لڳي: ”ڪچهريون ته گهٽيون پيون ٿين پر ڪم اُڪلجي ئي نه ٿو.“

”نه چاچي...“ شوپا اطمينان سان تاڙي هٿن ۾ ڪٽي ڪيس ڏيکاريندي چوڻ لڳي، ”پٽاٽا ته چلي، ڪاٽي ورتا آهن، بس ٿورا بصر رهيل آهن.“

”بصر به جلدي ڪٽي ڏيو.“ چاچي چوڻ لڳي: ”هو تنهنجو پيءُ اجهو اچڻ وارو هوندو، رات ڪان گم آ، پر صبح ٿيندي مانيءَ جي وقت ضرور پهچي ويندو. ڏينهن ۾ چار پنج ڀيرا چانهن پيئندو، پر ڪم نه ڪندو، اڄ ته ڪوئلا به پورا ٿي ويا آهن، سياٽي ڪان ڪوئلن جي نئين ڳوٽي ايندي ۽ ها راشن به.... پر هو نه پاڻ ڪم ڪندو نه تو کي ڪرڻ ڏيندو، چو ته ان سان هن جو شان ٿو گهٽجي، اهڙو ڏندو ڏوتو، رڳو ٿو ننڊان ڪري، شرم نه ٿو اچيس پنهنجي بيڪاريءَ تي.“

شوپا دٻيل لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”چاچي هن کي نه چؤ...“

”چو نه چوان، نڪمو، ڪم چور، رڳو ٿو روٽيون ڪائي، هن گهر ۾ نه هجي ها ته اڄ تائين جيل ۾ هجي ها. بس تنهنجي ڪري چپ هان ... پر.“ ڪاوڙ وچان اڳتي ڳالهائي نه سگهي. چاچي ڪلٽيءَ پٽاٽن واري تاڙي، شوپا جي هٿن مان کسي ورتي ۽ واپس رنڌڻي ڏانهن هلي وئي.

چاچي هلي وئي ته رسنا چوڻ لڳي ”ڏاڍي تيپيل مائي آ...“

شوپا ڪنڌ جهڪائي چيو: ”زبان ڪراب اٿس، پر دل جي سوني آ، هن جي... هي سيڪجهه اها ئي ته آٽيندي آ، هيءَ نه هجي ته جيڪر اڄ اسان جي الائي ڪهڙي حالت هجي ها.“

رسنا بصر جي هڪ ڍيريءَ کي غور سان ڏسندي وري چيو: ”پر خبر ته پئي.“

”ڪهڙي؟“

”هو فوجي ناهي.“

”نه چؤ ڙي!“

”ها سچ ٿي چوانءِ.“

”تون ته اڪثر هن سان ملڻ ويندي آن،“ شوپا ڪانئس ائين ئي پڇيو، حالانڪ ڪيس هن جي معاملي سان ڪا دلچسپي ڪانه هئي.

”هن تيون ڏينهن ... تيون ڏينهن .“ رسنا هٻڪندي چيو، ”هن مون کي شاديءَ لاءِ چيو.“

”هان هان!“ شوپا کي دلچسپي ٿيڻ لڳي.

”مون سان ميريج ڪرڻ تو چاهي!“
”هان ائين چوئي تو... پوءِ تو چا چيس؟“
رسنا ٿورو آڪڙ ڏيکاريندي چيو: ”نهيو ڪر ادي، هاڻ مان منگلور جي مسيحي ڳوٺ واري ڇوڪري ناهيان، مان هاڻ بامبي جي ڇوڪرين وانگر سڀ ڪجهه سمجهي وئي هان، معلوم اٿئي ... مان هاڻ هن کي فلرٽ ڪندي آن.“
”فلرٽ...؟“
شوڀا کي ڪل اچڻ لڳي، پر هن پنهنجي کل روڪي ورتي ته ڪٿي رسنا ڪاوڙجي نه وڃي. پر رسنا پنهنجي خوشيءَ ۾ مگن، پنهنجي عشق جو قصو ٻڌائڻ لاءِ بيتاب هئي... هن کي ٻيو ڪجهه سجهيو ئي ڪونه پئي، ان ڪري هن شوڀا جي اکين جي چمڪ ۽ سندس چپن تي ٽوڪ واري لڪل مرڪ تي غور ئي نه ڪيو، چوڻ لڳي:
”هاءِ، جڏهن هو چوندو آ، پارڪ ۾ هلون، ته مان چوندي هان اوهون... وري هو خوشامد ڪندو آ، چوندو آ، پارڪ ۾ هلندينءَ ته نئون گلوبند وٺي ڏيندوسانءِ.... پر مان وري به نه ويندي آن ... هن سان پارڪ ۾، بس هتي هتي ڦري گهري موٽي ايندي آن... ۽ دروازي جي ٻاهران ئي هن کي گڏ ٻائي ڪري ڇڏيندي آن...“ ائين چئي رسنا زور زور سان کلڻ لڳي.
شوڀا چيو: ”ان کي تون فلرٽ ڪرڻ ٿي چوين...؟
”ٻيو نه ته...“ رسنا مزي سان مٿو ڌوڻي جواب ڏنو، ”پاپ آ... سمجهان ٿي... اها شرارت شيطاني آ... پر مزو ڏاڍو آ فلرٽ ڪرڻ ۾.“
شوڀا ڳالهه جو رخ بدلائيندي پڇيس: ”وڙهندي به آهينس؟“
رسنا ڊرامائي مڪالمي وانگر جملو ادا ڪندي چيو: ”جڏهن محبت جو جذبو، طوفان وانگر اٿندو آهي جيئن Passionate Love فلم ۾ پاڻ ٻنهي ڏٺو هو... ياد اٿئي؟“
”ها ياد آهي.“
”بس ائين هو منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، پيلڪو گارڊن ۾ مون سان گڏ گهمندو آ، پوءِ هلندي هلندي مون کي چوندو آ... آءُ ته هٿ لوڏائيندا گل مهر جي وڻن جي هينان هلندا هلون...پر مان ان تي به ڪڏهن ڪڏهن هن کي جهليندي آن... پر وري هو منهنجي خوشامد ڪندو آهي، پوءِ مان مڃي وٺندي هان ... پوءِ اسان ٻئي هٿ لوڏائيندا ...گاهه تي هلندي، گل مهر جي سونهري گلن واري ڇاريءَ جي هينان پهچي ويندا آهيون... ۽ پوءِ هو منهنجي چيلهه ۾ پنهنجي ٻانهن ڦيرائي وٺندو آ... بلڪل فلم

Passionate Love جي منظر وانگر... جنهن کي اسان ٻنهي ڏسي پسند ڪيو هو، ياد اٿي نه؟ هونئن ائين ڪرڻ ته گناهه آ نه؟ پر مزو ڏاڍو ايندو آ..."

"توکي خوشي به ته ٿيندي آ نه..." شويا رشڪ واري لهجي ۾ چيو.

"واقعي ڏاڍي."

رسنا جلدي جلدي ڳالهائڻ لڳي، چاڪاڻ ته اڄ اهي ئي ڳالهيون ته هوءَ شويا کي ٻڌائڻ آئي هئي، ۽ انهن ڳالهين سان هن جي دل ئي نه پر پيٽ به ڦوڪجي ويو هو، ان ڪري جلدي جلدي هڪ ڊگهو ساهه کڻي وري چوڻ لڳي: "پر سيني ڪان گهٽي خوشي مون کي آئيڊل لَو ۾ ملندي آ."

"اها وري ڪهڙي بلا ٿيندي آ؟"

"مان هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته اهو پيار ڪنهن عمدي قسم جو ٿيندو آهي، جڏهن اسان فلرٽنگ ۽ Passionate Love ڪان واندا ٿي، پارڪ جي ڪنهن ڪنڌ ۾ جتي ٻيو ڪوئي نه هجي، اڪيلي هڪ ٻئي سان گڏجي ڪنهن گهاٽي ٻوٽي جي وچ ۾ وڃي ويهندا آهيون، ته هو پنهنجا ڳِٽا منهنجي ڳِٽن سان ملائيندو آهي ۽ زور زور سان منهنجو هٿ جهليندو آ، پهرين ته اسان ٻنهي جا ساهه تيز تيز هلڻ لڳندا آهن، پوءِ ڳِلن سان ڳِل لڳائي، جڻ ٻنهي کي ننڊ اچڻ لڳندي آ، ۽ ائين اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ چپ چاپ وينا هوندا آهيون ۽ ماڪ ۾ پِجي ويندا آهيون."

ائين چوندي چوندي رسنا پاڻ به ان فرضي منظر ۾ ڪوئجي وئي، هن آهستي آهستي پنهنجون اکيون بند ڪيون ۽ ڪيتري دير تائين نهايت پرسڪون انداز سان اکيون بند ڪري ويني رهي، پوءِ اوچتو اکيون کولي چوڻ لڳي: "ان کي چوندا آهن آئيڊل لو، ۽ اهو ئي سڀ ڪان سٺو ٿيندو آهي."

رسنا چپ ڪئي ته شويا به هڪ ٿڌو ساهه کنيو: "ڪلهه رات جو ويل آ... اڃان تائين نه موٽيو آ."

"مالڪياڻيءَ چيو هو ته ليزيءَ کي نمائش ڏيکاري ٽيڪسيءَ تي وني اچجانس، پر مان ته هن کي بس ۾ ويهاري وني آئي آن، هي پوٽا چار روپيا بچي پيا آهن، اهي تون رکي وٺ." رسنا چوندي پنهنجو ٻٽون کولي اهي پيسا ڪڍيا، ته شويا ڪانئس وٺندي چيو:

"ته اهي ملائي، تنهنجا مون ڏي هاڻ ٻاويهه رپيا نوَ آنا ٿيا."

"ها! ٻاويهه رپيا نوَ آنا."

رسنا پنهنجي پئسن متعلق اطمينان ڪندي چيو، چاڪاڻ ته هن کي شڪ پئي ٿيو ته متان شويا کي پوري رقم ياد نه هجي.
شويا اهي پئسا پنهنجي ننڍڙي ٻٽونءَ ۾ رکيا: "اگر هو ڪو ڪم شروع ڪري ته ڪهڙي مشڪل آ؟"
"پوءِ ڪري چو نه ٿو؟"
"چوي ٿو ته ٻيو ڪم ڪونه ٿو اچي مون کي ۽ هاٿي موتي ڪارنيوال ٻه نه ويندس... باقي ٻيا سڀ ڪم..." شويا افسوس وچان ڪنڌ لوڏائيندي چيو، جڻ لاليءَ جي حماقت تي افسوس ڪندي هجي، "ٻيا سڀ ڪم هن کي گهٽ ٿا نظر اچن، ان ڪري ٻيو ٻه ڪجهه نه ٿو ڪري بس پيو هوندو آ."
"اها ته خراب ڳالهه آ."
"بوس بابوءَ ٻه نئين بورچياڻي رکي آ.."
"تي ته بدلائي چڪو آ، جڏهن کان تون وئي آهين." رسنا ڪيس ٻڌائيندي ٿورو ساهه کنيو، "منهنجي وليم ٻه سينيما جي چوڪيداري ڇڏي ڏني آ... هاڻ هو ميونسپل ڪارپوريشن ۾ نوڪر ٿي ويو آ...هاڻ هن کي ميونسپل ڪوارٽر ٻه مليو آ."
"مان ته چوان ٿي..." شويا جو ڌيان اجان لاليءَ واري ڳالهه تي اٽڪيل هو، "مان ته چوانس ٿي ته تون وري ڪارنيوال ۾ ڪم ڪر، پر هو نه ٿو مڃي، پڇانس ٿي ته ماري ٿو، هن سومر تي ته هن مون کي ڏاڍو ماريو."
"تون ٻه مارينس ها..."
"نه مان ڪجهه نه چيومانس." شويا ڏکاري لهجي ۾ چيو، "هو ماڪي ماريندو رهيو ۽ مان رئندي رهيس."
"هن کي ڇڏي ڏي..." رسنا غصي ۾ چيو.
"دل نه ٿي مڃي، چا ڪيان، مار کائي ٻه هن جي منهن ۾ ٿي ڏسان ته سڄي ڪاوڙ وسري ٿي وڃي."
"تنهنجي جاءِ تي مان هجان ته جيڪر ڪڏهوڪو ڇڏي چڪي هجان ها، وري ڪڏهن منهن ٻه نه ڏسانس... ۽" پر رسنا اوچتو چپ ٿي وئي، چاڪاڻ ته رنڌڻي مان چاچي ڪلٽي هٿن ۾ گرم پاڻيءَ جي ڪيتلي ڪٽي ٻاهر آئي هئي، حالانڪ رنڌڻي مان هن جو رستو ڊارڪ روم جي پاسي سڌو ٿي ويو، پر پوءِ ٻه چڪر ڪري هنن ڇوڪرين جي پاسي کان گذري وڃڻ لڳي، گذرندي ٿورو بيهي هن ڪاوڙ واري انداز ۾ چيو:

”سارو ڏينهن تاش کيڏندو، دادا ٿيو ماڻهن جا متا ڦاڙيندو، غريب ڇوڪرين کان پيسا ڦريندو، پوليس ڏسيس ٿي ته منهن ٻئي پاسي ٿو ڦيري وٺي، الائي ڇا ٿيو آهي! ڪوئي هن کي سڌاري نه ٿو سگهي.“

شويا ۽ رسنا ٻئي ڪنڌ جهڪايو خاموش وينيون هيون.

چاچي وري چوڻ لڳي: ”هو! صبح ساجهر بسنتو ڪباڙيو، ٻهارا ناهڻ وارو آيو هو.“

شويا هڪدم وچ ۾ چيس: ”اهو پاٽي چانهن لاءِ آ نه؟“

چاچي پاٽيءَ واري ڪيتلي پنهنجي پويان لڪائيندي چوڻ لڳي: ”بسنتي جو پنهنجو ورڪشاپ به آهي، اهو قد ۾ ڇهه فوٽ ڏگهو به آ...تڪڙو، سانورو، رنڙ ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ به آ... رن مري وئي اٿس ... ته ڇا ٿيو! اڃان جوان آ ۽ محنتي آ... ۽ شڪل صورت جو به سٺو آ...ڪمائي به چڱي موچاري اٿس... روز روز شويا لاءِ پڇندو آ...“

شويا ڳالهه ٽارڻ خاطر رسنا کي چيو: ”اهي ٻاويهه رپيا نوَ آنا ٿيندا يا ٻاويهه رپيا تيرنهن آنا؟“

”هان...!“ رسنا دل ۾ حساب ڪندي چيو، ”ها... ٻاويهه رپيا تيرهن آنا.“

چاچي ڪلٽي نڙيءَ تي زور ڏيندي چيو: ”هو بسنتو پنجون پيرو آيو آ... هو توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهي، تون ڇا جي ڪري هن ٻڪڙي سان چنبڙي پئي آن... اڙي سٺو ٿئي! بسنتي جا به ٻار آهن، جيڪي ٻهرين زال ڇڏي وئي اٿس، پر...“

شويا، چاچيءَ جي ڳالهين مان بيزار ٿيندي چيو: ”چاچي تون ڇو ٿي تنگ ٿئين، تون ڪيتلي رکي ڇڏ، چانهن مان پاڻ ئي ناهي وٺنديس.“

”بسنتو ٻاهر بيٺو آ، تنهنجي راه پيو تڪي.“

”ان کي چئُ ته هليو وڃي...“ شويا ڪاوڙ واري نوع ۾ چيو.

”وري موٽي ايندو،“ چاچيءَ چيو، ”۽ ٿيندو ڇا؟ هو تنهنجوڏندو لالي! هن کي ڏسندو ته ڪاوڙ ۾ مار ڌاڙ شروع ڪري ڏيندو... مان ته عاجز اچي تي آهيان هن مان، جڏهن ڏس جهڳڙو، رڳڙو ۽ لفڙو.“ وري رسنا ڏي منهن ڪري چوڻ لڳي: ”خبر اٿي ... هن ويچاريءَ کي به هٽي موچڙن سان ڌاهي رکيائين، پوئين سومر تي، غندو آ غندو، ۽ پوليس به ڪجهه نه ٿي چوي اهڙن ماڻهن کي.“

رسنا خاموش ٿي هئي، شويا به چپ ڪري ويني هئي، ٻنهي تي ڪيل حملو خالي ڏسي، چاچي ٻڙ ٻڙ ڪندي ڊارڪ روم جي پاسي، گرم پاٽيءَ جي ڪيتلي ڪٽي هلي وئي. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ رسنا، شويا کان پڇيو: ”ڪو ڪباڙي تو سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي؟“

”هائو...“

”ته تون انڪار ڇو ٿي ڪرين؟“

”ان ڪري ... جو!“

”لالي توکي ڪمائي ٿو کارائي ڇا؟“ رسنا ڪاوڙ وچان چيو، ”متان مارئي به ٿو ۽ تون اهو سڀ ڪجهه سهين به ٿي، ڪجهه چوين به نه ٿي، ڇو ته هن جو نالو لالي آ... ائين نه؟“

”نه ائين ناهي، هو دل جو برو ناهي.“ شوپيا يقين سان چوڻ لڳي.

رسنا پڇيس: ”ان ڏينهن، جنهن ڏينهن تهان بئي پارڪ ۾ وينا هيئُ... ۽ مون کي گهر موٽائي ڇڏيو هيءِ... تڏهن ته ڏاڍيون منيون منيون ڳالهيون ڪيون هوندوَ؟

”ها... ته؟“ شوپيا جي اکين آڏو اهي موهيندڙ يادون ڦرڻ لڳيون، ”ان ڏينهن هو ڏاڍو منو لڳو هو، ۽ مهربان به...“

”پوءِ اوچتو جهنگلي ٿي پيو...“ رسنا پڇيس.

”ڪڏهن ڪڏهن هو اوچتو جهنگلي ۽ وحشي ٿي پوندو آ...“ شوپيا جي چهري تي ڪاوڙ ۽ محبت جا جذبا رلمل ٿيڻ لڳا، ”پوءِ ان رات هو ڏاڍو منو هو، منو ته هاڻي به آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته ڏاڍي نرم ۽ منڙي لهجي ۾ ڳالهائيندو آ... رات جو ڪاڏو ڪائي، جڏهن هن دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي ڪارنيوال جي سنگيت ٻڌندو آ ته هن جي وڏين اکين ۾ عجيب آنسو اچي ويندا آهن.“

”ان وقت ڪجهه چوندو آهي توکي؟“

”ڪجهه به نه چوندو آ... بس دور ڪٿي ڏسندو رهندو آ...“

”۽ تنهنجي اکين ۾... نه؟“ رسنا پڇيس.

”بس هڪ پل لاءِ.“ شوپيا هن کي ٻڌائڻ لڳي،

”پر هڪدم اکيون ڦيرائي ڇڏيندو آ...“ ائين چئي شوپيا به رسنا جي پاسي کان اکيون ڦيرائي ڇڏيون، ڇاڪاڻ ته لاليءَ کي ياد ڪندي هن جو من پرچي آيو هو، پنهنجي رئي سان هن پنهنجا ڳوڙها اگهندي چيو: ”رسنا هو ڏاڍو دکي آ، ڇاڪاڻ ته هن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ناهي، انڪري غصي ۾ اچي مون کي به ماريو هئائين.“

”اها به ڪا ڳالهه آ...!“ رسنا نفرت وچان ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، ”توکي ان ڪري ٿو ماري ته هن وٽ ڪو ڪم ناهي، بدمعاش.“

”هر وقت هن جي دل تي بار هوندو آ، ڪڏهن ڪڏهن مان به پاڻ کي مجرم سمجهندي هان... منهنجي ڪري ئي ته هنجي نوڪري وئي نه!“
”پر توکي ڪٿي ڪٿي ڏک لڳا آهن؟“ رسنا پڇيس.
”ڪٿي به نه.“ شويا چيو، رسنا غور سان هن جي طرف نهاريو، پوءِ اهو ڏسي ته شويا ڏانهن ڏسڻ جي بجاءِ دروازي ڏانهن پئي نهاريو، هن به ڪنڌ موڙي دروازي ڏانهن ڏٺو، ته اتي مسز هوشنگ بائي بينل نظر آئي. هن کي هڪ وڏي سائي رنگ جي ساڙهي پاتل هئي، جنهن تي انب جي پنن واري زري ڪڙهيل هئي، هٿن ۾ مينا جي ڪم واريون منديون ۽ چهري تي عمدي قسم جي ميڪ اپ ٿيل هئي؛
’ڪمن ڪارين مان فارغ ٿي، پوريءَ طرح هار سينگار ڪري، تيار ٿي آئي هئي مردار...‘ رسنا دل ۾ سوچيو، ’هيءَ عورت ته ناهي... ڳجهه آ ڳجهه، لاليءَ جهڙن جوان ڇوڪرن کي رهڙي کائي ويندي آ...‘
شويا مسز هوشنگ بائيءَ کي دروازي کان اڳتي ايندي ڏسي ڪيس عزت وچان اٿي بيٺي.
مسز هوشنگ بائيءَ پڇيس: ”لالي گهر تي آهي؟“
”نه...“
مسز هوشنگ بائي ان صوفي تي ويهي رهي، جيڪو دريءَ جي سامهون رکيل هو، چوڻ لڳي: ”مان ان جو انتظار ڪريان ٿي.“
رسنا چپ رهڻ مناسب نه سمجهيو، جنهن ڪري هن نهايت تکي انداز ۾ پڇيس: ”وڏي همت آ مائي تنهنجي، جو هن گهر ۾ آئي آن.“
مسز هوشنگ بائي ان کي دڙڪو ڏيندي چيو: ”ڇا تون هن گهر جي مالڪياڻي آهين، زبان سنڀالي ڳالهاءِ، نه ته هڪڙو هٿ ڏيندي سانءِ.“
”پر ڇو؟ شويا جي گهر ۾ به ڇو آئي آن... مان پڇي سگهان ٿي ته ڇو؟“ رسنا وري چيس.
”تنهنجو ڪهڙو ڪم ڇوڪري.“ مسز هوشنگ بائي وري رعب سان چيو، پوءِ شويا کي مخاطب ڪندي ٿورو نرم لهجي ۾ چيائين، ”تون هن ڇوڪريءَ جون ڳالهيون نه ٻڌ... ڊارلنگ تون ڄاڻي ٿي ته مان ڇو آئي آهيان... مان هن لوفر، نڪمي ٻار کي ڪم ڏيڻ آئي آهيان... هو منهنجي بوٽ تي اڄ وري ڪم شروع ڪري سگهي ٿو.
رسنا چوڻ لڳي: ”ميڊم... هو ٽن مهينن کان تنهنجي بوٽ تي نه آيو آ ته ڇا ايترا ڏينهن بڪ پئي مئو؟“

”تون سان ڪير تو ڳالهائي ڇوڪري!“ رسنا ڪان منهن ڦيري، شويا کي سمجهائڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳي، ”تون ته منهنجي ڳالهه سمجهي ٿي نه؟“
رسنا بيحد غصي ۾ هئي ۽ هڪدم اٿي بيهي رهي، هن کي شويا جو ائين خاموش رهڻ بلڪل نه وڻيو، چوڻ لڳي: ”منهنجو گهر هجي ها ته هڪدم ٻاهر ڪري ڇڏيانس ها، پر اهو ته مان ڪري نه ٿي سگهان پر مان پاڻ هلي ٿي وڃان.... گڊ بائي.“
شويا جي ڪجهه چوڻ کان اڳ ۾ ئي هوشنگ ٻائيءَ طنز ڪندي چيو: ”گڊ باءِ.“ ۽ وڏي ادب وچان رسنا جي اڳيان جهڪي، ڇڻ ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪيس دروازو ڏيکاري رهي هجي.
رسنا در تائين ڪاوڙ ۾ پٽ پٽ ڪندي وئي، پوءِ مڙي شويا کي چوڻ لڳي: ”تيرهن آنا...“
”ها...“ شويا چيو، ”جي تيرهن آنا.“
”گڊ بائي.“ رسنا ساٽس هٿ ملائي ٻاهر نڪري وئي. شويا ڪنڌ جهڪائي، در وٽان هلي رنڌڻي جي پاسي وڃڻ لڳي. رنڌڻي پاسي وڃڻ لاءِ ڪيس ان هال جي ڊگهائيءَ وارو رستو طئي ڪرڻو هو ۽ مسز هوشنگ ٻائي جي پر مان ئي گذرڻو هو، ۽ اهو ئي ڪم هن لاءِ نهايت مشڪل هو. هن، ان عورت جي شڪل به ڏسڻ گوارا نه ٿي ڪئي، پر هوءَ رسنا جيان وڏي وات ڳالهائي نه پئي سگهي، هونئن جيترو ڪجهه رسنا هن کي چيو هو، اهو ڇڻ شويا جي طرفداريءَ ۾ ئي چيو هو.
’اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي به هيءَ عورت هتان نه ٿي وڃي، الٽو صوفي تي ويهي لاليءَ جو انتظار ٿي ڪري ته مان ڇا ٿي ڪري سگهان، بس ايترو ئي ڪري ٿي سگهان ته چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي ڪمري مان دروازي تائين پورو فاصلو پار ڪري ٻي ڪنڊ ۾، رنڌڻي ۾ هلي وڃان.‘
هن جي ڪنن تي مسز هوشنگ جو آواز اچڻ لڳو: ”مان هن کي روز جا ٽي رپيا ڏيندي هيس،“ هوءَ چئي رهي هئي، ”۽ هر سنڌي تي پنج رپيا ڏيندي هيس، سگريٽ الڳ، نري جي بوتل الڳ، گراهڪن کان جا ٽپ ملندي هيس اها الڳ... ٻڌين ٿي؟“
شويا هلندي بيهي رهي، پر هن ڪيس ڪو جواب نه ڏنو. هوشنگ ٻائيءَ وري ڳالهايو:
”سمورين رعايتن کي ڇڏي هو بڪ مرندو! پر مون کان معافي نه وٺندو ... چڱو نهيو، گولي هڻ معافيءَ کي، هن کي چئُ ته مون وٽ موٽي اچي.“
شويا کي دل تي ڄڻ ڪا مُڪ لڳي وئي.

”سيئي چوڪريون ٺيون پچن،“ مسز هوشنگ ٻائي وڏي آواز سان چوڻ لڳي، هن جي لهجي ۾ نفرت جا جذبا صاف ظاهر هئا، تعريف ٻه هئي ته ساڙ ٻه ۽ ڪاوڙ پڻ، ۽ مسلسل ڳالهايائين پئي: ”منهنجي جتيءَ تي، پلي ٻک مري يا هن گندي ڪوليءَ ۾ رهي، پر گراهڪ هن جو پڇن ضرور ٿا ۽ مون کي ٻه بزنيس ڪرڻو آهي، ان ڪري مان آئي آهيان، نه ته مون کي ڪهڙي گتي پئي آهي...“

اوچتو هوشنگ خاموش ٿي وئي، چاڪاڻ ته هن شويا جي چهري تي بدلجندڙ ڀاوَ ڏسي ورتا. شويا جيڪا تيستائين رنڌڻي تائين پهچي چڪي هئي، هڪدم ڪنهن اندروني خوشيءَ وچان گلنار ٿي وئي، هوءَ رنڌڻي وٽان ڊوڙي ڊوڙي دروازي تائين وئي، چاڪاڻ ته اتي هن لاليءَ کي ايندي ڏٺو هو، جنهن جي پويان سندس دوست ”جهگو“ بڇڙي حالت ۾ اچي رهيو هو، جيڪو شڪل صورت ۾ عادي مجرم نظر ايندو هو ۽ جنهن سان لالي سارو ڏينهن وينو تاش کيڏندو هو. يا جنهن سان لالي مختلف اڏن تي وڃي شراب پيئندو هو، جهگو ڏٻرڙو هو پر اکين مان عيار ۽ مڪار لڳندو هو، هن جي عمر ٽيهن کان پنجاه سالن تائين ٿيندي، پر شڪل يا ڊيل ڊول مان هن جي عمر جو پتو ڪونه ٿي پيو. هن جو چهري ۾ جهير پيل هئا پر جسم جوان ۽ لچڪيدار هوس.

لچڪيدار اهڙو جهڙو نانگ، جهڙو وڏو ساپو، جڻ ہر مان نڪرندڙ ڪو خطرناڪ ڪيئون، جنهن کي ڏسندي، سندس بدبودار لباس کي ڏسندي، هن تي انسان کان وڌيڪ ڪنهن خطرناڪ ڪيئين جو خيال اچي. شويا کي هن کان سخت نفرت هئي، ۽ جهگو ٻه هن جي سامهون نه ايندو هو، سدائين لنوائيندو هو، پاڻ کي پاسيرو ڪري پوءِ ڳالهائيندو هو، شويا خوشيءَ وچان اڳتي وڌندي ٻيهي رهي، ۽ سنجيده ٿيندي چوڻ لڳي: ”هوشنگ ٻائي آئي آ..“

”ها ڏسان پيو.“ لاليءِ سختي سان چيو.

”ته ڳالهائيس نه.“ شويا چوڻ لڳي.

”ڇاجي لاءِ ؟“ لالي پڙڪو ڪائيندي چيو،”ته تون چو هتي ٻيٺي آن، ڇا گهرجي توکي؟“

”ڪجهه نه.“ شويا ڊڄندي چيو.

”ته پنهنجو وات بند ڪر، لالي ڪاوڙ واري اندا ز ۾ چيو، ”نه ته چوڻ شروع ڪندينءَ، ڪاٿي هئين رات؟ ڪاڏي ويو هئين؟ گهر چو نه آئين؟ ڪم چو نه ٿو ڪرين! منهنجي مائٽن تي چٽي ٿي پيو آن، نه ڪمائين ٿو نه ڏمائين ٿو، رڳو ٿو روٽيون ڳڙين...“

”پر مان ته ڪجهه چوان ئي ڪانه ٿي!“ شويا جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

”چوين نه ٿي، پر زبان تي اهو سڀ ڪجهه رکيو اٿئي.“ لالي ساڳئي غصي وچان چيو، ”مون کي سڀ خبر پوندي آ... ان ڪري پنهنجي زبان بند رکندي ڪر... نه ته!“
لاليءَ ڪاوڙ مان هٿ اولاريو ته شوپا مار جي ڊپ کان ڏڪي، پوئتي ديوار سان وڃي بيني ته مسز هوشنگ بائي به... لاليءَ جي غصي سبب پنجري ۾ بند چيتي وانگر ڦيرون پائڻ لڳو.
’وار پريشان، ڪپڙا ميرا، ڏاڙهي وڌيل، ڪالر مڙيل... چا هي اهو لالي آهي!‘ مسز هوشنگ بائيءَ سوچيو، پوءِ جهڳي تي نظر وڌائين، جهڳي کي هوءَ به سڃاڻيندي هئي:
’ميٺوڙي رنگ جي پتلون جا پاچا گوڏن تائين چڙهيل هئس، آڪين جون پتليون تيزيءَ سان هيڏانهن
هوڏانهن حرڪت ڪندڙ، ننڍي گردن، تنگ پيشاني ...حرامپائيءَ جي نشاني.‘ مسز هوشنگ بائي پنهنجي منهن پٽڪڻ لڳي، پر هڪدم پڙڪو ڪائي جهڳي کي چوڻ لڳي:
”تون ئي هميشه هن کي گهلي اتي وٺي ويندو آن ... ڪڏهن جوئا کيڏائڻ، ڪڏهن نرو پيئارڻ... توکي ته حوالات ۾ بند ڪرائينديس.“
جهڳي جي ڏکهي نڪ جون ٽيڏيون ناسون انتهائي حقارت سان ڦنڊڻ لڳيون، هن به انهيءَ انداز سان ڪيس جواب ڏيندي چيو: ”تو جهڙين ماين سان ته مان ڳالهائڻ به پسند نه ڪندو آن...“ جهڳو چوندي پوئتي هٽي ويو، ۽ پٽ تي ٽيڪ ڏئي، منهن کي چبو ڪري، ٻئي هٿ ڪيسي ۾ وجهي، مٿي ٽين جي ڇت ڏانهن ڏسڻ لڳو.
شوپا چوڻ لڳي: ”مسز هوشنگ بائي توسان ملڻ آئي آ... آئي آ ته ڳالهائينس چو نه ٿو؟“
مسز هوشنگ بائي لاليءَ کي مخاطب ٿيندي چوڻ لڳي: ”تو چا لاءِ هر وقت هن غنڊي سان گهمندو ٿو رهين، هي توکي هڪ نه هڪ ڏينهن چوريءَ ڏاڙي ۾ ڦاسرائي ڇڏيندو.“
”مان ڪڏهن ڪنهن سان ٿو گهمان، توکي ان سان چا؟“ لالي ڪڙڪي سان چوڻ لڳو، ”منهنجي من ۾ جيڪي ايندو اهو ڪندس، تون پنهنجي ڳالهه ڪر... توکي چا گهرجي؟“
مسز هوشنگ هن جي اکين ۾ تڪيندي چوڻ لڳي: ”توکي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته مون کي چا گهرجي!“
”نه مون کي معلوم ناهي!“ لاليءَ جواب ۾ چيو ۽ اکيون ڦيري ڇڏيون.
” ناهي معلوم؟“ غصي وچان مسز هوشنگ بائيءَ جا ڳٽا ڳاڙها ٿي ويا، ”ته چا مان هتي ڪرسمس ڪارڊ ورهائڻ آئي آهيان؟“
”ته مون کي چا تنهنجا ڪي پئسا ڏيٺا آهن؟“ لاليءَ پڇيس.

”ها ڏيٺا آهن!“ مسز هوشنگ جو جملو ٻٽي معنا وارو هو، ”پر مان هن وقت توکان پيسا گھرڻ نه آئي آهيان، پيسا گھرڻ لاءِ چا مان تو جهڙي ٻڪئي وٽ ايندس، واه منهنجا سيٺ، پر لالي تون ڄاڻين ٿو ته مون کي چا گھرجي.“

هاڻي لالي سڌي مطلب واري ڳالھ تي ايندي چيو: ”پر تو وٽ گرڏر جو بينو آ؟“

”ها آهي ته ؟“

”اهو به ته ايترا ئي گهٽا ماڻهو کنا کندو آ، جيترا مان کندو هوس؟“

”ها اهو به سنو بارڪر آهي“ مسز هوشنگ ٻائي کيس دلجوئي ڏيڻ واري نوع ۾ چيو، ”۽ ان کي هتان کڏهن نه ڇڏيندس، پر منهنجي بوٽ تي ڪم گھٽو آهي، مون کي هڪ نه به بارڪر گهرجن.“

لاليءَ پڇيس: ”جڏهن مان هيس ته هڪ سان ڪم هلندو هو!“

مسز هوشنگ، هن جي سوال جو جواب جلد نه ڏنو، ان ڪري ٿوري دير خاموش رهي، پوءِ آهستگيءَ سان چيائين، جنهن ۾ التجا جو عنصر به موجود هو:

”جيڪڏهن تون ايندين ته مان هن کي ڪڏي ڇڏيندس.“

لالي چوڻ لڳو: ”هو ايترو ئي سنو آ ته هن کي چو ڪڏي ڇڏيندينئس؟“ لاليءَ جي چهري تي هاڻي شيطاني مرڪ ڪيڏڻ لڳي، هو محسوس ڪري رهيو هو ته مسز هوشنگ جا دليل ڪمزور ٿيندا پئي ويا، مسز هوشنگ هن جي طرف نهاري، اکيون جهڪائي ورتيون هيون، سندس چهري تي پگھر جا هلڪا ڦڙا نظر اچڻ لڳا هئا. لاليءَ جي دل نرم ٿيڻ لڳي، هن شويا کي چيو:

”چاچيءَ کي چرءُ هڪ ڪوپ چانهن جو ته ڏي.“

شويا رنڌڻي ڏانهن هلي وئي ته لالي چوڻ لڳو: ”هان ته گرڏر تمام سنو آ؟“

ايترو چئي لالي پنهنجي پراڻي صوفي تي وينو، جيڪو دريءَ جي سامهون رکيو هو، مسز هوشنگ جيڪا دريءَ جي پر ۾ بيني هئي، اها اتان هلي اچي لاليءَ جي پر ۾ صوفي تي ويني ۽ هن ڏانهن ڏسي فڪر واري لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”تون رات جو گهر تي چو نه ٿو اچين، ٻاهر چو ٿو سمهين؟ ڏس ته ڪهڙي حالت ڪري ڇڏي اٿي پنهنجي.“

لالي چپن تان کل لاهڻ لاءِ چپن کي ڏندن ۾ ڏئي ڇڏيو: ”هان! ته تمام سنو آهي نه تنهنجو گرڏر.“

”نراڙ تان وار ته هٽاءِ.“ هن چيس.

” نهيو ڇڏي ڏي انهن کي، تو کي چاهي؟“

مسز هوشنگ جو آواز هلڪو ٿي ويو، هن جي لهجي ۾ پنهنجائپ اچي وئي، آهستي آهستي سندس نراڙ تان وارن کي هٽائيندي چوڻ لڳي: ”ڇ جيڪڏهن مان توکي وار اڳيان نراڙ تي ڪرڻ لاءِ چوان ها ته تون انهن کي پوئتي ڪري ڇڏين ها.“
پر لاليءَ ڪجهه نه ڳالهايو ۽ لاليءَ هن کي وارن جي چڳ هٽائڻ تي نه روڪيو ته هوءَ هن جي ٿورو وڏيڪ ويجهو ٿي چوڻ لڳي: ”پڌو آ ته تون هن کي ماريندو به آهين؟“
”ان ۾ تنهنجو ڇا؟“
”وڏو دادا بڻيو آهين نه؟ هن ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ کي ماريندي توکي شرم نه ٿو اچي!“
”هن جي ڳالهه نه ڪر، ڇا تنهنجو من نه ٿو چاهي ته هن جي جاءِ تي تون هجين ها!“ لالي به پنهنجائپ واري انداز ۾ چيو.
مسز هوشنگ بود ۾ پرجي وئي: ”ايتري بيوقوف ناهيان مان...“ ائين چئي چپ ٿي وئي، ڪجهه سوچيائين، ڪجهه غور ڪيائين، ڪجهه پنهنجي طرف خيال ڪيائين ته هڪ سرد آه پري، اداس لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”مان وڏي بيوقوف آهيان ... نه هجان ها ته تنهنجي پويان پويان ڇو ڀڄندي وتان ها ... هيئن! هن بزنيس لاءِ، جيڪڏهن پنهنجو بوٽ وڪڻي سگهان ها! ته سچ پچ هي سڀ ڪجهه وڪڻي، هي شهر ڇڏي هلي وڃان ها.“
پوءِ لاليءَ جي اکين ۾ نهاري چوڻ لڳي: ”لالي ضد نه ڪر... واپس مونڏي اچ... مان تنهنجي پگهار به وڌائيندس.“
لالي خاموش وينو رهيو.
مسز هوشنگ هن جي ڪلهي کي لوڏائي چوڻ لڳي: ”ٻڌين ٿو؟“
لاليءَ جي دل ته ٿڌي ٿي پر پوريءَ ريت نه. مسز هوشنگ وٽ واپس وڃڻ ڪان اڳ ۾ هن ڪيس چڱيءَ طرح جهڪائڻ ٿي چاهيو: ”پر مون ڪانسواءِ تنهنجو بزنيس ته سٺي نموني پيو هلي نه؟“
”مسز هوشنگ گهٽيل آواز ۾ چيو: ”هلي ته ٿو ... پر اوئين نه ٿو هلي.“
لاليءَ جي چهري تي خوشيءَ جا ڀاوَ اچي ويا: ”ان جو مطلب ته توکي منهنجي ڪمي محسوس ٿئي ٿي نه؟“
مسز هوشنگ لاليءَ جي چالاڪي سمجهي وئي، ان ڪري وري پاسو بدلائي چوڻ لڳي: ”مون کي! هرگز نه، پر اهي بيوقوف نرسون، آيائون، ٽائيپسٽ ڇوڪريون، اهي سڀ ڇوڪريون تنهنجو پڇنديون آهن ... هاڻي وڏيڪ ضد نه ڪر، واپس اچ!“

لاليءَ ٿوري دير ڪانپوءِ چيو: ”هن کي ڇڏي ڏيان؟“
”تون هن کي ماريندو ڪندو آهين نه؟“
”ماريندو آن، ماريندو آن، ڇڻ روز جي ڳالهه هجي!“ لالي کاوڙ ڪرڻ لڳو، ”توکي ڪير تو ٻڌائي، اهو سيڪجهه، جتي وڃان تو اهو ئي جملو تو ٻڌان، سڄي ماهم ۾، باندري ۾ بس اها ئي ڳالهه مشهور ٿي وئي آ ته مان شوپا کي ماريندو هان... بس پوئين سومر تي ئي ته ... پوءِ به ٿورو هٿ هنيو مانس...ان کي چا مارڻ چئبو آ... ماريو ته مون گرڌر کي هو... هن کي به ياد هوندو.“ لاليءَ جي چهري تي پنهنجي ڪاميابيءَ جا اولڙا پوڻ لڳا. جيڪا گرڌر داد جي هن حالت ڪئي هئي، ان جي تصوير هن جي دماغ ۾ ڦرڻ لڳي، هن جي ڳچي آڪڙ وچان اپي تي وئي. مسز هوشنگ سندس انداز کي سمجهي وئي، ته پيار سان ٻچڪر ڏئي چوڻ لڳي:
”هاڻي نهيو، ان ڳالهه کي ڇڏ...“
”ماريندو هان هن کي!“ لالي خفي ٿيندي چيو، ”واه مان چو روز روز ماريندومانس.“
مسز هوشنگ چوڻ لڳي: ”اڙي هاڻي ڇڏ ڪٽي ان ڳالهه کي... هن چوڪريءَ ۾ آهي چا جو تون هن جي باري ۾ ايترو تو سوچين، توکي صرف ٽي مهينا ٿياآهن، هن سان شادي ڪئي...تنهنجي اکين مان لڳي تو ته تون هن مان تنگ ٿي پيو آن...بيزار ٿي پيو آن... هن دريءَ کان ٻاهر ڏس.“ مسز هوشنگ ڏاڍي پيار وچان سندس گردن، دريءَ جي پاسي گهمائيندي چيو، ”هن کان ٻاهر تنهنجي ڪارنيوال آهي... هن جو آواز نه ٻڌندو آن؟ ويجهو ئي ته منهنجو بوٿ آ... اسان جو گڏ لڪ چيڪلو... چوڪريون، ٽڪيٽون، رپيا... اهڙو احمق اڳ ته تون ڪونه هئين... چا ٿي ويو آ توکي، راتين جون راتيون ڪٿي هوندو آن؟ چا ته حالت بڻائي ٿي پنهنجي.“
”توکي چاهي؟“
” تون ته سدائين صاف سٿرو رهندو هئين، ڪنهن شهزادي وانگر... سڄي ڪارنيوال ۾ تو جهڙو سهڻو ڪوبه نه هو، الائي ته ڪٽي تو ڌڪا کائيندو وتين... خبر اٿي مون نئون ساز خريد ڪيو آ...“
”ها خبر آ...“
”دريءَ کان ان جو آواز ته ايندو آ نه، سنو آ نه؟“
”ها سنو آ.“ هن چپ چباڙيندي چيو.

مسز هوشنگ هن جي وڏيڪ ويجهو ٿي ويني، گهرو ساهه کڻي چوڻ لڳي: ”هن کي ڏيان سان ٻڌ... جڏهن چيڪلو هلندو آهي ۽ اهو ساز وڄندو آهي ته ڄڻ نشو چڙهڻ لڳندو آهي، اتي اچي ٻڌ نه!“ ٿورو وقفو ڪري وري چوڻ لڳي: ”مون ٻه پراڻا ڪانيءَ وارا گهوڙا ٻه بدلائي ڇڏيا آهن، اهي جن جا ڪن ٽٽي پيا هئا.“

”انهن جي جاءِ تي ڇا رکيو اٿئي؟“ لاليءَ جي دل ۾ پنهنجي پيشي متعلق دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي.

”تون ٻڌاءِ ني...؟“ مسز هوشنگ منجهنس شوق کي وڌائيندي چيو.

لاليءَ اکيون بند ڪري غور ڪندي چيو: ”زيبرا؟“

”نه.“

گيندو؟“

”نه“ مسز هوشنگ خوش ٿيندي چيو، ”موٽر ڪار.“ چوندي پنهنجا ٻئي هٿ ڦهلائي چوڻ لڳي: ”هيتري وڏي.“

لاليءَ جي چهري تي خوشي، لهرن جيان ايرڻ لڳي، مسز هوشنگ هن جي دلچسپي ڏسي، ڳوٺ تي ڳوٺ مارڻ وارو انداز اختيار ڪندي چوڻ لڳي: ”مان سمجهان ٿي ته جيڪڏهن تو ۾ ٿورو به عقل هوندو ته تو واپس اچي ويندين... هونئن به هتي هتي رلندي سڙي ويندين، مون وٽ تنهنجو آرٽ توکي واپس ٿو سڏي...“ هن خوشامد ڪندي پنهنجو آخري داءُ استعمال ڪيو،”تون آرٽسٽ آن، آرٽسٽ! ۽ هڪ شادي شده.. ۽ مان سمجهان ٿي تون احمق نه آن.“

لالي خيالن ۾ پنهنجي ڪارنيوال واري دنيا ۾ گهمندي گهمندي ٻيهي رهيو، گهٻرائجي چوڻ لڳو: ”هن کي ڇڏي ڏيان... هن ويچاريءَ ننڍڙيءَ ڪبوتريءَ کي...“

”هن جي قسمت ٻه سڌري پوندي.“ مسز هوشنگ چوڻ لڳي، ”پوءِ هوءَ ٻه ڪنهن بنگلي ۾ بورچياڻي ٿي ويندي، پنهنجي چاچيءَ وٽ نه پئي هوندي... هل لالي، اتي توکي سيڪجهه ملي ويندو... مهانگا سگريٽ، بيئر، روزاني چار رپيا ڏيندي سانءِ، سنڊي جو ڇهه رپيا ڏيندي سانءِ، ۽ ڪارنيوال جو هنگامو، گانا، ناچ، ڇوڪرين. مايون، نت نوان ڪپڙا... مان توکي هميشه سنو رکيو آ.“ چوندي پنهنجو هٿ لاليءَ جي ٻانهن ۾ پيل گهڙيءَ تي رکيائين، ”هيءَ گهڙي به ته مون ئي توکي وني ڏني هئي.“

لاليءَ جون اکين چنجهيون ٿي ويون، چپ پيڪوڙجي ويس، نراڙ ۾ ٻه گهنج پئجي ويس، سوچيندي چوڻ لڳو: ”پر هوءَ شريف ڇوڪري آ، ٻيهر نوڪري نه ڪندي.“

مسز هوشنگ هلڪو مرڪي چوڻ لڳي: ”تون سمجهي ٿو ته تون هن کي ڇڏي ڏيندين ته هوءَ مري ويندي؟ اڙي لالي، اگر ائين ڇوڪريون مرڻ لڳن ته جيڪر بمبئيءَ ۾ هڪ ڇوڪري به باقي نه بچي.“
لالي قائل ٿيڻ واري انداز سان هوشنگ جي اکين ۾ نهارڻ لڳو، مسز هوشنگ به مسڪرائيندي سندس اکين ۾ نهاريو. لاليءَ جي چهري تي مرڪ اچي وئي، چوڻ لڳو: ”ته ڇا گرڌر کي ڪوئي پسند نه ٿو ڪري؟“
”هن ۾ اها ڳالهه ڪاٿي آ، جا تو ۾ آ.“
”ته... پوءِ؟“
”بس وڌيڪ ديگهه نه ڪر،“ مسز هوشنگ لاليءَ کي پنهنجي پاسي جهڪندي محسوس ڪيو ته هن جي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيو: ”هاڻي موٽي هل ... تون ڪارنيوال جي خوبصورت زندگيءَ لاءِ ٺهيو آهين، هتي هن ڪوکي ۾ سڙڻ لاءِ نه! هوءَ زندگي آهي تنهنجي لاءِ ... آرام واري زندگي، صاف سترا ڪپڙا، ڪل پوڳ، موسيقي، مان توکي اها منڊي به ڏئي ڇڏيندس... جيڪا منهنجي مڙس، مون کي ڏني هئي.“
لالي سوچيندي چوڻ لڳو: ”پر شويا تنهنجي ان حرڪت کي پسند ڪندي؟ ۽ جيڪڏهن مان موٽي به هلڻ جو فيصلو به ڪريان ته هن منڊيءَ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي، هلان ته هوءَ منهنجي زال ته رهندي نه؟“
اوچتو مسز هوشنگ ڇڻ ڇرڪ پريو، لالي حيران ٿي هن جي طرف ڏٺو:
”ڇا ٿيو؟“
”ٻڌ! مسز هوشنگ هن کي سمجهائيندي چوڻ لڳي: ”جڏهن منهنجي بوٿ تي تنهنجي ڪري ٽڪيٽ خريد ڪرڻ وارين ڇوڪرين کي خبر پوندي ته تون شادي شده آهين، ۽ روزاني شام جو هن وٽ گهر ويندو آهين ته تنهنجي هٿان ٽڪيٽ ڪير خريدڻ ايندو! تنهنجي سموري ڪشش ۽ دل ڪشڻ واري ڳالهه ئي ان ۾ آهي ته تون ڪنوارو آهين... ڪنوارو رهندين ته هن ڇوڪريءَ کي ڇڏڻو پوندءِ!“
”مان سمجهي ويس ته تون ڇا ٿي چاهين.“ لالي چوڻ لڳو.
پر مسز هوشنگ هن کي سندس جملي جو جواب نه ڏنو، جڏهن لاليءَ هن ڏانهن نهاريو ته هن پنهنجون پلڪون جهڪائي ورتيون، لاليءَ پڇيس:
”ته اها سَهري واري منڊي مون کي ڏيندينءَ؟“
”ها ڏئي ڇڏيندس.“

لالي خوشيءَ وچان ڪنڌ ڌوڻيو، ته وارن جي اها چڙواڳ چڳ سندس نراڙ تي لڙي آئي ته مسز هوشنگ وڏي پابوه مان سندس نراڙ تان اها چڳ هٽائي، چوڻ لڳي: ”جيڪي چاهين وٺي سگهين ٿو.“ هن جون آڱريون آهستي آهستي لاليءَ جي نراڙ تي سرڪڻ لڳيون.

لالي وري اداس ٿي ويو: ”مان هن گهر ۾ خوش ناهيان.“

”هتي تنهنجي سار سنڀال ڪرڻ وارو ڪوئي ناهي،“ هن سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ شروع ڪيون ته ايتري ۾ شوپا به رنڌڻي مان چانهن جا ڪوپ کڻي آئي، هن کي ڏسي مسز هوشنگ هڪدم پنهنجو هٿ هٽائي ورتو ۽ پاڻ سنڀالي ويهڻ لڳي، پر شوپا ڏسي چڪي هئي، ۽ لاليءَ کي به معلوم هو ته شوپا ڏسي ورتو آهي، ان ڪري شوپا جي هٿن مان چانهن وٺي دهمان ٻڌي ڪيس چوڻ لڳو: ”ڪجهه گهرجئي؟“

”نه ته....!“ شوپا گهٻرائجي، واپس رنڌڻي ڏانهن هلي وئي.

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ مسز هوشنگ ڳالهه کي ٻيو رخ ڏيندي چيو: ”هوءَ پوڙهي چاچي ڪلڻي چوي ٿي ته ... هڪ هٿ واڻيو آهي، بسنتو... رنڙ آهي، پر هن سان...“

”معلوم آهي مون کي، معلوم آهي.“لالي ٿورو سخت لهجي ۾ چيو، ائين لڳو ڄڻ هن کي اهو ذڪر سنو نه لڳو هو، مسز هوشنگ خاموش ٿي وئي. ايتري ۾ شوپا رنڌڻي مان وري موٽي آئي، جنهن تي لاليءَ وري به ڪرڙين نظرن سان ڏسندي پڇيوس: ”وري چاهي؟“

”لالي مون ڪان وري به وسري ويندو، مون کي ڪجهه ڳالهائڻو آ، توسان.“

”چَوڻو اٿي ته چءُ.“

“هو مان...“ شوپا رڪجي وئي، ”مان ڪلهه به توسان ڳالهائڻ ٿي چاهيو... پر.“ وري رڪجي وئي.

”ها ها ٻڌاءِ.“

”اڪيلي ۾ ٻڌائينديسانءِ... اندر ڪچن ۾ اچ...“ هن رنڌڻي جي پاسي اشارو ڪندي چيو، ”هڪ منٽ ۾ ٻڌائي وٺندس.“

لالي خفي ٿيندي چيو: ”جاڻين ٿي ته مسز هوشنگ سان هن جي ڪم بابت پيو ڳالهايان، وچ ۾ اچي ٿي وجي پنهنجي فضول ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ...“

شوپا ٿورو هٻڪندي چيو: ”بس هڪ منٽ لڳندو.“

”گيٽ آئوٽ...“ لالي غصي وچان چيو.

”مان نہ رڳو ايترو تي چوان تہ هڪ منٽ منهنجي ڳالهہ ٻڌي وٺ ... ۽ اها ڪا فضول ڳالهہ ناهي...“
”وڃين ٿي يا ڏيانءِ.“ لاليءَ پنهنجي هٿ الاريندي چيس.
شوپا اتي ئي، سندس سامهون جمي بيهي رهي :”نہ ويندس.“
لالي هن کي مارڻ لاءِ صوفي تان اٿي بيٺو تہ مسز هوشنگ بائيءَ هڪدم ڳالهايو: ”هون هون، مارجانس نہ... تون هن جي ڳالهہ ٻڌي وٺ، ٻڌڻ ۾ ڇا هي! هڪ منٽ جي ئي تہ ڳالهہ آهي، ان هڪ منٽ ۾ ڇا ٿي ويندو، هن جي ڳالهہ ٻڌي وٺ، جيستائين مان هن پاسي اسٽوڊيو جي ٻاهران ديوار تي لڳل تصويرون ڏسي ٿي وٺان...“
مسز هوشنگ بائي ٻنهي کي اڪيلو ڇڏي ڪمري کان نڪري وئي، لالي سخت ڪاوڙ وچان گهوريندڙ نگاهن سان ڏانهنس ڏٺو، شوپا چوڻ لڳي: ”ائين گهوري مون ڏي نہ ڏس، مارڻ ٿو چاهين تہ ٻہ ٽي ڌڪ هڻي وٺ، مون کي ڪنهن جو پہُ ناهي، ڇاڪاڻ تہ مون کي جيڪي ڪجهہ چوڻو آهي، توکي ئي چوڻو آ...“
لاليءَ ڏند ڪرٽيندي چيو: ”تہ جلدي ٻڌاءِ نہ.“
”ايترو جلدي نہ چئي سگهندس،“ شوپا آهستگيءَ سان چيو، ۽ ڪوپ کڻي، لاليءَ کي ڏيندي چيو: ”تون چانهن چو نہ ٿو پيئين؟“
”مان چوانءِ ٿو تہ ...“
”نہ...“ شوپا چوڻ لڳي، ”جيستائين چانهن پوري ڪندي منهنجي ڳالهہ بہ پوري ٿي ويندي.“
لاليءَ هن جي هٿن مان چانهن جو ڪوپ وٺي پيئڻ لڳو، ڍڪ پري چوڻ لڳو: ”بس...“
هوءَ چوڻ لڳي: ”ڪلهہ جڏهن ماڪي چڪر پيا اڃن نہ، ۽ تون مون کان پڇين بہ پيو...“
”ها تہ پوءِ؟“
”ها تہ بس، اها ئي ڳالهہ آ...“ شوپا گهرو ساهہ کنيو.
”تہ ڇا تون بيمار آن؟“
”نہ... پر تو پڇيو هو نہ تہ منهنجو مٿو ڇو ٿو ڦري، مون کي چڪر ڇو پيا اچن... مان بدليل بدليل ڇو ٿي نظر اچان!“
”ها ... بدليل بدليل پئي نظر اچين ان ڪري پڇيو هو! شايد بسنتي جي ڪري ... مون ان ڪري پڇيو هو.“

”ڇا؟؟“ شويا حيرت وچان چيو، پر جلدئي هن جي ڳالهه سمجهي، کلي چوڻ لڳي: ”اون هون! منهنجو بدلجڻ ان جي ڪري نه هو، مورک، اها هيءَ ڳالهه آ.“ ائين چوندي شرمائجي وئي، ”مون کي شرم ٿو اچي.“

”اهڙي بري ڳالهه آ ڇا؟“ لالي سنجيده ٿي ويو.

”بري ڳالهه ته ناهي.“ شويا چوڻ لڳي: ”بلڪل به نه ، پر...“

لالي وڏي آواز ۾ چيو: ”سالي بکواس ڪندي پئي وڃين، ٻڌائين ڇو نه ٿي ته ڇا ڳالهه آهي؟“

شويا سڏڪڻ لڳي: ”مان امان ٿيڻ واري هان.“ ائين چئي شويا پنهنجي منهن تي هٿ رکي روئندي رنڊٽي ڏانهن هلي وئي، ايتري ۾ جهگو ٻاهران آيو ۽ لاليءَ کي اڪيلو ڏسي، سندس ويجهو اچڻ لڳو. لالي پنهنجي خيالن ۾ گم هو ان ڪري هن جهگي کي ايندي نه ڏٺو. چانهن جو ڪوپ هن جي هٿ ۾ هو... هن جي نظر جهگي تي پئي ته هن انهيءَ حيرت واري حال ۾ جهگي کي چيو:

”جهگا... شويا کي ٻار ٿيڻ وارو آهي!“

جهگو پنهنجا ننهن ڏندن سان ڪاٽيندي چوڻ لڳو: ”هان اڙي! ٻار؟ ... ها ته ڇا ٿيو، ٻار ته ٿيندا ئي رهندا آهن، روز روز پيا ڄمندا آهن، ساري دنيا ۾ پيا ڄمندا آهن....“

”گيٽ آئوٽ...“ لاليءَ کي هڪدم ڪاوڙ اچي وئي، جهگو بنا ڪنهن ردعمل ڏيڻ جي، ڪنڌ جهڪائي اسٽوڊيو مان ٻاهر هليو ويو. هن جي ويندي ئي مسز هوشنگ اندر آئي، ايندي ئي شويا جي باري ۾ پڇڻ لڳي: ”هلي وئي هوءَ؟“

”ها...“

مسز هوشنگ اطمينان جو ساهه کنيو ۽ پوءِ پنهنجو ٻٽون کوليو: ”ته مان توکي ويهه رپيا پيشگي ڏيان ٿي!“

ائين چوندي هن ٻٽونءَ مان ڏهن ڏهن رپين جا ٻه نوٽ ڪڍيا ۽ لاليءَ جي طرف وڌايا:

”اڇي...“

پر لاليءَ پنهنجي هٿن ۾ چانهن جو ڪوپ جهليو هو ۽ ان مان چانهن کي وڏي اطمينان سان پيئڻ لڳو.

”هان هي وٺ ايڊوانس...“

مسز هوشنگ ٻائيءَ ٿوري ڏنگ ۽ حڪم واري انداز سان چيس، پر لالي وڏي اطمينان سان چانهن پيئندو رهيو، ان دوران هن نرميءَ سان ڪيس چيو:

”مسز هوشنگ ٻائي هاٽي تون پنهنجي گهر وڃ.“
مسز هوشنگ ٻائي سڪتي ۾ اچي وئي، چوڻ لڳي: ”ڇا ٿيو آ توکي؟“
لاليءَ وري بہ نرميءَ ۽ هيج وچان چيو: ”گهر وڃ هوشنگ ٻائي، ڏسين نہ ٿي تہ مان پنهنجي گهر ۾ چانهن پي رهيو آهيان.“
”ضرور ... تون پاڳل ٿي ويو آن...“ هن حيران ٿيندي چيو.
لاليءَ ٿورو ڪڙڪي سان چيو: ”وڃين ٿي يا ڏيانءِ هڪڙو هٿ...“
مسز هوشنگ، رقم پنهنجي ٻٽونءَ ۾ رکندي چيو: ”نيڪ آ... هاٽي زندگي ڀر توسان نہ ڳالهائيندس...“ ائين چوندي هن پنهنجا چپ پيڪوڙي ورتا.
لالي زور سان کلڻ لڳو: ”اڙي! نہ ڳالهائيندينءَ؟ تہ پوءِ تہ مان مري ويندس...ان غم ۾.“
”گڊ باءِ...“ مسز هوشنگ ٻائي پنهنجي ڪاوڙ کي مشڪل سان روڪيندي، نهايت ٿڌي دل سان چيو، ۽ پوءِ جلدي ڪمري مان نڪري وئي، لاليءَ ٻئي هٿ جوڙي هن جي پويان ئي نمستي ڪري ورتس ۽ پوءِ جهگي کي چوڻ لڳو: ”جهگا او اڙي جهگا..!“
جهگو جيڪو اسٽوڊيو جي پٺ سان ٽيڪ ڏيو ٻيٺو هو، هڪدم پڄندو آيو ۽ هن جي سامهون اچي بيهي رهيو، لاليءَ ڪائنس پڇيو: ”تو چيو هو تہ تون تمام گهڻا رپيا حاصل ڪرڻ جي ترڪيب ڄاڻين ٿو.“
”ها ڄاڻان تہ ٿو...“
”ڪيترا رپيا...؟“
لاليءَ پڇيس.
”جيترا تو زندگيءَ ۾ بہ نہ ڪمايا هوندا.“
”پر ڪيئن؟“
”اهو مان...“ هو چپ ٿي ويو، پر وري پنهنجي خاص انداز سان نظرون لاليءَ تي ڄمائي چوڻ لڳو، ”اهو مان تو کي بعد ۾ ٻڌائيندس...“ ائين هن ان ڪري چيو جو هن ڊارڪ روم مان چاچي ڪلٽيءَ کي چانهن جي ڪيتلي کڻي ايندي ڏسي ورتو هو، هوءَ ٻڙ ٻڙ ڪندي پئي آئي، لاليءَ کي جهگي سان گفتگو ڪندي ڏسي هن جي شڪل جا پاوَ بدلجي ويا:
”ايندي ئي چانهن گهرجي... مٿان ناشتو بہ... ٻن پهرن جو ڪاڌو بہ... پوءِ صاحب بهادر صوفي تي ليٽي ڪندو آرام...“ هن ايترو چئي هڪدم لاليءَ جي هٿ مان چانهن جو ڪوپ کسي ورتو، ”ڏي هيڏي ڪر..“

ڪليل دريءَ مان اوچتو ڪارنيوال جا آواز اچڻ شروع ٿي ويا، موسيقيءَ جي شور ۾ مسز هوشنگ ٻائيءَ جي نئين باجي جي ڌن سيني ڪان نمايان هئي، لاليءَ کي ائين لڳو ڄڻ اهو باجو هن جو مذاق اڏائي رهيو هجي، ان جي ڌن هن کي چڙ ڏياري رهي هئي، لالي بيچين ٿيڻ لڳو، هن اوچتو چاچي ڪلٽيءَ کي مخاطب ڪيو: ”ٻڌ چاچي...“

پر چاچي ان وقت جهگي سان همڪلام هئي: ”۽ ها تون ... ٻڌي وٺ چور ڏاڙيل، بدمعاش... اجهو هاڻي جو هاڻي منهنجي گهر مان نڪري وڃ، نه ته مان پنهنجي پٽ چندن کي ٿي سڏيانءِ.“

جهگي پنهنجا پروَن چاڙهي، طنز واري انداز ۾ پنهنجا چپ ٽيڏا ڪيا ۽ بلغم واري آواز سان چوڻ لڳو: ”مان پاڻ اهڙن سجن سڪڻن جي گهر وڃڻ پسند نه ڪندو آهيان.“ ائين چئي هو اسٽوڊيو کان ٻاهر هليو ويو، پر وري به هو دريءَ وٽ لڪي ويهي رهيو.

”لاليءَ حيرت وچان ماسيءَ کان پڇيو: ”چاچي ڪلٽي....“

”ها توکي وري ڇاهي؟“ هوءَ به ڄڻ جواب ناهي ويني هئي.

”جڏهن چندن پيدا ٿيو هو... منهنجو مطلب آهي ته جڏهن تو چندن کي ڄڻيو هو...“ ائين چئي هو وري رڪجي ويو.

”ها ته پوءِ ڇا ٿيو؟“

”ڪجهه نه!“

لاليءَ وڏيڪ ڳالهائڻ جو ارادو بدلائي ڇڏيو.

چاچي مرڪڻ لڳي: ”عجيب پاڳل ڇوڪرو آن...“ هن جي مٿي تي هٿ رکي چوڻ لڳي،”وڃ وڃي سمهي پءُ نڪما ڪنهن جاءِ جا... تنهنجي دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، وڃ وڃي سمهي پءُ، شراب پيءُ يا جوئا کيڏ ۽ ٻين جي ڪمائيءَ تي زنده ره ... پر ان وچ ۾ وقت ملئي ته پنهنجي زال کي مار ڪٽائي ڪر... تون ته لائق پٽ آهين...“

ائين چئي چاچي ڪلٽي هلي وئي، ۽ جڏهن هوءَ رنڌڻي ۾ غائب ٿي وئي ته لاليءَ آواز ڏئي جهگي کي سڏيو: ”جهگا...“

دريءَ جي ٻاهران لڪي وينل جهگو ٽپ ڏئي پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ دريءَ جي ٿاڪ وٽ منهن ڪري بيٺو ۽ پنهنجي پيلا ميرا ڏند ڏيکاريندي چوڻ لڳو: ”ها مون کي خبر آهي ته شويا کي ٻار ٿيڻ وارو آهي، مان ٻڌي چڪو آن...“

لاليءَ ٻئي ٺونٺيون دريءَ تي رکي، جهگي جي ويجهو ٿيندي پڇيو: ”اها اسڪيم... چمڙي جي فيڪٽريءَ جي خزانچيءَ واري؟ ان ۾ ڪو دم آهي يا گسا ٿو هڻين؟ مون کي تمام گهٽي رقم گهرجي.“

جهگو چوڻ لڳو: ”اها اسڪيم سڀ کان سٺي آهي، پر ان لاءِ ٻن ماڻهن جي ضرورت پوندي، مان اڪيلو ڪافي ناهيان.“

لاليءَ سوچيندي چيو: ”ٺيڪ آ... تون هاڻي وڃ... هن وقت هليو وڃ، پوءِ اچجانءِ.“

(6)

ٽن پهرن جو جڏهن شويا بازار مان ڀاڄي ڀُتي وٺي موٽي، رات جو کاڌو تيار ڪرڻ لاءِ رنڌڻي جي پاسي وڃڻ لڳي ته هن جهگي کي لاليءَ جي بلڪل ويجهو ويهي سسپس ڪندي ڏٺو، هوءَ ان عادي مجرم جي دوستي لاليءَ لاءِ، پاڻ لاءِ توڙي گهر وارن لاءِ سخت ناپسند ڪندي هئي، پر لاليءَ جي ڪري هن کي ڪجهه نه چئي سگهندي هئي. هن شڪي نظرن سان انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ڪا ڳجهي صلاح ڪندي ڏٺو. جهگو ته جلدي سڌو ٿي ويٺو ۽ ٿورو وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو:

”ٻڌ! ٿورو ڌيان ڏئي ٻڌ لالي، اهو گيت هيئن هلندو آ...“ ائين چئي جهگو پنهنجي بلغمي آواز ۾ ڪنهن فحش گيت جو بند ڳائڻ لڳو، پر جڏهن ٻيهر گانو ٻڌائڻ لڳو ته لالي به ان سان شامل ٿي ويو.

ٻنهي هڪ ٻئي کي اک ڀڳي ۽ ٿورو لڏي لڏي اهو گانو ڳائڻ شروع ڪيو، پر پوءِ به شويا جو شڪ دور نه ٿيو. هوءَ رنڌڻي جي در وٽ ويهي هڪ ٿالهيءَ ۾ چانور ڪٽي، انهن کي صاف ڪرڻ سان گڏوگڏ اک ٽيٽ سان انهن ڏانهن به پئي نهاريائين ته رنڌڻي ۾ ڪنهن ٻئي ڪم سان به پئي وئي، پر وري انهن جي ٿوري آواز تي هڪدم ٿوري ٻاهر نڪري ٿي آئي. جهگي جي اکين جي تيزي ۽ غيرمعمولي چمڪ مان شويا جي دل ۾ ڪي وسوسا ۽ شڪ پيدا ٿي رهيا هئا، ان ڪري هوءَ ڪنهن نه ڪنهن بهاني بار بار اسٽوڊيو جي وڏي ڪمري ۾ اچي پئي وئي، پر کاڌو تيار ڪرڻ لاءِ هن کي اندر چلهه جي پاسي به وڃڻو پئي پيو، انهن چند منٽن جي وقفي ۾ ئي جهگي ڪيس چيو:

”انڌيريءَ جي ريلوي ڪراسنگ پار ڪري اشوڪ سينيما جي ڳليءَ مان هلي، ريل جي پٽڙيءَ تي ايندي ته اها زمين ڪان ٿوري مٿي آهي، ان سان لڳو لڳ هڪڙو چارو آهي، جيڪو چمڙي جي فيڪٽريءَ ڏانهن ٿو وڃي، ٻن فرلانگن تائين ڪو ئي گهر ناهي، ڪا جهوپڙي به ناهي، رستو بلڪل سنسان آ...“

لاليءَ آهستي چيو: ”تہ چا تون روزانو ان رستي سان ويندو آن؟“
”ها، پر پٽڙيءَ جي ڪناري نہ... هيٺان چاري تان، ان ڪان اڳ ۾ مون سان ڪو ماڻهو هوندو هو، پر هاڻي سال کن ٿيو آ تہ مان اڪيلو ويندو هان.“
”هر مهيني جي ڏهين تاريخ؟“ لاليءَ پڇيس.
هائو هر مهيني جي ڏهين تاريخ، جهڳي پٽ تي ٽنگيل ڪئلينڊر ڪي غور سان ڏسندي چيو،”اڄ ڏهين تاريخ تہ اڄ... آ!“
”ءِ رپيا؟“ لالي پڇيس، ”اهي رپيا ڪٽي رکندو آ؟“
”هٽ ۾“ جهڳي چيو“ هڪ چمڙي جي ٿيلهيءَ ۾، جنهن ۾ فيڪٽريءَ جي هزارين رپيا پگهار پيل هوندي آهي.“
”ڪيتري؟“
”ٽيهہ هزار.“
”ٽيهہ هزار ... رقم تہ تمام وڏي آ!“
”چوکي بہ...“
”نالو چاهي هن جو؟“
”هري داس.“
”خزانچي آ؟“
”ها..“ جهڳي جي چپن تي ڪنهن مڪار واري مرڪ اچي وئي، چوڻ لڳو، ”پوءِ جڏهن پوئتان مٿي تي ڏنڊو لڳندس ۽ ڌو اچي پٽ تي ڪندو تہ پوءِ هو خزانچي نہ رهندو.“
جهڳي جي ڳالهہ ٻڌي لاليءَ کي ڪراهت سبب اوڪارو اچڻ لڳو، چند گهڙيون تہ هو ان احساس کي متائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، آخر وڏو ساهہ کڻي سنجيدگيءَ وچان چوڻ لڳو:
”هن جي جان وٺڻ چا ضروري آ؟“
”ضروري تہ ناهي، جهڳي هڪ قدم پوئتي رکڻ وارو انداز اختيار ڪيو، چاڪاڻ تہ هن کي لاليءَ جي لهجي مان اندازو ٿي ويو هو تہ هن ساٿس ڪا غلط ڳالهہ ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي پردو وجهڻ لاءِ هن ڪنڌ ڌوڻيندي چيو: ”بلڪل بہ ضرور ناهي! هن جي جان وٺڻ ڪانسواءِ بہ هن کان ٿيلهو کسي سگهجي ٿو، پر هي خزانچي ماڻهو...“ هو چوندي هلڪو مرڪيو، ”تورا عجيب قسم جا ماڻهو هوندا آهن، اهڙن ماڻهن کي مري وڃڻ گهرجي.“

”لالي ڪجهه چوڻ وارو هو ته شويا رنڌڻي مان ٻاهر آئي ۽ جهگي ڪيس ڏسي پنهنجو لهجو تبديل ڪري ورتو: ”۽ ان گيت جو ٻيو مصرعو هيئن آ...“

ائين چئي هو هوريان هوريان ڳائڻ لڳو، تنهن سان لالي به شريڪ ٿي ويو ۽ جيئن شويا اندر رنڌڻي ۾ هلي وئي ته وري سسپس شروع ڪري ڇڏيائون، پر هن ڀيري شويا بس ٻيئي پير واپس آئي، هٿ ۾ هڪ ننڍو ٻهارو ڪٽي اسٽوڊيو جي اوسي پاسي ٻهاري ڏيڻ لڳي. هوءَ ڪوشش ۾ هئي ته ڪنهن بهاني اها خبر لهي ته اهي ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ گفتگو ڪهڙي پيا ڪن! پر هوءَ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي، هتان هتان ڪو جملو يا لفظ ئي ڪنن تي پئي پيس، جنهن سان هن جي پريشاني اجان به وڌڻ لڳي هئي، انهن اڌورن جملن مان هن الائي ته ڪهڙا ڪهڙا مطلب پئي ڪڍيا ۽ ائين هن جي پريشاني به وئي ٿي وڌندي، هن کي محسوس ٿي رهيو هو ته اهي ٻئي ڄڻا ڪنهن چالبازيءَ ۾ مصروف هئا. هوءَ صوفي جي ويجهو آئي ته لاليءَ کيس جهٽڪيو: ”ٻهاري ڪرڻ لاءِ ڇا توکي اهو ئي وقت مليو هو، ڏسين نه ٿي ته مان مصروف آهيان.“

ايترو چئي شويا جي هٿن مان ٻهارو کسي، پري اڇلايائين. شويا جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، ۽ هوءَ سڏڪندي رنڌڻي ۾ هلي وئي. تڏهن لاليءَ هن کان پڇيو: ”۽ پوءِ .... ان ڪانپوءِ اسان آسام هليا هلنداسي.“

”اون هون!“ جهگي انڪار ۾ مٿو لوڏايو.

لالي حيرت مان ڏانهنس نهاريو: ”پر تون ته چوين پيو ته...“

جهگي سندس ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳي چيو: ”پئسن کي ڇهن مهينن لاءِ ڪٿي لڪائي ڇڏينداسي، انهن کي پوءِ ڪڍنداسي.“

”پوءِ؟“

”پوءِ وري ٻيا ڇهه مهينا به غريبن وانگر گذاريداسي، ان رقم مان ٽڪو به خرچ نه ڪنداسي.“

لالي گهٻرائجي چوڻ لڳو: ”اڙي جهگا! ڇهن مهينن ۾ ته منهنجو ٻار ٿيڻ وارو آهي، ان ڪانپوءِ مان، ٻار ۽ شويا ٻنهي کي ونڃي ويندس!“

”ڇهن مهينن تائين تون ڪو ڪم ڪري ونجاءِ نه، ته جيئن ماڻهن کي شڪ به نه پوي ته تو ايتري رقم ڪٿان آندي آهي!“

”۽ گوهاٽيءَ ۾ اسان ڪان ڪو پڇا ڳاڇا نه ڪندو.“

”آسام بمبئي کان گهڻو پري آهي، اتي ڪير پڇندو! ڪنهن کي خبر پوندي تہ...“ لاليءَ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ وري هن ڳالهايو، ”گهڻا ئي ماڻهو اوڏانهن وڃي رهندا آهن.“
”هون...“ لالي سوچيندي چيو: ”اسان ٻنهي مان ڪير هن سان اڳتي وڌي ڳالهائيندو؟“
”اسان ٻئي ڪا پنهنجي هٿراڌو زبان ڳالهائينداسين، بيو اسان پنهنجي چاقوءَ سان...“جهڳي جون اکيون بند ٿيڻ لڳيون، پر اوچتو هن جون اکيون کلي ويون، ۽ نهايت معصوم ٻڌجي چوڻ لڳو: ”تون ڇا پسند ڪندين؟“
لاليءَ خاموش ڏسي، هن چيو: ”هونئن منهنجي مڇ تہ هن سان تون ڳالهائجانءِ ... باقي ڪم منهنجو آ...“
اوچتو لاليءَ گهٻرائجي چيو: ”هيءَ ڇا جي رڙ هئي؟“
”ڪٿي؟“ جهڳي پڇيس.
لاليءَ جو منهن صفا لهي ويو ۽ ٻاهر دريءَ جي پاسي اشارو ڪندي چوڻ لڳو: ”ٻاهر دريءَ وٽ ڪو سُسپس پيو ڪري...“
ٻئي غور سان ٻڌڻ لڳا... پر اهو لاليءَ جي دل جو دهڪو هو، ٻاهر تہ ڪوبہ ڪونہ هو.
پوءِ بہ جهڳو پير پير ۾ پائي دريءَ تائين ويو، ٻاهر ليئو پاتائين، پوءِ جڏهن ڪنهن کي بہ نہ ڏٺائين تہ اطمينان ڪري موٽي اچي، لاليءَ کي چوڻ لڳو: ”ڪوئي بہ تہ نہ هو.“
لاليءَ ڊگهو ساهہ کنيو: ”ها شايد پارڪ جي وڻن سان گڏ گهلندڙ هوا هئي.“ هو صوفي تان اٿي هال ۾ چهل قدمي ڪرڻ لڳو.
جهڳو بہ اٿي سندس ويجهو ويو ۽ ڪيس چيو: ”بس توکي رڳو ايترو چوڻو آهي، ادا ٿائيم ڇا ٿيو آ؟ باقي مان سنڀالي وٺندس.“
”ادا ٿائيم ڇا ٿيو آ؟“ لالي ورجائڻ لڳو، وچ ۾ بيهي جهڳي کان پڇڻ لڳو، ”ان ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟“
جهڳي چيو: ”ان ڪانپوءِ هو جهڪي گهڙيءَ ۾ وقت ڏسندو، مان پويان مٿس وار ڪندس.. سڌو هن جي مٿي تي... ۽ سامهون تون پنهنجو چاقو ڪيڏي ...“ جهڳو لاليءَ کي خنجر هڻڻ جي ترڪيب ٻڌائڻ لڳو، ٻڌائيندي ٻڌائيندي هو پوئتي بہ هٽندو ٿي ويو تہ پويان ايندڙ ڪنهن ماڻهوءَ سان ٽڪرائجي ويو، مڙيو تہ سامهون هڪ پوليس وارو بيٺل ڏٺائين، چند لمحن لاءِ تہ هن جي نڙي خشڪ ٿي وئي.

”هون...“ سنتري ڪجھ ڪاوڙيل انداز ۾ چيو، لالي ۽ جهگو ٻئي هن ڏانهن نهارڻ لڳا، پر سنتري پنهنجا ڪپڙا ڇنڊيندي وڏي اخلاق سان چوڻ لڳو: ”تهان ٻنهي مان فوٽوگرافر ڪير آ؟“

جهگي جو رڪيل ساهه ڪڄڻ لڳو، تہ هڪدم انداز بدلائي، زور سان سڏ ڪيائين: ”او چاچي ڪلٽي، چاچي چندن لاءِ ڪو گراهڪ آيو آ،“ وري لاليءَ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو: ”۽ ان گيت جو ٽيون بند هن ريت شروع ٿو ٿئي.“ ائين چئي هن اهو پهريون ئي مصرع ورجائڻ شروع ڪئي، جنهن سان گڏ لالي بہ ڳائڻ لڳو.

ايتري ۾ چاچي ڪلٽيءَ جو پٽ چندن، ڊارڪ روم مان ٻاهر اسٽوڊيو جي هال ۾ آيو، ۽ سنتريءَ کي ڏسي ادب سان سلام ڪرڻ لڳو. سنتريءَ سندس سلام جو جواب ڏيندي چيو:

”ڪيبينيٽ سائيز جو فوٽو ڪاهيندو آن؟“

”جي جي ها،“ وڪريل وارن ۽ پيلي منهن واري بندري چندن پنهنجي ڪاڏيءَ کي ڪنهندي چيو، ”هيڏي هي ڏسو آبشار سان يا ڇيتي سان يا ڪو ٻيو پوز، هيءَ ڀت تي لڳل تصويرن مان ڪا چوندي وٺو...“

سنتريءَ مڙي ديوار تي لڳل تصويرن ڏانهن غور سان ڏسڻ لڳو،آخرڪار هن هڪڙي پوز تي آڱر رکي چيو: ”مون کي هيءَ گهرجي.“

”ٺيڪ آ...“ چندن چيو ۽ هڪ اسٽول اڳيان سيريندي سنتريءَ کي چيائين، ”هن تي ويهو.“

سپاهي ان اسٽول تي ويهي رهيو، چندن ٽراليءَ تي رکيل رنگين پردي کي اڳتي پوئتي ڪرڻ لڳو، ڪم ۾ ڦڙتي ڏيکاري پنهنجي گراهڪ کي خوش ڪرڻ لاءِ هن سندس چهري کي هيٺ مٿي ۽ ساڄي کاٻي ڦيرائي، ڪيميرا لاءِ پوز ناهڻ لڳو، ايتري ۾ ڊارڪ روم مان چاچي ڪلٽي فوٽو واري پليٽ کڻي ٻاهر آئي، جڏهن چندن کي پنهنجي ڪم مصروف ڏٺائين تہ لاليءَ ۽ جهگي جي پاسي نهاريائين، جيڪي پاڻ ۾ هوريان هوريان ڳالهائڻ مصروف هئا.

لالي آهستگيءَ سان پڇيو: ”انهيءَ علائقي جو آ؟“ هن جو خيال خزانچيءَ واري علاقي ڏانهن هو.

”نہ.“ جهگي ڇپن کي ڍلو ڪندي چيو.

”ڪار جو آ؟“

”اون هون.“

”شانتاڪروز جو؟“

اوچتو جهگي کي ياد اچي ويو ته چوڻ لڳو: ”دي پاري جو تو لڳي...“

لاليءَ هڪدم ڪاوڙ مان منهن موڙي ڇڏيو ۽ پڻ پڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو: ”اها به ڪا زندگي آ....اها ته ڪا زندگي ناهي، ان کان ته مرڻ بهتر آ...“

”جهگي سسپس واري انداز ۾ چيو: ”ڪوهاٽيءَ ۾ آرام سان رهندين...“

لاليءَ ڪيس ڪو جواب نه ڏنو، هو دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو.

چندن سنتريءَ کي چئي رهيو هو: ”ها جناب هاٽي هن پاسي ڏسو، ڪيميرا جي لينس ۾... لُڏو نه مهربان...سرڪار.“

پوليس وارو هڪدم سڌو ٿي وينو، هڪ لمحي لاءِ چندن ڪيميرا جو ڍڪڻ لاٿو، ۽ وري ان جي مٿان رکي ڇڏيو، ۽ هڪ وڏندڙ مرڪ سان پوليس واري ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو: ”ٿئنڪ يو.“

ٿينڪ يو ٻڌندي ئي پوليس وارو پنهنجي فطري انداز ۾ ٿي ويو، پڇڻ لڳو: ”فوٽو ڪڏهن ملندو؟“

”بس پنجن ڇهن منٽن ۾...“ چاچي ڪلٽيءَ وچ ۾ جواب ڏنو.

”ته مان هڪڙو رائونڊ لڳائي اچان ٿو،“ سنتريءَ چوندي ڪيسي مان ٻٽونءَ ڪڍندي چيو.

”ڪجهه ايڊوانس ڏيانءِ؟“

چندن خوشامد واري نوع ۾ مرڪي، ٿورو اڳي وڌي ڪيس چيو: ”نه انسپيڪٽر صاحب، اوهان کان ڪهڙو ايڊوانس وٺڻو... تصوير ونڻ اچو ته اڳو پوءِ ڏئي ڇڏجو.“

معمولي سنتريءَ کي جو انسپيڪٽر سڏيائين ته سنتري ڏاڍو خوش ٿيو، ٻٽيون واپس کيسي ۾ وڌائين ۽ خوش خوش ٻاهر هليو ويو.

چندن ڪيميرا وري پنهنجي جاءِ تي رکي، ته چاچي ڪلٽيءَ ٽرالي ڇڪي رنگين پردي کي ان جي جاءِ تي لڙڪائي ڇڏيو، پوءِ جهگي ڏانهن منهن ڪري غصي وچان چوڻ لڳي:

”سارو ڏينهن هتي پيو رلندو آن، منهنجا گراهڪ ٽا اچن ته انهن کي وينو ٿو گهورين، ٻاهر جي هوا چو نه جهٽين، ڪٿان ايترا پئسا ملي ويا ٿي جو خوشي جا گيت پيو ڳائين؟“

پوءِ بلڪل هن جي سامهون اچي چوڻ لڳي، ”مان پڇان ٿي ته پوليس کي ڏسي تنهنجو ساهه نه پيو نڪري؟“

جهگو حقارت مان چوڻ لڳو: ”هل هل وجي فوٽو تيار ڪر... تنهنجي گراهڪ اچڻ وارو هوندو.“
چاچي ڪلٽي جيئن ئي ڊارڪ روم ۾ اندر وئي، جهگي ٽپ ڏئي اچي لاليءَ کي چيو:
”هاٽي ڊوڙي رنڊٽي ۾ وڃ.“
”ڇو؟“
”ڇري ڪٽي آ ياچي ڪاٽڻ واري.“
”اڙي ڇري ڇا جي لاءِ؟“
”منهنجو چاقون ڏاڍو ننڍو آ... اگر هو سچ پچ وڙهڻ لڳو ته گهٽ ۾ گهٽ ڇري ته هن جي پاسراتين ۾ کهيڙي ڇڏيندس.“
لالي چوڻ لڳو: ”ان جي ضرورت نه پوندي، منهنجو هڪ ٺونشو ئي هن کي بيهوش ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.“
”اون هون،“ جهگو ڪيس سمجهائڻ لڳو، ”تو وٽ ڪو هٿيار هجڻ ضروري آ، مٿي تي ڏنڊي هڻڻ سان هن جي گردن الڳ نه ٿيندي.“
”پر هن جي گردن ڪاٽڻ سان اسان کي ڇا ملندو.“ لالي احتجاج طور چيو.
”ملندو ڪجهه به نه، پر جي هن گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ته پوءِ... لالي! هو ڪافي جاڻو شخص آ... مون وانگر ڏيڍ پاسراتيءَ وارو ناهي.“
پوءِ لاليءَ جي چهري تي انڪاري رنگ ڏسندي هن وري کيس سمجهايو، ”انهن سورهن هزار رپين سان تون گوهاٽيءَ ۾ پنهنجي زال بار سان ڪا شاندار زندگي شروع ڪري سگهين ٿو، پر بزدلي ڏيکارڻ سان ڪجهه نه ملندءِ!“
لاليءَ ڇري ڪٽي اچڻ لاءِ بهانو گهڙيو: ”جيڪڏهن مان رنڊٽي مان ڇري ڪڍندس ته شويا ڏسي وٺندي.“
”اڙي يار! هن کان لڪائي ڪٽي اچ نه ته جيئن هوءَ ڏسي نه سگهي.“ جهگي لاليءَ کي رنڊٽي جي پاسي ڌڪيندي چيو. پر لاليءَ اڃان رنڊٽي جي پاسي وک وڌائي ئي ڪانه هئي ته ساڳيو پوليس وارو وري اندر آيو ته لالي ترسي پيو ۽ مڙي ڊڄندي، ڊارڪ روم جي در وٽ پهچي آواز ڏنائين: ”چندن، سنتري آيو آ“
چاچي ڪلٽي دروازي تي اچي چيو: ”بس هڪڙو منٽ سنتري جي، بس هڪ منٽ.“
چاچي ڪلٽي چوندي اندر ڊارڪ روم ۾ واپس هلي وئي، لالي ڪجهه پل ته دهليل دل سان اتي ئي بيٺو رهيو، جهگي جي پاسي به ڪونه ٿي ڏٺائين، ڇاڪاڻ ته هن کي سڌ هئي

ته جهگو هن کي کهڙين تکين نظرن سان نهاري رهيو هو، لالي ان جو تاءُ سهي ڪونه پئي سگهيو، ان ڪري هو رنڌڻي ۾ هليو ويو.
پوليس وارو اسٽول تي ويهي فوٽوءَ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو ۽ جهگي کي گهورڻ لڳو، جهگي به پوليس واري کي گهوري نهاريو ۽ سوال ڪيو:
”ناناوتي هسپتال وارو ناڪو؟“
سنتري ڇرڪ ڀريو، پوءِ ڪنڌ ڌوڻي چوڻ لڳو: ”ها... پر توکي ڪيئن خبر پئي ته مان اتي ڊيوٽي ڪندو آهيان؟“
”مان به ان پاسي پنهنجو ڌنڌو ڪندو آن.“ جهگي نهايت پنهنجائپ واري انداز ۾ چيو.
”ڪهڙو ڌنڌو ڪندو آن؟“ سنتريءَ پڇيس.
”پراڻا هڏا گڏ ڪندو آن.“ جهگي منهن بڇڙو ڪندي چيو ۽ پوءِ ٺورو کلڻ لڳو.
جواب ٻڌي سنتريءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، هو پنهنجي مچن کي مروڙيندي ڪجهه چوڻ وارو ئي هو ته ايتري ۾ چندن ڊارڪ روم مان نڪري آيو، فوٽو هن جي هٿ ۾ هو، سنتريءَ هن کان فوٽو ورتو ۽ ان ۾ پنهنجي صورت ڏسڻ لڳو، هن کي پنهنجي شڪل ڏاڍي وڻي، تڏهن ڪنڌ لوڏائي چوڻ لڳو:
”سنو آ... ڏاڍو سنو آ...“ پوءِ هن پنهنجي ٻٽوڻ مان پيسا ڪڍي چندن کي ڏنا ۽ فوٽوءَ وارو لفافو کيسي ۾ رکي، جهگي کي شڪي نظرن سان گهوريندو ٻاهر هليو ويو. ان دوران جهگي ائين ظاهر ڪيو ڄڻ هو هن کي ڏسي ئي ڪونه پيو، پر پوليس واري جي وڃڻ کان هڪدم پوءِ هو اسٽوڊيو مان ٻاهر نڪري، پوليس واري کي ويندي ڏسڻ لڳو، جڏهن پوليس وارو ماهم ناڪي وٽان مڙي ويو ته هو اسٽوڊيو ڏانهن موٽي آيو.
جڏهن اندر آيو ته ان وقت لالي رنڌڻي مان ٻاهر نڪتو، هن جو هڪ هٿ پتلون جي کيسي ۾ پيل هو، ٻئي هٿ سان هو قميص جو ڪالر ٺيڪ ڪندي اچي صوفي جي پويان دريءَ وٽ بيهي رهيو، دير تائين دريءَ مان ٻاهر خلا ۾ گهوريندو رهيو.
جهگو آهستي آهستي اچي سندس پر ۾ ويٺو ۽ نرميءَ وچان چوڻ لڳو: ”ڇا تو ڏسين ايترو پري پري...“
”ڪجهه به ته نه.“ لالي اداس لهجي ۾ چيو.
”ڪجهه ته آهي، جنهن کي ڏسين پيو؟“
”سوچي رهيو هان.“

جهگي لاليءَ کي ايترو اداس اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو، هن سندس ڏيان ڦيرائڻ لاءِ چيو: ” چڱو مون کي ٻڌاءِ تہ هن کي ڇا چوندين؟“

لالي چوڻ لڳو: ”مان چوندس،“ جهگي جي انداز جا چٻارا ڪيندي چيو، ”ياءُ ٽائيم تہ ٻڌائجانءِ ... ۽ اگر هن مون کي ٽائيم ٻڌائي ڇڏيو تہ پوءِ مون کي ڇا چوڻ گهرجي؟“

جهگي وڏي بي رحميءَ واري انداز سان کلندي چيو: ”تنهنجي پڇڻ ڪانپوءِ هو تو کي ڪو جواب نہ ڏيندو!“ لاليءَ چرڪ پريندي جهگي ڏانهن نهاريو، پوءِ اکيون ڦيري ورتيون.

جهگي پڇيس: ”ڪٿي آئين؟“

”ها...“ لالي غير جذباتي نوع ۾ چيو، پر هن جو آواز تورو ڏڪڻ لڳو.

”ڪاٽي رکي ٿئي؟“

”جرسيءَ ۾، قميص ۽ گنجيءَ جي وچ ۾.“

جهگي هٿ وڌائي لاليءَ جي جرسيءَ کي ڦلهورڻ شروع ڪيو، هن جا هٿ سندس چيلهہ کان سيني ٽائين هليا ويا: ”ڪافي وڏو ڦر اٿس!.“ پوءِ هن جرسيءَ جي اندر ڇريءَ کي محسوس ڪندي، ان جي ٽڪندي ڇهنب تي آڱر ڦيريندي چيو: ”هان تہ هيءَ ان جي ڇهنب آ..“ ايتري ۾ شويا ٻاهر اچي وئي، هن جي پيرن جو دٻڪو ٻڌندي ئي جهگي پنهنجا هٿ لاليءَ جي سيني تان هٽائي ورتا ۽ ڳالهہ لنوائي، مرڪي چوڻ لڳو: ”اون هون تو نيڪ نموني نہ سکيو آ... اهو بند وري ڳاءِ...“

لاليءَ اک ٽيٽ سان شويا ڏانهن نهاريندي ان بيهودي ڳاني جو بند ڳائڻ شروع ڪيو، جنهن کي ٻڌندي ئي شويا منهن ناهي واپس رنڌڻي ۾ هلي وئي. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ لالي جهگي کان پڇيو:

”راتين جو جيڪڏهن هن خزانچيءَ جي جن مون کي ستائڻ شروع ڪيو  تہ ڇا ٿيندو؟“

جهگي شفقت واري انداز سان سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: ”مان توکي جوڳي بابا کان منتر وٺي ڏيندس، جوڳي بابا جي منتر سان وڏا وڏا جن بہ نہ ستائيندا آهن.“

”پر اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟“ لاليءَ پاڻ کان پڇيو،

پر هن جو آواز ٻڌي جهگي ڪانئس پڇيو: ”اڳتي ڪاٿي؟“

لالي عجب وارين نظرن سان جهگي جي طرف ڏسندي چيو: ”اتي ... متي، ڀڳوان جي سامهون ڇا جواب ڏيندس.“

جهگي جا ڪلها تورا لڏيا، هن آهستگيءَ سان چيو: ”اسان جهڙن ماڻهن کي ان جي سامهون پيش نہ ڪيو ويندو!“
”چو نہ؟“
جهگي هن کان پڇيو: ”ڇا توکي ڪڏهن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو آ؟“
”نہ!“ لالي ءَ سندس ڳالهہ مڃيندي چيو، سدائين ٿاڻي ۾ .... ۽ ماجسٽريٽ ....“
جهگي چيو: ”بس ائين ئي سمجهہ تہ اتي بہ اسان جهڙن ماڻهن لاءِ اهڙو ئي ٿاڻو هوندو آهي، اهڙو ئي ماجسٽريٽ... جهڙو هتي هوندو آ.“
”بس؟“ لالي پڇيو، ”پوليس ۽ ماجسٽريٽ؟“
”بيو نہ تہ ڇا!“ جهگي تورو ڪرڙو ٿيندي چيو، ”وڏن وڏن ماڻهن لاءِ اتي عدالتون بہ وڏيون هونديون آهن، اسان غريبن لاءِ اتي بہ پوليس هوندي، ماجسٽريٽ هوندو، وڏن ماڻهن لاءِ فرشتا ايندا آهن ۽ اسان لاءِ...“
”اسان لاءِ ڪير؟“
”اسان جي لاءِ ... منهنجا دوست .... صرف انصاف... ڏاڍو وڏو انصاف ڪيو ويندو اتي اسان سان بہ... ۽ جتي انصاف هوندو آهي، اتي پوليس هوندي آ... اتي ماجسٽريٽ هوندو آ... ۽ جتي ماجسٽريٽ هوندو آ، اتي اسان جهڙن ماڻهن لاءِ ... صرف انصاف هوندو آ...“
لالي اهو ٻڌي نهايت مايوسيءَ واري انداز ۾ پنهنجا چپ چٻا ڪري، فيڪٽريءَ جي خزانچيءَ کي چوڻ واري جملي جي ادائگي ڪرڻ لڳو: ”رام رام ڪاڪا... ٿورو ٻڌائجانءِ تہ ٽائيم ڇا ٿيو آ...؟“ پوءِ هن هڪدم پنهنجي سيني تي هٿ رکيو، جهگي پڇيس: ”اتي هٿ ڇو ٿو رکين؟“
لالي آهستي چيو: ”ڇري جي هينان، دل زور زور سان ٿي ڌڙڪي...“
جهگي چيو: ”تہ ڇرو ٻئي پاسي ڪري ڇڏ.“ ائين چئي دريءَ کان ٻاهر ڏسندي چوڻ لڳو:
”هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي.“
”ايترو جلدو؟“
”آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا هلنداسي.“
لالي ٻت ٻڌيو ويٺو رهيو، هن جي دل ۾ آيو تہ ’موتي وجي رنڊڻي ۾ شويا کي هڪ ڀيرو ڏسي اچي، پر وري هن سوچيو تہ شويا سان نہ ملجي...‘ هن مٿو لوڏي جهگي کي هلڻ جو اشارو ڏنو.

ٻئي ڄڻا جڏهن اسٽوڊيو کان ٻاهر آيا ته شوپا ڊوڙي اچي سامهون سندن رستو روڪي، بيهي رهي، چوڻ لڳي: ”تون هن سان ڪاڏي ٿو وڃين؟“
جواب ۾ لاليءَ پڇيو: ”ڪاڏي ٿو وڃان؟“
شوپا چيو: ”ڪاڏي به نه وڃ... مون سان گڏ گهر ۾ رهه.“
”نه“
”گهر ۾ رهه.“ شوپا ڳالهه ناهيندي چيو، ”ڏس ڪڪر به پرجي آيا آهن، ٿوري دير ۾ برسات به ٿيڻ واري آ... پڇي آلو ٿي ويندين...“
”برسات ڪانه ٿيندي.“ جهڳي ڪيس اطمينان ڏياريندي چيو.
”توکي وري ڇا ڪو ڏيئو ٻريو آ.“ شوپا هن جي پاسي منهن ڪري چيو،
”مون کي پتو پئجي ويندو آ... اڳ ۾ ئي پتو پئجي ويندو آ!“ جهڳي پنهنجا پيلا ڏند ڪڍيندي کيس جواب ڏنو.
لالي وک کڻي اڳتي وڌيو، شوپا وري به سندس سامهون ٿي بيني، الائي ته ڇو هن جي نڙي به خشڪ ٿيڻ لڳي هئي، هن جلدي جلدي چوڻ شروع ڪيو: ”نه وڃ... گهر ۾ رهه... اڄ بسنتو ڪباڙيو پيو اچي، هن مون سان وعدو ڪيو آ ته هو توکي پنهنجي ورڪشاپ ۾ ڪم ڏيندو.“
مون کي هن جي ٻهارن ناهڻ واري ڪارخاني تي ڪم ناهي ڪرڻو.“
”ته گهر ۾ رهه.“ شوپا نهايت ڳٽيءَ جوڳي آواز ۾ چيو ۽ بار بار پنهنجي زبان کي پنهنجي سڪي ويل چپن کي آلي ڪرڻ لاءِ پئي ڦيرايو، ” اڄ ته رسنا به اچڻ واري آ... پنهنجي مڱيندي سان ... هن جو مڱيندو به توسان ملڻ ٿو چاهي.“
”اهو ڪنهن ٻئي پيري ملي وٺندو.“
”رسنا مون لاءِ ڪجهه رپيا به آڻي پئي، اهي سڀ مان توکي ڏيندس، پر اڄ تون نه وڃ.“
”مان ٿورو گهمڻ ٿو وڃان، شوپا مان ٿوري دير ۾ موٽي ايندس.“ لالي چوندي شوپا کان اکيون ڦيرائي بيٺو هو. شوپا جون نگاهون سندس مغرو چهري تي جميل هيون، هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، پر هن پنهنجي ڳوڙهن کي ڳيت ڏيندي، مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي، چوڻ لڳي: ”جيڪڏهن تون ترسي پوندين ته مان تو لاءِ ٺري جي سڄي ٻوتل وٺي ايندس يا بيئر جي، جيڪا تو کي پسند هجي...“
جهڳو ان وقت ڄاڻي واڻي به ٿي وکون کڻي اڳتي هليو ويو ۽ اتان مڙي چوڻ لڳو: ”لالي تون اچين ٿو نه؟“

شويا لاليءَ جو هٿ پڪڙي چوڻ لڳي: ”تو مون کي ماريو هو نه، پر هاڻي مان توسان ناراض ناهيان، قسم سان.“
لاليءَ ڪيس دٻائڻ واري لهجي ۾ چيو: ”پري هٽي وڃ.“ هن جي آواز ۾ ڪاوڙ هئي، غم هو، مجبوري هئي، بيوسي، دک، احتجاج ... سيئي احساس موجود هئا. هن شويا کي ديڄارڻ لاءِ مُک نه ڏيکاري، حالانڪ اندران هو صفا پگھرجي نرم ٿي ويو هو ۽ هن جو آواز ڏڪڻ لڳو هو، پر هو پنهنجي دل جي حالت کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي ڌمڪيءَ واري انداز ۾ چوڻ لڳو: ”پري هٽي وڃ، منهنجو رستو ڇڏي ڏي، نه ته ماريندوسانءِ.“
شويا اوچتو ڪائنس پڇيو: ”هي جرسيءَ جي اندر ڇا لڪايو اٿئي؟“
لاليءَ جرسيءَ جي اندران تاش ڪڍي ڏيکاريس. شويا جو آواز ڏڪڻ لڳو، چوڻ لڳي: ”اتي نه هٽي،“ هن لاليءَ جي ڪاٻي پاسي، سيني ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو، ”اتي ڇا لڪايو ٿئي؟“
هاڻي لاليءَ کي ڪاوڙ اچڻ لڳي، زوردار آواز ۾ چوڻ لڳو: ”مون کي وڃڻ ڏي شويا...“
پر شويا سندس رستو روڪي بيني رهي، هو ٿورو اڳتي ٿي وڌيو ته هن پنهنجا ٻئي هٿ ڦهلائي کيس روڪيو ٿي ۽ جلدي جلدي آخري ڪوشش ڪندي ڳوڙهن سان پريل لهجي ۾ کي روڪيندي به رهي.
”شويا، اصل ۾ رسنا اسان ٻنهي لاءِ هڪڙي نوڪري ڳولهي آهي، پيڊرو روڊ تي هڪڙي وڏي فليٽ جا مالڪ ولايت پيا وڃن... ڏهن مهينن لاءِ ٿا وڃن، ڏهن مهينن لاءِ انهن کي فليٽ سنڀالڻ لاءِ هڪ جوڙي جي ضرورت آ... هڪ مرد هڪ عورت، جيڪا انهن جي پرپٽ سندن فليٽ جي سنڀال ڪري سگھي، ان کي صاف سٿرو رکي سگھي، ان لاءِ اهي هر مهيني هڪ سئو رپيا پگھار به توکي ڏيندا ۽ سئو رپيا مون به ڏيندا، اسان ٻنهي کي به سئو پگھار ملندي، ڪم ڪجھ به نه...“ لاليءَ هڪ ساهيءَ ۾ چيو.
”لالي منهنجي ڳالهه ٻڌ...“
لاليءَ کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ رڙ ڪري چوڻ لڳو: ”منهنجي رستي تان هٽي وڃ، چوانءِ ٿو.“ زور سان ڌڪو ڏئي لاليءَ پنهنجو پلءُ شويا کان ڇڏائي ورتو، ۽ وڃي جهڳي سان مليو، ٻئي ڇٽا تڪڙيون تڪڙيون برهانگون پريندا هن جي نظرن کان غائب ٿي ويا. شويا اتي ئي بيني هئي، پر جڏهن هو ٻئي هليا ويا ته ان وقت به هوءَ اتي ئي بيني هئي، ڄڻ هن جا قدم اتي ئي ڄمي ويا هجن، ايتري ۾ چاچي ڪلٽي رنڊٽي مان ٻاهر آئي ۽ شويا کي چوڻ لڳي:

”سبزي ڪاٽڻ واري ڇري نہ ٿي ملي، تو ڪاٿي ڏني ڇا؟“
شويا اوچتو ڇرڪي وئي، هن جي دل جو ڌڪو وڌي ويو، ڪنڌ ڌوڻي چوڻ لڳي: ”مان تہ نہ ڪنئي آ.“
چاچي حيرت مان ڳچيءَ کي هيڏي هوڏي ڦيرائيندي چيو: ”اجهو ٿوري جهٽ اڳ ۾ تہ مان رنڌڻي ۾ ڏني هئي، الائي هڪ گهڙيءَ ۾ ڪاڏي وئي!“ وري شويا ڏانهن نهاري چوڻ لڳي، ”ٿوري دير اڳ مان لاليءَ کي رنڌڻي ۾ گهڙندي ڏنو هو.“
”ان نہ ڪنئي آ.“ شويا انڪار ڪندي چيو.
”ٻيو تہ ڪو رنڌڻي ۾ ويو بہ ناهي،“ چاچي ڪلٽيءَ هن کي ياد ڏياريندي چيو.
”پر لالي ڇري ڪٽي ڇا ڪندو؟“ شويا پڇيو.
”مان ڇا ڄاڻان!“ چاچيءَ جي نراڙ تي گهنج پئجي ويا.
شويا کي الائي تہ ڇو ڪوڙ ڳالهائڻو پيو، چوڻ لڳي: ”وڃڻ کا اڳ ۾ هن جي جرسي ڏني هيم، ان ۾ تہ ڇري يا پيسا ڪونہ هيا، بس تاش جا پتا پيل هيا.“
چاچي پڙڪو کائي چوڻ لڳي: ” تاش تاش... هر وقت تاش... اهو بدبخت جهڳو، هن کي ڪاٿي جوئا کيڏائڻ وني ويو هوندو.“
چاچي اندر هلي وئي، شويا اتي ئي بيٺي رهي، چاڪاڻ تہ سامهون ڪيس رسنا ۽ سندس مڱيندو ايندي نظر اچي رهيا هئا. ٻنهي کي نوان ڪپڙا پاتل هئا ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ ڏيو، خوشيءَ ۾ مگن پئي نظر آيا تہ اوچتو شويا کي دروازي وٽ بيٺل ڏسي آهستگيءَ سان پنهنجا هٿ هڪ ٻئي کان جدا ڪيا.
رسنا اڳتي وڌندي چيو: “اسان اچي وياسي شويا،“ پوءِ مڱيندي ڏانهن منهن ڪري، سندس هٿ پڪڙي ۽ اڳتي ڪندي چوڻ لڳي، ”هي آهي منهنجو مڱيندو.“ چوندي ڪجھ ڪجھ شرمائڻ بہ لڳي.
مڱيندي ٿورو اڳتي وڌي پنهنجو تعارف ڪرايو: ”مان وليم آهيان، وليم.“
”هيلو“ شويا ساڻس هٿ ملايو، پر جڻ پنهنجي خيالن ۾ گم هجي، هن کي ائين گم سم ڏسندي وليم ٻيهر چيو: ”منهنجو پورو نالو وليم ڪبرال آهي.“
هن شويا جو هٿ نہ ڇڏيو، شويا بنا ڪنهن جذبي جي چوڻ لڳي: ”مان شويا آهيان.“ پر هن جي چهري تي ٿوري بہ مرڪ نہ آئي. وليم سندس هٿ لوڏائيندي چوڻ لڳو: ”هيلو.“
”هيلو“ شويا ٻڏل آواز ۾ چيو.
رسنا چوڻ لڳي: ”هي منهنجو مڱيندو آ...“

”اڇا...“ شويا جواب ڏنو ۽ رسنا جي طرف نهاري مٿي کي لوڏايو.
”جي ها مان هن جو مڱيندو آهيان.“ وليم ورجايو.
”اڇا...“ شويا وري به پنهنجي خيالن ۾ گم هئي.
ائين ٿي لڳو ڄڻ ٻنهي ڌرين وٽ ڳالهائڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.
پوءِ رسنا چوڻ لڳي: ”اچ ته اندر هلون.“
شويا خيالن مان موٽي آئي ۽ چوڻ لڳي: ”ها ها اچو اندر هلو.“
اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيندي ئي وليم چئني پاسي جائزو وٺڻ لڳو ته رسنا به چئني پاسي نهارڻ لڳي، ائين هن جي نگاهه دريءَ جي پاسي رکيل خالي صوفي تي پئي ته هن شويا کان پڇيو: ”لاڻي ڪاٿي آ؟“
”گهمڻ ويو آ...“
”گهمڻ؟“ رسنا جي آواز ۾ مايوسيءَ جو عنصر هو، ڇاڪاڻ ته هن شويا کي اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو هو ته هوءَ وليم کي لاڻيءَ سان ملائڻ چاهي ٿي، پر هن جي ان مايوسيءَ جي احساس ڏانهن شويا جو ٿورو به ڌيان نه ويو.
رسنا وري چوڻ لڳي: ”گهمڻ ويو آ؟“
”ها...“ شويا چيو.
”اوه ..“ وليم به افسوس وچان چيو.
اوچتو رسنا کي ڪجهه ياد اچي ويو ته هن جو چهرو خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳو، تڏهن ٿورو فخر واري انداز ۾ شويا کي چوڻ لڳي: ”وليم کي نوڪري ملي وئي آ، پهرين تاريخ کان هي هاٽي هڪڙي ڪلب ۾ ڪم ڪندو... آفيسر جو جاب آهي.“
پر جڏهن وليم ڏٺو ته هن جي نوڪريءَ بابت خبر ٻڌندي به شويا تي ڪو اثر ڪونه ٿيو آهي ته هو ٿورو هيٺو ٿي چوڻ لڳو: ”ڳالهه دراصل هي آهي شويا ته رسنا کي سڄي نموني ٻڌائڻ نه ايندو آهي، مان اصل ۾ اتي هيڊ بيري جي طور تي ڪم ڪندس ... مانٽيفورڊ ڪلب ۾... ڪم سنو آهي ۽ رات جو ڏه پندرهن رپين جي ٽپ به ٿي ويندي آهي.“
”اڇا.“ شويا وري به بي ڌيانيءَ وچان چيو.
”پگهار به سٺي آهي.“ وليم وڌيڪ تشريح ڪرڻ لڳو، ”پر اصلي آمدني ٽپ ۾ آهي، اتي جا ماڻهو جڏهن تاش جي بازي کٽندا آهن ته ان رات ٽيهه چاليهه رپيا به ٽپ ٿي ويندي آهي.“

”اچا...“ شويا تورو حيرت گاڏڙ لهجي ۾ چيو، پڇيو يا جواب ڏنو، ان جو خود هن کي به احساس ڪونه هو ته هوءَ ڇا پئي چوي، ڪنهن کي پئي چوي، ڇو پئي چوي، سندس ذهن آسمان، وقت، جاءِ، ماڻهو سڀ ڪنهن ٻوڏ ۾ لڙهندا پئي ويا، ڪا به شيءِ ڪيس يقيني ڪانه ٿي لڳي، هر طرف هڪ اڻ وٽندڙ خاموشي، جنهن ۾ هر شيءِ غائب ٿيندي پئي وئي... جنهن تي ڪنهن به ڪو به احتجاج ڪونه ٿي ڪيو، ڪوئي به رنو ڪونه ٿي، ڪو به رڙيو ڪونه ٿي، ائين لڙهندي، موت جي آخري دروازي تائين گڏلي، ميٺوڙي ۽ خطرناڪ منزل تائين ڇڻ هرڪنهن جو نصيب هجي، جنهن کي هر ڪنهن خوشيءَ سان قبول ڪري ورتو هجي. ان گهڙي پنور واري ماڻ ۾ ڪنهن به ڪونه ٿي ڳالهايو، هرڪو لهرن تي چپ چاپ لڙهندو ٿي ويو، اوچتو رسنا هيج مان چيو: ”منهنجو مڱيندو ڪيئن آ...؟

”سنو...“ شويا جو آواز مشڪل سان نڪتو.

”اسان ٻن ڪمرن جو هڪڙو فليٽ... بوري والي ۾ ڪرائي تي ورتو آ... ٻڌءِ ... ۽ ٻن ٽن سالن ۾ جڏهن اسان ڀ پيسا جمع ڪري وٺنداسي ته باهرگام ۾ زمين خريد ڪنداسي، اتي پنهنجو گهر ٺاهڻ جو خيال آ... بامبي وڏو شهر آ... پر جيسين اسان کي ٻار ٿئي، تيسين باهرگام ۾ رهڻ بهتر آ...“

”اچا...“ شويا چيو، رسنا کيس گرم سم ڏسندي چيو:

”تو مون کي مبارڪ ڪانه ڏني؟“

”اوه مون کان وسري ويو،“ شويا به ٽي پيرا پنهنجون اکيون ڇنيون ۽ پرون مٿي ڪري اکين کولڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، پوءِ منهن تي مرڪ آڻيندي وليم سان هٿ ملائيندي چيو: ”گڊ لڪ،“ پوءِ خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ جيئن رسنا ڏانهن ڏنائين ته الائي ته ڪيئن هن جي دل پرجي آئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها تري آيس ته رسنا سان ڀاڪر پائي ”گڊ لڪ رسنا“ چوندي روئي پئي.

وليم حيران ٿيندي پڇيو: ”هيءَ روئي ڇو پئي؟“

”هي روئي ان ڪري ٿي جو هيءَ دل جي ڏاڍي سني آ...“

وليم جي دل به شويا کي رئندي ڏسي پرجي آئي: ”ٿئنڪ يو...“ ٿئنڪ يو چئي هن به پنهنجي کيسي مان رومال ڪڍيو ۽ پنهنجا ڳوڙها اگهڻ لڳو، ايتري ۾ چندن ۽ چاچي ڪلٽي به ڊارڪ روم مان ٻاهر آيا. شويا ساڻن وليم جو تعارف ڪرايو ۽ اهو به ٻڌايو ته هي ٻئي فوٽو ڇڪرائڻ چاهين ٿا.

چندن دريءَ جي پاسي نهاريندي چيو: ”اجهو هاڻي تا فوٽو ڇڪيون، ورنہ اونداهي ٿي ويندي.“

چندن رسنا ۽ وليم جي فوٽو ڇڪڻ لاءِ پاڻ ڏانهن سڏيو، پوءِ هو ڪيميرا ٺيڪ ڪرڻ لڳو. شوپا کي هن پوري منظر ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي، هوءَ دريءَ جي پاسي هلي وئي، ۽ آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي، آسمان ڪيس ميرو لڳو، جڻ مٿس تازي آيل ٻوڏ جي گدلي گپ جو تهہ جمي ويو هجي، جنهن تي پري پري کان ڪيس لالي ۽ جهڳو ويندي نظر اچي رهيا هجن، ۽ دور افق تائين هوءَ انهن جي پيرن جا نشان ڏسي سگهندي هجي، پهرين هو پوري قد سان پئي نظر آيا، پوءِ ڊيندا ٿيندا ويا، ۽ ائين آهستي آهستي نقطي ۾ تبديل ٿي ويا، ۽ آخر ۾ اهو نقطو بہ گم ٿي ويو، رڳو قدمن جا نشان رهجي ويا، پر ٻوڏ جي ريلي، انهن قدمن جي نشانن کي بہ مٽائي ڇڏيو. شوپا دريءَ جي چوڪاٺ تي پنهنجو مٿو ٽيڪيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون، ڳوڙها ڪنهن ٻوڏ وانگر سندس ٻوٽيل اکين مان وهندي، سندس ڳلن تان ڳڙي هيٺ پئي ڪريا... هن جي من ۾ مري وڃڻ جا خيال ٿي آيا. ’جيڪر هوءَ مري وڃي...‘

(7)

شوپا چندن کان پڇيو: ”ياءُ ٻڌائجانءِ تہ ٽائيم ڇا ٿيو آ؟“

چندن چيو: ”پوڻا ڇهہ ٿيا آهن.“

ساڳئي ئي وقت، پوڻا ڇهہ ئي ٿيا هئا تہ انڌيري اسٽيشن تان لهي، جهڳي سپ کان اڳ ۾ لوڪل ٽرين تي نظر وڌي: هاڻي تڪڙو هلي پوڻ گهرجي.“

هو ٻئي ڇڙا ريلوي واري پل ٽپي، وڏي دروازي کان ٻاهر نڪري، بہ جون ڳوٺيون ۽ انب وڪڻڻ وارن ۽ ريڊي ميڊ ڪپڙا وڪڻڻ وارن جي قطار وٽان گذرندي، اشوڪ سينيما واري سٽڪ ٽپي، اندو برج جي اڳيان، ريلوي لائين جي پاسي کان هلڻ لڳا، ان جاءِ تي ريلوي پٽڙي دمدمي تي مٿانهين ٿيندي ٿي وئي، ۽ هينان هڪ چارو چمڙي جي فيڪٽريءَ جي پاسي پئي ويو، جنهن کي فيڪٽريءَ جا مزدور ويجهي مفاصلي جي ڪري استعمال ڪندا هئا.

هلندي هلندي هو ٻئي هڪ سنسان هنڌ تي پهتا، ان جاءِ تي اهو چارو بہ گهٽو هيٺ هو ۽ ريل جي پٽڙيءَ تائين رسڻ لاءِ هڪ ٻيو چارو هو جنهن تي ڪانيءَ جي ڏاڪڻ لڳل هئي، مٿي جتي ڏاڪڻ ختم پئي ٿي، اتي ريلوي سگنل جو ٿنڀو لڳل هو ۽ ان جي ساڄي ڪاٻي بہ ڪجهہ ٿنڀا لڳل هئا، پڇاڙيءَ واري حصي کان ٿورو پري، ان چاري جي ڪان ڪجهہ

فاصلي تي هڪ ڏکي لاهي هئي، جنهن ۾ پاٽي پريل هو ۽ ان جي پريان پٽڙين جي ڏگهي قطار ... ۽ انهن ۾ لڪل گهرن جون چتيون، ڪتان ڪتان ڪي چتيون گهاٽن پنن ۽ ٿارين جي وچ مان نظر به آيون پئي.

جهگو ۽ لالي جڏهن ريل جي ٻاهرين سگنل واري ان ٿنيي تائين اچي پهتا ته جهگي ڪانيءَ جي ان ڏاڪڻ کي ڏسي پنهنجي وک روڪي ورتي ۽ لاليءَ کي چيو:

”اچ ته هن ڏاڪڻ تان هيٺ رستي تي لهي هلون.“

پر لالي اجان تائين ان گاڏيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو، جيڪا هاڻي هاڻي اتان گذري رهي هئي، هن جي ڪنن ۾ اجان تائين فرنٽيئر ميل جي جوشيلي ۽ ڏاڙ گهوڙا ڪندڙ انجڻ جو آواز هو، هن جهگي جي جملي کي اڻ ٻڌو ڪندي چيو: ”اگر تون هن وقت پنهنجو ڪن ريل جي پٽڙيءَ سان لڳائين ته تون هن گاڏيءَ جي ڌم ڌڙ ڌڙ کي گهڻي دير تائين ٻڌي سگهين ٿو.“

جهگي لاپرواهيءَ وچان لاليءَ کي چيو: ”هائو، مون کي معلوم آ...“

پر لاليءَ جي اکين ۾ اجان تائين اها ئي، ڪتي دور تائين نهاريندڙ نگاه هئي! هن نهايت حسرت وارين نظرن سان غائب ٿيندڙ ريل گاڏيءَ جي طرف ڏسندي چيو:

”توکي خبر آهي ته هيءَ گاڏي ، جا هاڻي هتان لنگهي آ... ڪيستائين ويندي آ؟“

”ڪيستائين...؟“ جهگو جيڪو اجان تائين بمبئي کان ٻاهر ويو ئي ڪونه هو، هتي ئي ڄائو هو، هتي ئي پليو، وڏو ٿيو، هتي ئي ڪيترا پيرا سزا ڪاٽي هئائين، هتي مرڻو هوس، ۽ ڪڏهن بمبئي کان ٻاهر وڃڻ جي خواهش به ڪانه ڪئي هئائين، ان ڪري جهگو مسلسل ساڳي لاپرواهي ۽ ڦر ڪرڻ واري دلچسپيءَ سان واڳيل هو، ۽ جواب به ان خيال ۾ محو هجڻ جي ڪري ڏنائين.

”ڪيستائين!“ لاليءَ پڇيس.

”دلي تائين“

”اڳتي نه؟“

جهگو ڏاڪڻ تان لهي هيٺ رستي تي وڃي رسيو، پر لالي اجان تائين مٿي پٽڙيءَ جي مٿانهين تي، سگنل جي ٿنيي جي پرسان بيٺو هو، جهگي هيٺ لهي، لاليءَ ڏانهن مٿي نهاريندي چيو:

”ڇهه وڄندا هوندا، هاڻي تون به هيٺ لهي آءُ...“

”گهٻراءِ نه،“ لاليءَ چيو، ”مان ڪاڏي ڀڄڻ جي تيار ڪونه پيو ڪيان.“

جهگي پنهنجي دلي بيچينيءَ واري ڪيفيت کي لڪائيندي چيو:
”پر پيچندين تہ چا ملندءِ؟ ٿوري دير ۾ هري داس خزانچي ايندو هوندو، ٽيهہ هزار ڪنيو... پوءِ تون هن سان صفا مٺي لهجي ۾ ڳالهائجانءِ“
لالي نقل ڪندي چوڻ لڳو: ”ڪاڪا، ٿورو ٻڌائجانءِ تہ تنهنجي گهڙيءَ ۾ ٽائيم ڇا ٿيو آ؟“
”۽ پوءِ هو توکي پنهنجي ڪرائيءَ ۾ ٻڌل گهڙيءَ ۾ نهاري، ٽائيم ڏسندو.“
”ٿي سگهي ٿو تہ هو اڄ نہ اچي،“ لالي چوڻ لڳو، ڄڻ اهو سندس دل جو آواز هجي، يا هن چاهيو پئي تہ جيڪر هري داس اڄ نہ اچي.
جهگي مٿو ڌوڻي وڏي پڪ واري انداز ۾ چيو: ”ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، اڄ ڏهين تاريخ آ...اڄ هن کي ساڍي ڇهين وڳي ڪان اڳ ۾ پگهار ورهائڻي آ... لالي صاحب هاڻي هيٺ لهي اچ ... اتي ڇا پيو ڏسين؟“
لالي وري بہ حسرت وچان چوڻ لڳو: ”ڏسان پيو تہ ريل جي پٽڙي هلندي ٿي وڃي، هلندي ٿي وڃي، جيستائين نظر ڪم ٿي ڪري..!“
جهگي بيزاريءَ سان چيو: ”ان کي ڏسڻ مان ڪهڙو فائدو؟“ چئني پاسي نهاري وري چوڻ لڳو،
”ڪڏهن جڏهن تيز گاڏي ان تان گذرندي آ.... ۽ نيرن نيرن شيشن جي اندران وينل ماڻهو... ڏاڍا عمدا ڪپڙا پاتل...“ جهگي ڳالهايو.
”اخبار پڙهندي...“
”سگار ڇڪيندي..“
”۽ سهڻيون عورتون...“ لاليءَ جي اکين ۾ پيار جو چوَڙ چڙهڻ لڳو، ”ريشمي ساڙهيون پاتل، گلن سان سجايل چوٽين کي پنهنجي ڪومل آڱرين سان ٺيڪ ڪندي...“
جهگي پڇيس: ”هو اچي پيو ڇا؟“
لاليءَ پري پري تائين نظرون ڊوڙايون: ”اڃان تائين تہ نظر ڪونہ ٿو اچي...“ ائين چئي هو ڏاڪڻ تان هيٺ رستي ڏانهن لهي ويو، ۽ جهگي کان پڇڻ لڳو،”ڇا تو ڪڏهن تارن ۽ ٿنين جو آواز ٻڌو آ؟“
”هائو...“ جهگي چيو، ”جڏهن هوا گهلندي آ تہ سون سون جو آواز ايندو آ.“
”اون هون...“ لاليءَ ڪنڌ سان انڪاري انداز ڪندي چيو، ”جڏهن هوا نہ گهلندي آ... تڏهن بہ تون انهن تارن جو آواز ٻڌي سگهي ٿو، ماڻهو انهن تارن تي ڳالهائيندا آهن.“
”اهي وري ڪير ڳالهائيندا آهن.“ جهگي پڇيو.

”امير ماڻهو.“ لاليءَ چيو.

”ڪهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن؟“

”بس ڳالهيون ئي ڪندا آهن...“ لاليءَ هلڪي آواز ۾ چيو، چاڪاڻ ته هن کي به خبر ڪانه هئي، هن جي به ساري ڄمار انهن ماڻهن ۾ گذري هئي، جن ۾ ڪو به امير ڪونه هو، ”هِتان هو ڳالهائيندا آهن، هُتان ٻيا ماڻهو انهن کي جواب ڏيندا آهن، تارون گونجنديون آهن... دم دم دم دم.“

”اهي دم دم چو ڪنديون آهن؟“ جهگي پڇيس.

”اهي چوندا آهن، دام دام يعني پيسا پيسا، تون ڪن لڳائي ٻڌ...“

”ڇا جي لاءِ؟“

”انهن جي پوري ڳالهه ٻڌڻ لاءِ.“ لاليءَ چيس.

”تون ته صفا ڪو چريو آن.“

جهگو زور سان ٿهڪ ڏئي کليو، ”توکي هڪڙي ئي بيماري آ... پيسن واري... گهٻراءِ نه... جلد ئي اسان وٽ پيسا هوندا، ڍڳ پيسن جو.“

لالي به کلي چوڻ لڳو: ”مان چوندس، ڪاڪا! ٿورو ٻڌائجانءِ ته اوهان جي گهڙيءَ ۾ ڇا وقت ٿيو آ...؟

جهگو انتظار واري ڪيفيت ۾ ٽهلڻ لڳو: ”بدبخت اڃان تائين نه آيو آ...“ وري ٽهلندي ٽهلندي بيهي، لالي کان پڇڻ لڳو: ”تو وٽ تاش آهي؟“

لالي جرسيءَ مان تاش ڪڍي.

”پيسا به اٿي؟“ جهگي پڇيس.

”ٻارهن آنا آهن...“ لاليءَ ٻڌايس.

جهگو ڪانيءَ واري ڏاڪڻ جي هڪ ڏاڪي تي ئي ويهي رهيو، ته جيئن هري داس کي پري کان ئي ايندي ڏسي سگهن. لالي ڪابي ڪنڌ تي ٿي وينو، وچ واري ڏاڪي جي تختي کي انهن پتن اچلڻ لاءِ صاف ڪيو، جهگي تاش ٽپيندي چيو: ”چڱو ته ڪڍ ٻارهن آنا، ٻارهن آنا ئي سهي، داءُ لڳائڻ ڪانسواءِ تاش جو ڪهڙو مزو!“

”ته شروع ڪر!“ لالي چوڻ لڳو.

جهگي وڏي مهارت سان پتا ٽپيا، پوءِ ٻئي فليش کيڏڻ لڳا. پهرين ئي بازيءَ ۾ جهگو کٽي ويو، ٻارهن آنا کٽي هن پنهنجي کيسي ۾ وڌا.

لاليءَ چيو: ”اڳتي هل!“

”اڳتي ڪاڏي هلان؟“ جهگي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪندي چيو، ”بيا پيسا آهن چا تو وٽ؟“
”نہ... بيا تہ ڪونهن!“
”تہ پوءِ سمجهہ تہ کيل ختم.“ جهگي تاش جا پتا گڏ ڪري سامهون رکي ڇڏيا، ”ها البت تون ڪنهن ٻئي طريقي سان کيڏڻ چاهين تہ...“
”ڪهڙي طريقي سان؟“ لاليءَ پڇيس.
”قرض ڪٽي..“
”مون تي اعتبار ڪندين؟“
”نہ...!“ جهگي چيو، ”پر بعد ۾ تنهنجي پيسن مان ڪاٽي وٺندس.“
”ڪهڙن پيسن مان؟“ لاليءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو.
”جيڪي سورهن هزار توکي ملندا، انهن مان...“ جهگي جواب ۾ چيو.
لالي ڇرڪي ويو، هڪدم هن جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو، هن سامهون واري رستي تي نظر ڊوڙائي، ’ڪٿي خزانچي تہ نہ پيو اچي،‘ پوءِ جڏهن ڏٺائين تہ ڪوئي ڪونہ ٿو اچي تہ آهستگيءَ سان چوڻ لڳو: ”ها نيڪ آ، تہ شروع ڪر.“
جهگي چيو: ”خزانچي ٽيهہ هزار رپيا آڻيندو، ان ۾ منهنجو حصو سورهن هزار هوندو، تنهنجو بہ حصو اوترو ئي ٿيندو، تہ هاڻي پنهنجي ان حصي منجهان مان اٺ هزار رپيا داءَ تي ٿو لڳايان، تون بہ اٺ هزار لڳاءِ...“
”نيڪ آ...“
”جنهن جي قسمت ۾ هوندو، ان کي زياده مال ملندو.“
”تہ شروع ڪر...“
جهگو وري پتن کي اٽڪل سان نپي، ورهائڻ لڳو، ٻنهي پنهنجي پنهنجي پتن جي حساب سان داءُ لڳائڻ شروع ڪيو، پر راند جي دوران اها ڳالهہ صاف ٿي وئي هئي تہ لالي صفا اناڙي هو، ۽ جهگو وڏو چالاڪ ۽ بي ايمان هو، هو فليش جو وڏو ماهر رانديگر هو، جيڪو پتن کي وڏي صفائيءَ سان اڳيان پويان ڪري ٿي سگهيو ۽ لالي ان کي پڪڙي بہ ڪونہ ٿي سگهيو. پر جيئن جيئن لالي هارائيندو ويو، هن جو شڪ بہ وڌندو پئي ويو تہ ضرور جهگو پتن ۾ هيرا ڦيري ڪري رهيو آهي. ان پريشانيءَ، تيسي ۽ ڳڻتيءَ ۾ لالي، اناڙين وانگر بلائينڊ تي بلائينڊ پئي ڪيڏيو، ۽ بازي هارائيندو ٿي ويو. آخري داءُ بہ جهگي ڪٽي ورتو ۽ ٽئي پتا لاليءَ کي ڏيکاري، هڪدم انهن کي تاش ۾

ملائڻ لڳو، جنهن تي لاليءَ کي غصو اچي ويو، هن سندس هٿ پڪڙي ورتو ۽ زوردار آواز ۾ چوڻ لڳو: ”تون پتا تو لڳائين، بي ايمان.“
جهگي چيو: ”ڪير مان؟“
اجان هو ڪجهه چوڻ وارو ئي هو ته هن کي هري داس ايندي نظر اچي ويو، هن آهستگيءَ سان لالي کي چيو: ششش.... ۽ هري داس جي طرف اشارو ڪيو.
لاليءَ جهگي جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ بيوقوفن وانگر اٿي بيٺو، جهگو هڪدم ڏاڪڻ تان اٿيو ۽ خزانچيءَ جو رستو مٿي، ان جي پويان تي ويو. لالي اجان تائين ڪنهن احمق وانگر وات پٽيو بيٺو هو. خزانچيءَ جي پويان جڏهن جهگي ڪيس اشارو ڪيو ته هو هوش ۾ آيو ۽ هن ڏڪندڙ لهجي دوران پنهنجي چپن تي زبان ڦيرائيندي خزانچيءَ کي چيو:
”ڪاڪا صاحب تائيم چا ٿيو آ تنهنجي گهڙيءَ ۾؟“
لالي چوندي گهبرائجي ويو، هن کي ٿوري به خبر ڪانه هئي ته هو چا ڪري رهيو هو، هن جي پڇندي ئي جهگي پنهنجو چاقو ڪڍيو ۽ مارڻ لاءِ هري داس تي الر ڪيائين، پر خزانچيءَ وڏي ڦڙتيءَ سان مڙي جهگي جو اهو هٿ جنهن ۾ چاقو جهليل هو، هڪدم پڪڙي ورتو ۽ اهڙي ته زور سان دٻايو جو جهگي جي رڙ نڪري وئي ۽ هيٺ ڪري پيو، پر هري داس هن جو هٿ نه ڇڏيو، چاڪاڻ ته هو ڪسرتي بدن وارو سگهارو شخص هو، هري داس هڪدم پنهنجي ٻئي هٿ سان پنهنجو پستول ڪڍيو ۽ ان جي نالي، لاليءَ جي سيني تي رکي ورتي... ۽ پوءِ گهڙي ڏسي طنز ڪندي چوڻ لڳو:
”تو تائيم پڇيو هو نه منهنجا ادا... سو تائيم ٿيو آهي ڇهه وڄي پنجويهه منٽ.“
ايترو چئي هن هڪ پيرو لاليءَ ڏانهن نهاريو، جنهن جو سينو هن جي روالور جي سامهون هو، هن جو ٻيو يار جهگو، هيٺ ڪريو پيو هو، جنهن جي ٻانهن ۾ هن جو هٿ وڏي مضبوطيءَ سان پيل هو، هري داس هوريان هوريان مرڪندي چوڻ لڳو:
”پڳوان اڄ ته ڪا وڏي ڪرپا ڪئي جو مون اهو ئي هٿ پڪڙي ورتو، جنهن ۾ چاقو جهليل هو... نه ته الائي...“ ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو، ”هاڻي آرام سان اٿي ئي بيٺا هجو، ورنه هي ريوالور ڏسو ٿا نه، هن ۾ ڇهه گوليون آهن... توهان ٻنهي لاءِ صرف ٻه ڪافي آهن.“
جهگو عاجزي ڪندي چوڻ لڳو: ”مون کي ڇڏي ڏي مهراج، مون ته ڪجهه به نه ڪيو آ...“

هري داس زور سان کلڻ لڳو: ”ها ها ها ۽ ها ٻيو چاهي توهان جي هٿن ۾؟“ هن جهگي جي هٿ کي مروڙي، سندس هٿ ۾ جهليل چاقوءَ ڏي اشارو ڪندي چيو،”ڇا توهان اهو ٿي سمجهيو ته منهنجي بيگ ۾ انب هوندا جيڪي توهان ڪاٽي ڪائي ڇڏيندا.... معاف ڪجو اوهان جي لاءِ مان پنهنجي بيگ ۾ ڪي ڦل فروٽ نه آندا آهن.“

هاٽي لاليءَ ڳالهايو: ”پر مان! مان ته ....“

”هائو ٻچا!“ هري داس هن جو جملو پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ زهر ۾ ٻڏل لهجي ۾ چيو، ”تو ته رڳو ٽائيم پڇيو هو، رڳو ٽائيم... اهو ته مان توکي ٻڌايان ٿو، هاٽي ڇهه وڄي ستاويهه منٽ ٿيا آهن.“

جهگي زمين تي ليٽڻ واري انداز سان ٿڙڪندي چيو: ”اسان کي معاف ڪر، سرڪار... اسان ڪجهه به نه ڪيو آ...“

”مان سرڪار ناهيان ياءُ... مان ته هڪ غريب پگهاردار ۽ خزانچي آهيان، سرڪار جي اڳيان ته هاٽي توهان کي وڃڻو پوندو، جتي ايترو جلدي توهان جي جان آزاد نه ٿيندي، مان جيڪڏهن هوشياري نه وٺان ها ته تنهنجو چاقون هن مهل تائين منهنجي پاسراٽين ۾ ڪپيل هجي ها، دل جي ٻسٽ... نه؟“

لاليءَ سڪل چپن مان ڦڪو ڦڪو جملو ڪيندي چيو: ”پر مان ته ڪجهه به نه ڪيو آ، مان ته بلڪل بي قصور آن...“

هري داس هڪ ٻيو ٺهڪ ڏنو، چوڻ لڳو: ”پويان مڙي ڏس... گهٻراءِ نه، ها ها! ٿورو پوئتي ته نهار ڪر نه... پر ڏس ڀڄڻ جي ڪوشش نه ڪجو، ورنه هي گولي توهان کي اتي ئي ليٽائي ڇڏيندي... نهار ته ڪير ٿو اچي... او هوڏانهن.“

لاليءَ منهن ڦيرائي ڏٺو ته هڪدم ڊپ ويڙهجي ويس ۽ اکيون ڦاڙي جهگي ڏانهن ڏسڻ لڳو: ”پوليس...“

جهگي پاڻ ڇڏائي ترڪڻ جي ڪوشش ڪئي...

هري داس وڏي آواز سان ڪيس دڙڪو ڏيندي چيو: ”بس چپ ڪري ٻيو هج...“ وري لاليءَ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو، ”پوليس جا ڪيترا سپاهي تا توکي نظر اچن...؟“

”ٻ ٻ...“ لالي گهٻراهٽ وچان چيو، شرم کان هن جون نظرون جهڪي ويون، چهرو وري ڳاڙهو ٿي ويس.

”ڏسي ورتءِ...“ هري داس پڇيس، ”هاٽي ڪيئن بچندءُ پٽ...“ وري کلي چوڻ لڳو، ”اهڙا احمق مون ڪڏهن نه ڏٺا آهن، ڏسو ته اتفاق سان ريوالور ٻه مان اڄ ئي کنيو هو، پر

جي نہ بہ ڪٺان ها تڏهن بہ مان توهان جهڙن چئن غندن تي ڀاري آهيان.“ هن غصي وچان جهگي کي ڌڏو هنيو، جهگو ڦٽڪڻ ۽ نانگ وانگر وڪڙ ڪائڻ لڳو، هري داس ڳالهائيندو رهيو، ”توهان ايترو بہ نہ سوچيو تہ مان ڪاٺئون پيو اچان، رپين جي لالچ ۾ توهان ڪيئن نہ انڌا ٿي ويءُ... جو اهو بہ نہ ڏٺوَ تہ مان فيڪٽريءَ ڏانهن نہ پيو وڃان، پر فيڪٽريءَ کان موٽيو آهيان.“

لاليءَ جو چهرو لهي ويو، هن زبان ڏندن تي رکي افسوس جو اظهار ڪيو.

هري داس اطمينان سان چوڻ لڳو: ”هاٽي ڪان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ منهنجي بيگ ۾ ٽيهہ هزار رپيا برابر هيا، پر هن وقت هڪ آڏيلو بہ ناهي، چاڪاڻ تہ پگهار مان ورهائي آيو آهيان ... ورهائڻ نہ پيو وڃان...“

جهگي جو لچڪيدار بدن وڪڙ کائي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هري داس کان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، هري داس جا ٻئي هٿ مصروف هئا، ان ڪري هن رڙ ڪري ايندڙ سپاهين کي چيو: ”اڙي بابا جلدي اچو، هي جان ڇڏائي ڀڄڻ جي ڪوشش پيا ڪن.“

اوچتو جهگي وڪڙ کائي، زور لڳائي پنهنجي ٻانهن هن کان ڇڏائي ورتي، ۽ پيرن تي زور رکيائين ۽ جيئن ئي هري داس پستول جي ناليءَ جو رخ جهگي جي طرف ڪيو، لالي موقعي جو فائدو ورتو، ۽ جان ڇڏائي ڀڄڻ جي نيت سان ڪانيءَ جي ڏاڪڻ تي چڙهي، ريل جي پٽڙي پار ڪرڻ لڳو.

ٻئي شڪار هٿان نڪرندي ڏسي هري داس، جهگي جو خيال ڇڏي، لاليءَ ڏي رخ رکيو، ان ڪري جهگي کي ڀڄڻ جو موقعو ملي ويو، پر هري داس رڙ ڪري ڪيس چيو: ”بيهہ جوانءِ تو، بيهہ.... ورنہ گولي هڻندوسانءِ...“

پر جهگو جان ڇڏائي ٻوڙن ۾ گم ٿي چڪو هو. هري داس سپاهين کي وري رڙ ڪري چيو:

”صاحبو! جلدي اچو، اڙي جلدي ڪريو، ورنہ هي ٻيو بہ هٿن مان نڪري ويندو،“

ائين چوندي هن لاليءَ جي پاسي پستول تاڻيندي چيو: ”اڙي جوانءِ تو بيهي رهہ، ڀڄڻ جي ڪوشش نہ ڪر، ورنہ پستول هلائي ڇڏيندوسانءِ...“

ايتري ۾ هري داس جو آواز ٻڌي هڪڙو سپاهي بہ اچي وٽس پهتو، هن کي ايندو ڏسي هري داس جي جان ۾ ساهہ پيو، چاڪاڻ تہ پوليس ڪانسواءِ هن پستول هلائڻ نہ ٿي چاهيو، سپاهيءَ جي پهچڻ ڪانپوءِ هن مضبوطيءَ سان پستول جو رخ لاليءَ جي طرف ڪيو،

جيڪو هاٽي ڏاڪڻ تي چڙهي، مٿي ريل جي سگنل واري ٿنڀي تائين پهچي ويو هو، سپاهيءَ رڙ ڪري چيس:

”بيهي رهه، پچ نه، نه ته مارجي ويندين!“

هري داس رڙ ڪئي: ”منهنجا ياءُ هاٽي تائيم بڌاياڻ... اچ ست سال... پورا ست سال جيل ۾...“

لالي سگنل جي ٿنڀي جي پوئين پاسي بيٺو هو، هيٺ چاري تي بيٺل انهن ٻنهي شخصن ڪان مٿي پئي نظر آيو. ڏکهو ٻه صفا ديو جيڏو، وڏائيءَ ڪان هن جي گردن ٻه آڪڙجي وئي، ناسون ٻه ڦونڊجي ويس ۽ نفرت سبب ڦڙڪڻ لڳس... هن مڙي هري داس جي طرف حقارت مان نهاريو ۽ چيو:

”توهان لاليءَ کي نه تا پڪڙي سگهو، ڪڏهن ٻه نه تا پڪڙي سگهو...“ چوندي اکيون مٿي ڪري هڪ پل لاءِ هن آسمان ڏانهن نهاري چيو، ”لالي ڪڏهن ٻه جيل نه ٿو وجي سگهي.“

ائين چئي هن جرسيءَ ۾ هٿ وجهي ڇري ڪڍي ۽ هڪ عجيب ڏبيل رڙ ڪئي: ”شوپا...“

ٻئي لمحي هن اها ڇري پنهنجي سيني ۾ هٽي ڇڏي... هري داس جي هٿن مان ريوالور ڪري پيو، سپاهي ڏهلجي ويو. ڪجهه پل ته سگنل جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيو بيٺو رهيو، پوءِ ٿابڙجڻ لڳو، پوءِ ڪنوڻ جي طاقت سان ڪرنڊڙ وڻ جيان اچي پٽ تي پيو ۽ ڏاڪڻ تان لڙهندي اچي هري داس جي پيرن ۾ ڪريو.

تيسيتائين ٻيو سپاهي ٻه سهڪندي اچي پهتو. هو ٿلهو متارو هو، ان ڪري هن کي پهچڻ ۾ دير ٿي وئي هئي، هري داس کي خوف ٿيڻ لڳو، ۽ ٻئي سپاهيءَ کي مخاطب ٿيندي چيائين:

”””ڇرو هٽي ڪڍيائين...“

”سيني ۾..“ پهرين سپاهيءَ چيو.

”مان فيڪٽريءَ ڏي ٽيليفون ٿو ڪريان.“ هري داس ريوالور ڪٽندي چيو ۽ پستول ڪوٽ جي کيسي ۾ رکي حيرت واري انداز ۾ مٿو ڏوٽيندي، فيڪٽريءَ جي پاسي وڃڻ لڳو.

ٻئي سنتريءَ جهڪي، لاليءَ جي نبض ڏني، پوءِ اکيون کڻي پهرين سپاهيءَ کي چوڻ لڳو: ”اجان جيئرو آهي، ساه هليس ٿو، فيڪٽريءَ ۾ شايد ڊاڪٽر هجي... ان کي ٻه هٽ

آٽو پوندو، مان ٻوڙي وجي خزانچيءَ کي ٿو چوان ... تون تيستائين اهي ٻئي سائيڪلون هيڏي ڪٽي آءُ..."

ٻيو سپاهي، خزانچيءَ جي پويان ڀڳو، پهريون سپاهي گندي نالي جي پرسان، جتي هن پنهنجي سائيڪل بيهاري هئي، ڪٽڻ ويو. لالي اڪيلو زمين تي ليٽيو پيو هو، هن جي خون سان مٽي ڳاڙهي ٿيڻ لڳي هئي.

ٿوري دير ڪانپوءِ پهريون سپاهي، ٻئي سائيڪلون ڪٽي موٽيو ۽ ايندي ئي ٻئي سائيڪلون لاليءَ جي پير ۾ زمين تي ليٽائي ڇڏيائين. اوچتو سگنل جي ڳاڙهي بتي ٻرڻ لڳي، ايتري ۾ ٻيو سپاهي بہ اچي پهتو، ٻئي ڄڻا ڏاڪڻ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان ويهي رهيا ۽ ڊاڪٽر جو انتظار ڪرڻ لڳا.

”هئہ بابو..." پهرين سپاهيءَ ٻئي کي آواز ڏنو.

”ڇا هئہ؟" ٻيو سپاهي جيڪو پهرين سپاهيءَ کان وڌيڪ هوشيار ، پراڻو ۽ تجربيڪار ٿي لڳو، پهرين سپاهيءَ ڏانهن ڏسندي چيو.

”هن جي سيني مان ڇرو ڪڍي وٺان؟"

”نہ... مري ويندو ... هڪدم مري ويندو...ايترو خون وهي ويندس جو دير ئي نہ ڪندو، ڇرو سيني ۾ ئي پيل هجيس."

پهرين سپاهيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پوءِ پنهنجي اگهاڙي ڪنڌ تي زور سان چپات هڻندي بيزاريءَ مان چيو: ”هتي تہ ڏاڍا مڇر هئہ."

”هائو، مڇر تہ آهن،" ٻيو سپاهي چوڻ لڳو، ”گندو نالو جو ٿو وهي..."

پهريون سپاهي ٿوري دير خاموش رهيو، وري چوڻ لڳو: ”ممد پائي؟"

”هو..؟"

”بيڙين هئہ؟"

پهرين سپاهيءَ کيسي کي ڦلهورڻ شرع ڪيو، آخرڪار بيڙين جو هڪ بنڊل ڪڍيائين، ان مان هڪ بيڙي پنهنجي وات ۾ ڦاسائي، ٻي بيڙي پهرين سپاهيءَ ڏانهن وڌايائين. ٻئي سپاهيءَ کيسي مان ماچيس ڪڍيو، جنهن مان تيلي ڪڍي پهرين سپاهيءَ جي بيڙي دکائي... ۽ سوٽو هڻي، دونهون وات مان ڪيندي چوڻ لڳو:

”سرڪار اسان جي پگهار تہ وڌائي آهي، پر مهانگائي اڳي کان بہ ٻيڻي ٿي وئي آهي، زنده ڪيئن رهنداسي..." هن ماچيس جي تيليءَ کي نونگي سان پري اڇلايو، ٻرندڙ ماچيس جي تيلي، لاليءَ جي وارن ۾ وڃي ڪري، پر اها اتي ئي وسامي وئي.

پهرين سپاهيءَ ڏکهو ساه کڻي، اداسيءَ وچان چيو: ”زندگي ڪارنيوال وانگر آهي منهنجا ياءُ... ان ۾ وڃڻ وارا هڪ نه ڏينهن هارائي ئي ويندا آهن... هرڪو... ڪٽڻ وارو به هارائڻ وارو به... ٽڪيٽ وڪڻڻ وارو به، ٽڪيٽ خريد ڪرڻ وارو به، پڇاڙيءَ ۾ هر ڪو هارائي ويهندو آهي، چند منٽن جي خوشي، چند منٽن جون روشنيون... ڪن پل لاءِ ماڻهو جهولي تي چڙهي مٿي ويندو آهي... پوءِ وري هيٺ ايندو آهي ... اتي ئي... جتان هو هليو هو... سمجهيهءِ منهنجا ياءُ...؟“

”هائو.“

”ڇا سمجهيهءِ؟“

”اهو ئي ته پيٽ ڪاٽي زنده رهو... وقت کان اڳ ۾ پوڙها ٿيو ۽ مري وڃو... بس اها ئي زندگي آهي...“

”ها اها ئي زندگي آهي...“

”هائو! بلڪل اها ئي...“

ٻئي خاموش ٿي ويا ۽ بيڙيءَ جا سوٽا هڻڻ لڳا... پري کان ڪٿان ريل جي ڪوڪ ٻڌڻ ۾ پئي آئي... ۽ مٿي پل تي سگنل جي ٽنيي مان ٽرن ٽرن جو آواز اچڻ لڳو.

(8)

چندن ڪنڌ جهڪائي، اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيو، هن منهن مٿي ڪرڻ ڪانسواءِ ئي، فرش ڪي ڏسندي چيو: ”هن ڪي ڪنيو ٿا اچن...“

ڪنهن به ڪوبه جواب نه ڏنو... ته هن پاڻ ئي چيو: ”فيڪٽريءَ جا به ماڻهو اسٽريچر تي هيڏانهن ڪنيو پيا اچن.“

اسٽوڊيو جي هال مان، فرنيچر ۽ سامان ڪڍي خالي ڪيو ويو هو، ڪيميرا ٽرالي ۽ رنگين پردا، پوئتي هٽائي، ديوار سان لڳايا ويا هئا، اسٽول ۽ بينچ به ٻي ديوار جي پاسي رکيل هئي،هڪ ڪنڊ ۾ کٽ وڇايل هئي، جنهن جي ويجهو شويا ٻيني هئي... وليم ۽ رسنا کي خبر پئجي چڪي هئي، اهي ٻئي به سر جهڪائي پٽ سان لڳل ڪانيءَ جي بينچ تي وينا هئا، انهن جي پر ۾ چاچي ڪلٽي به ٻيني هئي. شويا جون نگاهون صرف دروازي تي اٽڪيل هيون، چاچي ڪلٽيءَ پنهنجي پٽ چندن کان پڇيو:

”۽ ڊاڪٽر جو ڇا ٿيو؟“

چندن چوڻ لڳو: ”فيڪٽريءَ جو ڊاڪٽر ڪنهن ٻئي ڪيس کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر ويل هو، ان کي ٽيليفون ڪري ڇڏي آهي، اهو به ايندو هوندو!“

رسنا چوڻ لڳي: ”اگر ڊاڪٽر وقت تي پهچي ويو ته شايد هو بچي ويندو.“
”سيني جو گهاءُ اتس... گهڻو گهرو اتس...“ چندن سوچي چيو، ”پر هو اجان ساه ڪڍي ٿو، پهريائين ته هو بيهوش هو، پر جڏهن اسٽرچر تي ليٽايائونس ته ٿورو هوش ۾ اچڻ لڳو.“
وليم چوڻ لڳو: ”ڇورڻ پورڻ جي ڪري هوش ۾ آيو هوندو.“
چندن دروازي ڏانهن ڏسندي چيو: ”اهي اچن پيا...“
رسنا چوڻ لڳي: ”جڳهه ڪيو.“
فيڪٽريءَ جا ٻه مزدور، لاليءَ کي اسٽريچر تي کنيو اندر آيا، وليم ۽ رسنا بينچ تان اٿي بيٺا، شوپا خاموشيءَ سان مزدورن کي اڳتي کٽ ڏانهن وڃڻ جو اشارو ڪيو، انهن ٻنهي مزدورن وڏي احتياط سان اسٽريچر کي کٽ جي مٿان رکيو ۽ ڪجهه وقفي کانپوءِ پوئتي هٽي انهن سان وڃي بيٺا، جتي رسنا، وليم، چاچي ڪلٽي ۽ چندن بيٺا هئا. رڳو شوپا ڪتولي جي پرسان بيٺي هئي، هن جون نگاهون ڇڻ کٽ سان چنبڙي پيون هيون، ڪنهن ٻه ريت هٽڻ جو ارادو ئي ڪونه ٿي ڪيائون، ايتري ۾ محمد پائي سپاهي اندر آيو ۽ شوپا ڏانهن غور سان ڏسڻ لڳو، چوڻ لڳو:
”تون آن هن جي عورت؟“
شوپا آهستگيءَ سان ڪنڌ ڌوڻيو.
محمد پائي نهايت نرميءَ سان چوڻ لڳو: ”فيڪٽريءَ جو ڊاڪٽر اجان ڪونه آيو هو، ان ڪري ڪمپائونڊر هن جي پٽي ڪري ڇڏي آهي، پر هن کي ڇرڻ پرڻ نه ڏجو، نه ته خطرو وڌي ويندو.“
شوپا ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.
محمد پائيءَ وري ڏانهنس ڏٺو ۽ پريشانيءَ وچان پنهنجو مٿو کنهڻ لڳو، آهستگيءَ سان چوڻ لڳو:
”ڊاڪٽر ايندو هوندو، جيسين هن کي ائين پيل رهڻ ڏيو.“ ائين چئي هو پوئين پير موٽي ويو، وري دروازي وٽ پهچي، مڙيو ڪجهه چوڻ لاءِ پر جلد ئي ٻاهر هليو ويو. وليم، رسنا، چندن ۽ چاچي دروازي وٽ گڏ بيٺا هئا، تن ٻه ٿورو هٽي سپاهيءَ کي رستو ڏنو ته سپاهي ٻاهر هليو ويو.

ٿوري دير نهايت ڏڪاري خاموشي ڇانيل هئي، پوءِ وليم کي خيال آيو ته هن آهستگيءَ سان رسنا کي نونٽ هٽندي چيو: ”اسان کي به هن وقت ٻاهر هليو وڃڻ گهرجي، منهنجو خيال آهي ته ائين نيڪ رهندو.“

رسنا اڳتي وڌي شوپيا وٽ آئي، چوڻ لڳي: ”شوپيا تنهنجو ڇا خيال آ؟“

شوپيا ڪجهه به نه ڪڇيو.

”شوپيا اسان ڪجهه ڪري سگهون ٿا؟“ رسنا وري پڇيس.

شوپيا وري به ڪجهه نه ڳالهايو.

”ته اسان ٻاهر ٿا ويهون، ٻاهر بينچ تي، ضرورت پوي ته سڏي وٺجانءِ.“

شوپيا ڪين ڪوبه جواب نه ڏنو... رسنا، وليم، چندن ۽ چاچي ڪنڌ جهڪائي، اسٽوڊيو جي دروازي کان ٻاهر هليا ويا.

هاڻي صرف شوپيا ئي لالي وٽ هئي، ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ لاليءَ اکيون کوليون، شوپيا کي ڏٺو، آهستگيءَ سان پنهنجو هڪ هٿ کنيو، شوپيا هڪدم جهڪي کٽ جي پرسان گوڏا کوڙي ويهي رهي، هن لاليءَ جو ڪچيل هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو. لالي بستري تان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، هو ٿورو اٿيو پر پوريءَ ريت اٿي نه سگهيو، ان ئي حالت ۾ شوپيا جي طرف عجيب عجيب نظرن سان نهاري چوڻ لڳو:

”شوپيا... منهنجي مُني، منهنجي ڳالهه ٻڌ... جيئن ايراني هوٽل ۾ ڪجهه ڪائڻ وقت، يعني ڪاڌي ڪائڻ ڪانپوءِ سڀ چڪاڻو پوندو آ...حساب ڪرڻو پوندو آ... جڏهن بيرو بل ڪٽي ايندو آ... ته ائين ئي منهنجو به بل ڪٽي آيو مُني.... مون کي سمورو حساب چڪاڻو پوندو.... بيشڪ مون توکي ماريو... پر غصي مان نه، توسان خفا ٿي به نه! پر ان ڪري ... ان ڪري ته مان تنهنجو ڏک ڏسي نه سگهيس، جهڙيءَ ريت تون هميشه منهنجي لاءِ ڪُڙهندي هئينءَ، اهو مون کان برداشت نه ٿي سگهيو هو ۽ مون تو تي هٿ کنيو هو... مون زندگيءَ ۾ ڪوبه ڪم نه سگهيو، مان گهر هلائڻ وارو ڪيئن ٿي ٿي سگهيس، ڪنهن جي سار سنڀال لاءِ مان ته پيدا به ڪونه ٿيو هوس... ڪارنيوال ... پيو پيرو ڪارنيوال وڃي نه سگهيس، مان هوشنگ ٻائيءَ جو نوڪر ٿي رهڻ نه ٿي چاهيو ۽ ... مان ڪارنيوال جي ٻين ڇوڪرين سان به تعلق رکڻ نه ٿي چاهيو... سمجهين ٿي؟“

”ها“ شوپيا ڪنڌ جهڪائي چيو.

”هو گرڌر ... دادا... هوشنگ ٻائيءَ لاءِ نيڪ آهي، جيڪي لطيفا هو ماڻهن کي ٻڌائيندو آ... اهي سڀ منهنجا ٻڌايل آهن... مون توکي ڪجهه نه ڏنو آ... گهر نه ڏنو... ڪپڙا نه

ڏنا... ٻن ويلن جو کاڌو به نه... نيڪ آ... مان سنو ماڻهو نه آهيان، اڳي به ڪڏهن سنو ڪونه هوس، پر مان سار سنڀال وارو ٻڍجي نه ٿي سگهيس، ان ڪري مون سوچيو ته آسام هليو ويندس... تون سمجهين ٿي نه؟"

"ها..."

"مان توکان معافي نه ٿو وٺان، مون کي، الائي ته چو مون کي معافي وٺڻ نه ٿي اچي، اڄ تائين ڪنهن کان ورتي جو ناهي! خراب ڳالهه آ نه...؟ پر اها ڳالهه تون منهنجي ٻار کي ٻڌائي ڇڏجانءِ ته لالي ڪڏهن ڪنهن کان معافي ڪانه ورتي... اڄ تائين، نيڪ آ نه؟"

"جي ها."

"۽ منهنجي پٽ کي اهو به ٻڌجانءِ ته لالي سنو ماڻهو نه هو، پر جيڪڏهن هو آسام اچي وڃي ها ته شايد اتان کان هڪ نئين زندگي... پر خير ڇڏ انهن ڳالهين کي... مان توکان معافي نه ٿو وٺي سگهان شويا... ۽ هاڻي تون چاهين ته سپاهيءَ کي سڏي وٺ... خبر ناهي ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري ...! خبر ناهي، هُت هُن پار مون کي مٿي وينل مالڪ جي سامهون پيش ڪيو ويندو يا نه؟"

شويا کان اوچتگار نڪري وئي.

"خير... مون کي ڪنهن جو پرءُ ڪونهي، پر سڌو هن وٽ پيش ٿيڻ ٿو چاهيان، ڪنهن ننڍي وڏي آفيسر يا سپاهيءَ جي اڳيان نه... هان... اگر ڪباڙيو اچي ته ان شادي ضرور ڪري ڇڏجانءِ... ۽ ٻار؟ ... ٻار کي ٻڌائجانءِ ته هو ان ڪباڙيي جو پٽ آهي، هو يقين ڪري وٺندو، ائين نه؟"

"ها.."

"جڏهن توکي مون ماريو، ڌڪ هنيا ته تون اهو نه سمجهجانءِ ته مان غلطيءَ تي هوس، مان نيڪ هوس، ڪڏهن ته .... لالي به نيڪ ٿي سگهيو ٿي، پر ڪوبه مون کي سمجهي نه سگهيو... اڄ تائين، اهي سڀ... پاڻ کي نيڪ ۽ مون کي غلط سمجهندا رهيا، آهي نه؟"

"جي ها ..." شويا چيو.

"شويا منهنجو هٿ مضبوطيءَ سان پڪڙ.." لالي زور سان رڙ ڪئي.

"شويا چوڻ لڳي: "مان تنهنجو هٿ پڪڙي ويٺي آهيان."

"زور سان پڪڙ... منهنجو هٿ..." لالي گهٽيل لهجي ۾ چيو، ڄڻ هن جو نڙگهٽ بند ٿيندو هجي.

شويا هن جي هٿ کي اجان بہ زور سان دٻايو تہ لالي چوڻ لڳو: ”شايد مان وجي رهيو آهيان... شويا... چڱو مُني...“
لالي هڪ ڊگهو ساهہ کنيو، پوءِ واپس وهاڻي تي مٿو رکي ڇڏيو. ڪجهہ پل نہ گذريا تہ هن جو مٿو هڪ پاسي لڙي ويو، هٿ بہ ڍرو ٿي ويس.
ايتري ۾ ڊاڪٽر دروازي کان اندر آيو، هن سان گڏ اهو ئي پهريون سپاهي محمد پائي ساڻ هو، ڊاڪٽر ايندي ئي بيحد ڪاروباري انداز ۾ شويا جي طرف اشارو ڪندي صفا رکي انداز ۾ پڇيو:
”هيءَ هن جي عورت آ.“سپاهيءَ چيو: ”جي صاحب.“
ڊاڪٽر جي پويان وليم، رسنا، چندن، چاچي ڪلٽي، هوشنگ بائي ۽ ٻيا بہ سيئي ماڻهو احترام سان ڪٽولي جي پرسان اچي بيهي رهيا. ڊاڪٽر لاليءَ جو معائنو ڪرڻ لڳو، پر جيئن تہ اونده گهڻي ٿي وئي هئي ۽ اسٽوڊيو ۾ بہ روشني گهٽ هئي، ان ڪري ڊاڪٽر چيو تہ:
”روشني گهٽ آهي.“
چندن ڊارڪ روم مان هڪ ٽارچ ڪڍي آيو، ڊاڪٽر ٽارچ کي فوڪس ڪري لاليءَ جي اکين تي روشني وڌي، پوءِ ٽارچ بند ڪري هن سندس ساهہ جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، دل جي آواز ٻڌڻ ۽ نبض چڪاسڻ کانپوءِ چوڻ لڳو: ”ڪنهن وٽ فوٽين پين هوندي؟“
وليم هڪدم پنهنجي فائونٽين پين ڊاڪٽر جي حوالي ڪئي، ڊاڪٽر پنهنجي ڪيسي مان هڪ ڇپيل فارم ڪڍيو، جيڪو اهڙن ئي موقعن تي استعمال ڪندو هو، ان تي ڪجهہ لکي، پنهنجي دستخط ڪري هن اهو فارم شويا کي ڏيندي چيو:
”تنهنجو گهر وارو فوت ٿي چڪو آهي، هي سرٽيفڪيٽ تو وٽ ڇڏي ٿو وڃان، ميونسپل ڪارپوريشن وارن کي ڏيکاري ڇڏجانءِ، يا پوليس کي، يا جنهن کي بہ ضرورت هجي.“ ائين چئي منهن ڦيرائي سپاهيءَ کي چوڻ لڳو، ”پوسٽ مارٽم جو انتظام جلدي ڪجو...“ وري چاچي ڪلٽيءَ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو، ”مون کي ٽوال ۽ صابڻ گهرجي.“
محمد پائي چوڻ لڳو: ”ٻاهر سڀ انتظام ڪري ڇڏيو آهي صاحب.“
محمد پائي ڊاڪٽر کي روانو ڪري دروازي کان ٻاهر ويو تہ گهر ۾ موجود سيئي پاتين ڪٽولي تي الر ڪئي، شويا ساڳيءَ ريت ڪنڌ جهڪائي کٽ جي پرسان، گوڏن ڀر ويٺي

هئي. رسنا جي دل ۾ عجيب قسم جي ڪاوڙ پيدا ٿي رهي هئي، هن چوڻ نه ٿي چاهيو، پر پنهنجي ساهيڙيءَ جي حالت ڏسي هن کان رهيو نه ٿيو، غم ۽ غصو هن جي آواز ۾ پرجي آيو هو، جڏهن هن چوڻ شروع ڪيو:

”مان مرڻ واري ڪي برو نه ٿي چوان، سچ ٿي چوان، شويا دل ۾ نه ڪجانءِ.“

”هائو...“ چاچيءَ به ساڻس سر ملايو: ”هو به عذاب کان آجو ٿي ويو ته هيءَ به...“

شويا خاموش هئي.

رسنا چوڻ لڳي: ”اجان تنهنجي عمر ئي ڇاهي؟ ٽي مهينا ته ٿيا آهن تنهنجي شاديءَ کي... اها به ڪا زندگي آ... توکي ڪونه ڪو سٺو مرد ضرور ملي ويندو... نيڪ آ نه؟“

شويا جي جواب کان اڳ ۾ وليم ڳالهايو: ”تون نيڪ ٿي چوين رسنا.“

پر رسنا کي تسلي ڪانه ٿي، هن شويا کي وري مخاطب ڪيو: ”مان صحيح ٿي چوانءِ شويا...“

’ڪير نيڪ آ... ڪير غلط آ... ڇا اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جو اهو ئي موقعو آ..؟‘ شويا سوچيو، ’۽ فرض ڪريان ته هي سيئي درست آهن ۽ اسان بئي غلط هياسي، ته به ڇا دنيا جا سيئي نيڪ ۽ سيئي غلط آدمي، گڏجي به هن هڪڙي شخص کي واپس آڻي سگهن ٿا؟ هيءَ ڪهڙي دنيا آ... مرڻ وقت به غلط ۽ صحيح جي حساب ڪرڻ کان جند نه ٿا ڇڏين! ڪير تو چئي ته مردا معاف ڪيا ويندا آهن، هن دنيا ۾ صرف جيئرن جي لاءِ بخشش آهي، راحت ۽ معافي آهي، مري ويلن کي ڪوئي معاف نه ٿو ڪري... پر جيڪڏهن هي وقت اهڙين ڳاليهن ڪرڻ جو ناهي ته اهڙن ماڻهن سان بحث ڪرڻ جو اهو وقت به ته ناهي...‘ ائين سوچيندي شويا ڪنڌ لوڏي چيو: ”تون نيڪ ٿي چوين رسنا...“

شويا جو لهجو جذبن کان عاري هو، هن جو جملو ٻڌي چندن کي ڳالهه وڌائڻ جي همت پيدا ٿي، چوڻ لڳو:

”هو... بسنتو به روز ٿو اچي... هن جو پنهنجو ورڪشاپ به آهي، هاڻي ها ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، هو ويچارو روز انهيءَ لاءِ ٿو اچي...“

چاچيءَ مٿو لوڏي چيو: ”هن جي پهرين جوءِ مري وئي آ... بس رڳو به ٻار اٿس، نيڪ سياءَ جو آ... بلڪل تو جهڙو...“ چاچيءَ وليم ، کي پاڻ سان متفق ڪرڻ لاءِ ڏانهنس نهاريندي چيو. شويا خاموش هئي.

رسنا وري ڳالهايو، ڄڻ هن کي پنهنجي چئي تي اجان تائين يقين نه آيو هجي: ”مان هن کي ڪِنو ماڻهو نه ٿي چوان پر هي سنو ماڻهو به نه هو...“
”اهو ته مان به ٿو چوان،“ وليم ڳالهايو، ”سنو ماڻهو پنهنجي وائيف کي ماريندو ڪٿيندو ناهي!“
رسنا چوڻ لڳي: ”تون نيڪ ٿو چوين وليم...“ وري شويا کي مخاطب ڪندي چوڻ لڳي، ”ڪيئن شويا؟ وليم نيڪ نه ٿو چئي؟“
”ها...“
”ڪنهن بهاني سنو ئي ٿيو...“
”هائو...“ وليم فيصلي واري نوع ۾ چيو، ”هن جي به عذاب کان جند ڇٽي وئي...“ وري ٿوري ساهي ڪٽي چوڻ لڳو، ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي شويا؟“
”اڻويهه سال...“
”اڻويهه؟... ته... اجان ته تون ٻار آهين،“ وليم ساڄي ڪاٻي حيرت مان نهاري چيو، ”Just a child ... صحيح آ نه رسنا؟“
”ہيو نه ته ...وليم،“ رسنا چوڻ لڳي، ”تون بلڪل درست ٿو چوين.“
چندن سموري معاملي تي غور ڪندي آخري فيصلو ٻڌائيندي چيو: ”اگر منهنجي ماءُ جو گهر نه هجي ها ته... ڪير هنن کي هن گهر ۾ جاءِ ڏئي ها! ڪير انهن کي روٽي ۽ ڪپڙو ڏئي ها، اڳيان مينهوڳيءَ جي موسم پئي اچي. ڪاڏي وڃن ها هي ٻئي ڄڻا...؟“
رسنا شويا کي دلجاءِ ڏيندي چوڻ لڳي: ”هڪ سال ڪانپوءِ تون هن کي وساري ڇڏيندينءَ...“ ايترو چئي هو ٿورو چپ ٿي وئي، شايد شويا کان پنهنجي ڳالهه جي تائيد ڪرائڻ ٿي چاهيائين، جڏهن شويا ڪجهه نه ڳالهايو ته رسنا وري ڳالهايو، ”نه! شويا؟“
شويا چيو: ”ها رسنا تون درست ٿي چوين...“
وليم پنهنجو ڪاٻو پير ڪٽي پنهنجي وجود جو سمورو بار ساڄي پير تي رکيو، وري هن ساڄو پير ڪٽي ڪاٻي پير تي پنهنجو وزن رکيو، پوءِ وڏي سوچ واري طريقي سان ڳالهائڻ کان اڳ ۾ سوچڻ لڳو، چاڪاڻ ته هن کي سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو ته ڇا چوي! کهڙيءَ ريت هن ڊيجاريندڙ منظر مان جان ڇڏائي، ان ڪانسواءِ اها ڳالهه به هئي ته هن کي شويا سان واقعي همدردي هئي، پر لالچيءَ سان نه هئي، ان جي ڪري هن جو من عجيب قسم جي مفاد ۽ جذبن سان پرجي ويو هو. هن همدرديءَ مان رڳو هڪ لفظ چوڻ ٿي چاهيو، جنهن بابت هن کي پڪ هئي ته هن وقت تائين هن جيڪي ڪجهه چيو هو، اهو

سڀ غلط هو... ان ڪيفيت ۾ هن ڪنڌ کي هلڪو لوڏائي، هڪ عجب اذيت واري لهجي ۾ چيو:
”توکي ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي يا ڪنهن مدد جي... ته چئي ڇڏجانءِ... اسان هلون ٿا ... سپاٽي وري ايندا سين.“ پوءِ هو مڙي رسنا کي چوڻ لڳو، ”هلون رسنا...؟“ ان کانپوءِ هن شوپا جي متي تي هٿ رکيو ۽ چيو، ”God be with you“
رسنا شوپا سان ڳرهين لڳي ملي، هاڻي شوپا به سڏڪا ڀري روئڻ لڳي، رسنا به روئڻ لڳي، ته شوپا روئندي ڪيس چوڻ لڳي: ”رو نه رسنا...“
رسنا شوپا کان جدا ٿيندي چوڻ لڳي: ”مان سپاٽي ايندس..“ هوءَ ڳوڙها اگهي، وليم جي ٻانهن جو سهارو، وڃڻ لڳي، هن جي وڃڻ کانپوءِ چاچيءَ شوپا کي چيو:
”تو صبح کان ڪجهه نه کاڌو آ... مان تو لاءِ چانهن ٿي ناهي اچان...“
چاچي ڪلٽي ائين چئي رنڌڻي ۾ هلي وئي، هاڻي چندن اڪيلو شوپا وٽ ويٺو هو، اوچتو هن کي احساس ٿيو ته وٽس شوپا جي ڏک دور ڪرڻ... هن کي دلجاءِ ڏيڻ لاءِ ڪي به لفظ نه آهن، ان ڪري هو خاموش، ڪنڌ جهڪائي، ڊارڪ روم ڏانهن کسڪي ويو.
هاڻي مسز هوشنگ ٻائي بچي وئي هئي، غم سبب هن جون اکيون به ڳاڙهيون هيون ۽ سندس چهري تي ڪاوڙ جا پاوَ پئي آيا ويا... هن ڪٽولي جي وجهو اچي، چادر سان ڍڪيل لاش طرف نهاريو، پوءِ شوپا کان اجازت ورتي: ”مان هن جو چهرو ڏسان؟“
شوپا چپ هئي.
هن وري ڳالهايو: ”ڇا تون مون کان ناراض آن؟“
”نه...“ شوپا نهايت عاجزيءَ سان جواب ڏنو، ”مان ڪنهن کان به ناراض ناهيان.“
مسز هوشنگ ٻائي چپ چاپ، ٿورو لڏندي لڏندي ڪٽولي جي مٿان وڃي ويٺي، پوءِ ڏکاري لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”آءُ ته صلح ڪريون...“
”صلح لاءِ هاڻي ڇا رهجي ويو آهي؟“ شوپا ڪيس جواب ڏنو.
مسز هوشنگ ٻائيءَ بردباريءَ کان ڪم وٺندي چيو: ”هر ڪو هن شخص کي برو ٿو چوي، سواءِ اسان ٻنهي جي... تون ڄاڻين ٿي ته هي ايترو برو ماڻهو نه هو...“
”هيو...“ شوپا زور سان چيو.
مسز هوشنگ ٻائي هڪ پل لاءِ حيرت ۾ اچي وئي، پر پوءِ ٿورو مرڪي چوڻ لڳي:
”توکي ماريندو هو نه؟ ان ڪري نه؟... مان سمجهان ٿي...“ هن به ٿي ڀيرا ڪنڌ لوڏي

چيو، ”مارِيندو ته هو مون کي به هو، پر هاڻي انهن ڳالهين کي مون ته وساري ڇڏيو آهي...“
شوپا بيزاريءَ سان چيو: ”اهو تون ڄاڻ...“
”مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿي؟“ مسز هوشنگ ڳالهه بدلائيندي چيو.
”مون کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت ناهي...“ شوپا ڪيس جواب ڏنو.
مسز هوشنگ هٻڪي وئي، پوءِ هن ساڻس اها ڳالهه ڪئي، جيڪا هوءَ ڪجهه عرصي کان سيني ۾ سانڍي ويٺي هئي: ”مون کي هن جا پندرهن رپيا ڏيڻا هئا، هن جي پوئين پگهار جا...“
”ته هن کي ڏئي ڇڏين ها...“ شوپا چيو.
”خير ... هي ويچارو ته مري ويو آهي.“ مسز هوشنگ جي دل ۾ سخاوت واري حس پيدا ٿي، ”اهي رپيا هاڻي توکي ڏئي سگهان ٿي، هڪڙي ئي ڳالهه آهي...“
”مون کي نه ٿا گهرجن...“
مسز هوشنگ هڪ ڏکيو ساهه کڻي چوڻ لڳي: ”جيئن تنهنجي مرضي، مان زور نه ڪنديس... مان هن مهل تائين هتي ترسي به ان ڪري هيس، تو سان صلح ڪرڻ لاءِ.... چاڪاڻ ته هن دنيا ۾ صرف اسان ٻئي عورتون ئي هن سان محبت ڪنديون هيونسين، ان ڪري مون سوچيو ته .... ته اسان ٻنهي کي هن مصيبت ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي...“
”نه مان ائين نه ٿي سوچيان...“
”ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته...“ مسز هوشنگ اندازو لڳائيندي چيو، ۽ ان اندازي تي خوش ٿيندي چوڻ لڳي، ”ان جو مطلب اهو ٿيو ته تون هن سان ايترو پيار نه ڪندي هئينءَ، جيترو مان ڪندي هيس.“
”ها...“
”مون توکان وڌيڪ هن کي چاهيو.“
”جي ها مسز هوشنگ...“
مسز هوشنگ پنهنجو چپ چٻاڙڻ لڳي، هڪ ٻيري لاليءَ جي ٿڌي ڇهري کي ڪاوڙ وچان گهوري نهاريائين، ٻيو ٻيرو شوپا کي ... ۽ ڪجهه چوڻ ڪانسواءِ مڙي، تڪڙي تڪڙي اسٽوڊيو کان ٻاهر هلي وئي.

هاٽي ڪوئي به ڪونه هو، لاليءَ وٽ رڳو شويا ئي رهجي وئي هئي، هاٽي هوءَ تورو سرڪي هن جي قرب تي ويني، چادر هٽائي هن جو چهرو غور سان ڏسڻ لڳي، وري هن جي نراڙ تان وڪڙ ڪائي ويل چڳ هٽائي، وڏي درديلي لهجي ۾ هن کي چوڻ لڳي:
”سمهي پءُ، منهنجا پنهنجا سمهي پءُ، هيءَ ڪير ٿيندي آ توسان پيار ڪرڻ واري، مان ته ڪڏهن پيار جو هڪ لفظ به توکي چئي نه سگهيس، ڪڏهن به ته نه چيو.... لالي، برو، بدمعاش، نڪمو، آوارا... منهنجا پيار لالي، ڪو به نه سمجهي سگهيو توکي.... هاٽي ته چئي چڏيانءِ! هاٽي چوڻ ۾ ڪهڙو حرج، چاڪاڻ ته هاٽي تون ٻڌي ته ڪونه ٿو سگهين، ان ڪري چئي ٿي چڏيان ته لالي تون ڏاڍو برو هئين، تو مون کي ماريو، ڌڪ هنيا، هتي... (متي تي آڱر رکي) ۽ هتي (چهري تي آڱر رکي) ۽ هتي (سيني تي آڱر رکي) تنهنجي مارڻ سبب نير پئجي ويا هئا، (سڏڪو پريندي) اهي منهنجي بدن تي تنهنجي ڏنل زيورن جيان سجيل هئا، مان ان وقت تنهنجي ڪنوار هيس، مون کي لڄ ٿي اچي اهو چوندي... (روئي) سمهي پءُ، منهنجا لالي منهنجا پيارا غنده، منهنجا پنهنجا، منهنجا... سمهي پءُ، سمهي پءُ...“
هن جو چهرو چادر سان ڍڪي تي چڏي، آهستگيءَ سان اٿي ٿي، رف تان گيتا کڻي اچي ٿي، ۽ هوريان هوريان منهن ئي منهن ۾ پڙهڻ لڳي ٿي، چند منٽ هوءَ ائين ئي پڙهندي رهي... ۽ ان دوران بسنتو به دروازي مان اندر داخل ٿي خاموشيءَ سان بيهي هن کي گيتا پڙهندي ڏسندو رهيو، پوءِ همٿ ڪري تورو اڳتي آيو ۽ ڪنگهڪار ڪري چوڻ لڳو:
”شويا راڻي...“
”ڪير آ...؟“ چوندي شويا ڪتاب تان منهن ڦيرائي وڌنڊڙ اونداهيءَ ۾ هن ڏانهن ڏٺو... بسنتو ڪٻاڙيو سندس مٿان بينو هو، هوءَ چرڪي وئي ۽ چوڻ لڳي. ”چاهي بسنتا... تون چا ٿو چاهين؟“
”ڪا مدد ڪري سگهان ٿو.“ هن پنهنجي ڍڳهن ۽ مضبوط هٿن کي مليندي، ڌيرج سان چيو، ”اهڙي سمي تو وٽ ترسي سگهان ٿو؟“
شويا چوڻ لڳي: ”نه بسنتا هليو وڃ.“
”سياڻ اچان؟“
”نه سيان به نه“

”گسو نہ ڪر شوپا راڻي،“ هن پنهنجي صاف سچي ۽ کهري لهجي ۾ چيو، ”پر مون کي ڪا اميد... ڪجھ خبر تہ پوي...“ ڪجھ بہ... هاڻي مان جوان ناهيان، ۽ منهنجا بہ ٻار بہ آهن، پر مون کي ٿوري بہ اميد ڏي تہ... تہ مان سياڻ وري ايندس.“

”نہ بسنتا!“ شوپا فيصلي واري انداز ۾ چوڻ لڳي، ”سياڻي بہ نہ اچجانءِ... ڪڏهن بہ نہ اچجانءِ...“ شوپا ايترو چئي وري ڪنڌ جهڪائي گيتا پڙهڻ لڳي. بسنتو خاموش بيٺو رهيو، ڪجھ پل هو ڪيس همدرديءَ وچان، محبت، چاهت ۽ ڌيرج وچان نهاريندو رهيو، پوءِ مٿو لوڏي، جڻ هن جي سمجھ ۾ ڪجھ نہ ايندو هجي، مڙي واپس ٻاهر هليو ويو.

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ جهگو اندر آيو، خاموش ۽ پير پير ۾ پائي، ڪتولي جي ٻانهينءَ وٽ اچي بيهي رهيو، ۽ لالي ڏانهن نهاريندي عجيب انداز سان مٿو ڌوڻڻ لڳو. هن جي ناسن مان عجيب سون سون جو آواز اچڻ لڳو، آويا منهن مٿي ڪري هن ڏانهن نهاريو، هن جي نگاھ ايتري تکي هئي جو جهگو گهٻرائجي پوئتي هٽي ويو، پوئتي بيهي هو پنهنج آڱرين جا نهن چڪڻ لڳو، شوپا پنهنجي جاءِ تان اٿي، تہ هو ويتر گهٻرائجي ويو ۽ پوئتي هٽندي چوڻ لڳو:

”چانهن نهي وئي آهي، هو رنڌڻي ۾ تنهنجو انتظار پيا ڪن.“ ائين چئي هو تڪڙو تڪڙو نڪري ويو، شوپا لاليءَ جي مٿان پيل ڪپڙو درست ڪيو، پوري بدن کي چادر ۾ ويڙهيو، پوءِ رنڌڻي جي پاسي هلي وئي.

هاڻي لالي جو لاش چادر ۾ ڍڪيل، اڪيلو رکيل هو. وڏي هال ۾ اونداهي ۽ خاموشي ڇانيل هئي، رڳو دريءَ مان ڪارنيوال جو شور ۽ ان جي موسيقي ٻڌڻ ۾ پئي آئي، لاليءَ جو صوفو دريءَ وٽ خالي پيو هو. اوچتو ڪارنيوال جو شور ۽ موسيقي وڌڻ لڳي، ۽ ان موسيقيءَ ۾ مسز هوشنگ ٻائيءَ جي نئين ساز تي وڄندڙ ڌن سڀ ڪان وڌيڪ نمايان ٿي وئي، ان ڌن ۾ بار بار لاليءَ ۽ جهگي واري پراڻي گيت جا اهي سر ٻڌڻ ۾ پئي آيا، جيڪي انهن واردات تي وڃڻ کان اڳ ۾ هن ئي ڪمري ۾ پئي ڳاتا. پوءِ هڪ عجيب طريقي سان انهيءَ ڌن ۾ هڪ نئين پروقار جنت ڏانهن ڏيان ڇڪائيندڙ موسيقيءَ جا سر وڌڻ لڳا، اوچتو اسٽوڊيو جي دروازي مان ٻہ پراسرار ماڻهو داخل ٿيا، انهن کي ڪارا چوغا پهريل هئا ۽ انهن جي مٿي تي ڪاريون پڳون ٻڌل هيون، ۽ اهي ٻئي وڏي ۽ ڳوري عصا جي سهاري، بي آواز قدمن سان داخل ٿيا، ۽ اڳتي وڌي اچي، ڪتولي جي ساڄي ڪاٻي پاسي بيهي رهيا، پوءِ هڪ لاليءَ جي لاش کي مخاطب ڪندي چوڻ لڳو:

” اٿ اسان سان گڏجي هل.“
”ها...“ ٻيو چوڻ لڳو، ”اسان توکي گرفتار ڪرڻ آيا آهيون.“
پهريون: ”ٻڌين تو، اٿي پءُ.“
ٻيو: ”اسان پوليس وارا آهيون.“
پهريون: ”اٿ اسان سان هل.“
لالي آواز ٻڌي ڪتولي تي اٿي ويهي رهيو، هو بي نور اکين سان خلا ۾ نهاري رهيو هو.
ٻئي پراسرار شخص پنهنجي عصا سان ڪتولي کي ڇهندي چيو: ”ها! هاڻي هل... پري.“
پهريون: ”هي ماڻهو سمجهن ٿا ته مرڻ سان ان جا مسئلا ۽ مشڪل حل ٿي ويندا آهن، رڳو سيني ۾ چاقو هڻڻ سان ... دل جي حرڪت بند ڪرڻ سان ... پنهنجي زال کي ڇڏي ڏيڻ سان ۽ ان جي پيٽ ۾ پيل ٻار کي لاوارث ڪرڻ سان... ايترو آسان نه آهي ڇڏي ڏيڻ...“
ٻيو: ”اتي تنهنجو حساب ٿيندو.“
ٻئي پنهنجي عصا جي آخري چيڙي سان لاليءَ جي اڪڙيل جسم کي ڇهيو، لاليءَ جي اکين جي پتلين ۾ روشني موٽي آئي، هن جي چهري تي هڪ عجيب روشن چمڪ اچي وئي، هو ڪتولي تان لهي اٿي بيٺو.
پهرين پراسرار شخص چيو: ”هل...“
ٻئي چيو: ”توهان هن دنيا جا ماڻهو سمجهو ٿا ته مري، آسانيءَ سان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو!“
پهريون چوڻ لڳو: ”ڇوٽڪارو ملڻ ايترو آسان نه آهي، اجان هتي جا ماڻهو تنهنجي نالي کان واقف آهن، تنهنجي صورت کي سڃاڻن ٿا، جيڪو تو اڄ تائين چيو، ڪيو، جيڪو تون نه ڪري سگهين، اهو سڀ ياد آهي انهن کي، تنهنجي هر نظر، آواز جو ڪڙڪو، هٿن جي گرمي، ڪارنيوال جون صدائون... ۽ جيستائين اهي ڪنهن کي ياد آهن، معاملو ختم نه ٿو ٿي سگهي، ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو آهي، منهنجا پٽ! جيستائين توکي صفا وساريو نه ويندو، تيستائين هن ڌرتيءَ سان تنهنجو ناتو ختم نه ٿيندو، مرڻ ڪانپوءِ به ختم نه ٿيندو.“
پوءِ ٻئي پراسرار شخص، ڪتولي جي پرسان بيٺل لاليءَ کي اشارو ڪندي چيو: ”اچ...“
اڳيان اڳيان پهريون پراسرار شخص هلڻ لڳو، ان جي پويان پويان لالي ۽ ان جي پويان ٻيو پراسرار شخص، عصا جي سهاري... ٽئي هلندي هلندي اونداهيءَ ۾ غائب ٿي ويا.

انهن جي وچڻ ڪانپوءِ ٻہ ڪتولي تي، چادر ۾ ويڙهيل لاش، ساڳئي ئي نموني ڍڪيل رکيو هو، ائين ٿي لڳو ڄڻ هتان ڪوبہ اٿي نہ ويو آهي.

پوءِ شوپيا رنڌٽي مان روشني ڪٽي آئي، ۽ جڏهن هوءِ اندر آئي تہ هن ڪي لڳو، ڄڻ هاٽي هاٽي ڪو ساه جيان دريءَ کان ٻاهر هليو ويو . . .

(9)

ان پار. . . ٻي دنيا ۾، جڏهن لاليءَ ڪي عدالت جي ڪمري ۾ آندو ويو، تہ هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هيءَ عدالت بلڪل ائين ئي هئي، داور يا انٽيريءَ واري عدالت ۾ ڪيس ٻہ پيرا پيش ڪيو ويو هو، ۽ پنهنجي خلاف ڪنهن ثبوت نہ ملڻ تي ڇٽي آيو هو.

جنهن جي ڏکهي جهنگلي جي پويان مئجسٽريٽ جي وڏي ڏکهي ڪرسي ۽ ان جي اڳيان مستطيل ۽ ويڪري ميز رکيل هئي، جنهن تي سائي رنگ جي فلالين جي چادر پئي هئي، جنهن تي مس جا ڪيترائي داغ لڳل هئا. مئجسٽريٽ جي ڪرسيءَ جي پويان ديوار تي ڪانيءَ جو وڏو چوڪندو تختو ٽنگيل هو، جنهن ۾ تصوير بجاءِ هڪڙو انگ لڪيل هو، ۽ ان ديوار جي ساڄي کاٻي پاسي ٻہ بيحد مضبوط لوهي دروازا نظر اچي رهيا هئا، جن تي لوهي ڪڙا لڳل هئا، جن کي ڪولڻ جو ڪنڊيو ٻہ ٻاهران ئي ٽهيل هو، ساڄي کاٻي وارن انهن دروازن جي وچ ۾ . . . ديوار جي بلڪل وچ ۾ ڪرسيءَ جي صفا پويان هڪ ٻيو ٻہ دروازو هو، جنهن تي هڪڙي گهنٽي لڳل هئي.

ان بنگلي جي اندر عدالت جي ڪرسيءَ جي پر ۾ ساڄي پاسي، پيشڪار جي ويهڻ جي جاءِ هئي، ان جي بلڪل هينان ملزمن جو ڪٽهڙو هو، ان کان هيٺ ڪانيءَ جو بينچون قطارن ۾ رکيل هيون، جن جي ڪاٺي صفا ڳري پراڻي ٿي وئي هئي، ۽ ڪوڪن کي زنگ لڳي ويو هو. لاليءَ محسوس ڪيو تہ انهن بينچن جي اڳيان، عدالت جي ڪٽهڙي جي سامهون، وڪيلن جي ميز هوندي هئي، ۽ انهن جون ڪرسيون ٻہ؟ پر اهي هتان غائب هيون.

جيئن ئي لالي انهن ٻن ڪارن ڪپڙن وارن ٻن سپاهين سميت داخل ٿيو، هن ڏٺو تہ پيشڪار گنجو آهي، پر هن جي چهري تي ڏاڙهي صفا اچي ڪپهہ جهڙي آهي، جيڪا ڏاڍي سني پئي لڳس، پيشڪار اٿي گهنٽي لڳل پوئين دروازي تائين ويو، دروازو ڪولي هن اندر ليئو پاتو، پوءِ جهڪي سلام ڪيو، پوءِ دروازو بند ڪري واپس اچڻ لڳو ۽ لاليءَ ڪي گهوري نهاري رهيو هو، هو وري ڪانيءَ جي بينچن ڏانهن ڏسڻ لڳو، جتي سڀ کان اڳين بينچن تي هن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي ويٺل هئا. انهن مان هڪ

شخص جي ڏاڙهي هڪ ٻن ڏينهن واري حساب سان وڌيل هئي، ٻئي ڪي ڏاڙهي مچون ڪو نہ هيون، ڏاڙهي مچن ڪانسواءِ شخص بدن ۾ پريل هو ۽ ڪيس عمدا ۽ صاف سترا ڪپڙا پاتل هئا، ٻانهن ۾ قيمتي گهڙي بہ پيل هيس، جنهن شخص جي ڏاڙهي وڌيل هئي، ان جا ڪپڙا بہ ميرا، ڦاٽل، گندا ۽ جاءِ جاءِ تان ڦاٽل هئا.

لاليءَ حيرانيءَ وچان ديوار ۾ لڳل لوهي دروازن ڏانهن ڏٺو، جيڪي ساڄي کاٻي پاسي ديوار جي پاسن تي، وڏي مضبوطيءَ سان بند ٿيل هئا. الائي تہ انهن دروازن جي پويان ڇا هو؟ پوءِ هن ڪمري جي چئني پاسي نظر ڊوڙائي، بلڪل دادر واري عدالت جو نقشو هو، بس رڳو وڪيلن جي ميز ڪانہ هئي. ايتري ۾ ڪارا ڪپڙا ۽ ڪاري پڳ واري پهرين سپاهيءَ، عدالت جي پيشڪار کي چيو: ”ٻڌائي ڇڏ تہ اسان حاضر آهيون.“

عدالت جي پيشڪار هلڪي انداز ۾ ڪنڌ جهڪايو، ڄڻ هن سپاهيءَ جي ڳالهہ کي ذهن نشين ڪري ورتو هجي. پوءِ هو ساڄي پاسي هليو ويو، هن جي وڃڻ ڪانپوءِ لاليءَ هلڪي آواز ۾ پڇيو:

”ڇا هيءَ اهو ئي هنڌ آهي؟“

”هائو ٻچا.“ ٻئي سپاهيءَ جواب ڏنس.

ماجسٽريٽ جي ڪچهري؟“ لاليءَ جي اکين ۾ گهري حيرت هئي.

”هائو ٻچا...“ پهريون سپاهي چوڻ لڳو، ”هتي خودڪشي ڪرڻ وارن کي پيش ڪيو ويندو آهي.“

ٻئي چيو: ”هتي تنهنجو انصاف ٿيندو،“ پوءِ اڳيان رکيل بينچ ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ويهہ...“.

لالي انهن ٻنهي ماڻهن جي وچ ۾ ويهي رهيو، جن کي هن پهريائين بينچ تي ويٺل ڏٺو هو، بينچ جي هڪ پاسي امير ماڻهو ويٺل هو ... کاٻي پاسي ۽ ساڄي پاسي اهو ڦاٽل ڪپڙن وارو غريب شخص ويٺل هو.

امير شخص پنهنجي نڪ تي رکيل چشمو سڌو ڪيو ۽ غور سان لاليءَ کي تڪڻ لڳو، پوءِ هن کان پڇڻ لڳو:

”خودڪشي؟“

لاليءَ دل جهلي چيو: ”هائو...“

امير شخص غريب شخص جي طرف اشارو ڪندي چيو: ”هن بہ...“ ٿورو ترسي هن پنهنجو تعارف ڪرايو، چوڻ لڳو، ”مون کي ياگيرٽ چوندا آهن.“

غريب شخص چوڻ لڳو: ”منهنجو نالو بنارسي داس آهي.“ پنهنجو نالو ٻڌائي هن لاليءَ کان پڇيو، ”تنهنجو نالو؟“

لاليءَ چيو: ”توکي منهنجي نالي سان ڪهڙو واسطو؟“

اهو جواب ٻڌي اهو غريب ۽ امير شخص، جيڪي ان وقت لاليءَ جي بلڪل ويجها وينا هئا، سي ٿورو سرڪي پري ٿي وينا.

غريب شخص ته لاليءَ کي نظرانداز ڪندي، امير شخص کي ٻڌايو: ”مون ٽين منزل تان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي.“

امير شخص چوڻ لڳو: ”مون پستول سان،“ پوءِ هن لاليءَ ڏي منهن ڪري پڇيو،”۽ تو...؟“

لالي چيو: ”مون چريءَ سان...“

اهو ٻڌي اهي ٻئي ڄڻا هن کان ٿورو وڌيڪ پري سرڪي وينا. لاليءَ حقارت وارين نظرن سان امير شخص ڏانهن نهاري چيو: ”اگر مون وٽ پستول خريد ڪرڻ جي رقم هجي ها ته مان خودڪشي نه ڪيان ها!“

”خاموش...“ ٻئي سپاهيءَ کين دٻ ڪڍي.

اوچتو پويان وارو مرڪزي دروازو کليو ۽ ان مان مئجسٽريٽ عدالت ۾ داخل ٿيو، هن جي داخل ٿيندي ئي، سيئي اٿي بيهي رهيا... پيشڪار، سپاهي، ٻئي خودڪشي ڪندڙ، پر لالي نه اٿيو، بي ادبيءَ سان ساڳي بينچ تي وينو رهيو، البت هن ايترو محسوس ضرور ڪيو ته مئجسٽريٽ جي شخصيت بيحد گنڀير ۽ پروقار آهي، متي تي وار گهٽ هيس ۽ جيڪي هيس اهي به اڇا ٿي ويا هيس.

جڏهن مئجسٽريٽ پنهنجي ڪرسيءَ تي وينو ته سڀ ماڻهو قاعدي ۽ سليقي سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وينا. پيشڪار پنهنجي جاءِ تي مئجسٽريٽ جي پرسان پر ان کان ٿورو هيٺ وينو ۽ پيش ٿيندڙ ملزمن جا ڪاغذ ان طرح ئي ڏسڻ لڳو، جيئن هن دنيا جي عدالتن ۾ ٿيندو آهي.

پيشڪار رجسٽر کولي عدالت کي ڏيکاريندي چيو: ”ڪالهه جا ڪيس حضور والا، نمبر وار درج ڪيل آهن.“

مئجسٽريٽ اهو رجسٽر وٺي پنهنجي ميز تي رکيو ۽ ان کي پڙهندي، وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو: ”سورهن هزار چار سئو پنجويهه نمبر...“

پهرين سپاهيءَ پنهنجي ڪاپي ڪڍي ڏسڻ لڳو، پوءِ امير شخص کي چوڻ لڳو: ”اتي، ڪٺهڙي ۾ اچي ويهو، مهرباني ڪري...“

امير شخص بينچ تان اٿيو ۽ ملزمن جي ڪٺهڙي ۾ وڃي بيٺو. مجسٽريٽ پنهنجي اچين پرون جي هيٺان تيز ۽ چمڪندڙ نگاهن سان هڪ پيرو هن کي مٿي کان پيرن تائين ڏٺو، پوءِ چيو: ”تنهنجو نالو؟“

”پاگيرٿ.“

”عمر؟“

”ٻائيتالهه سال.“

”شادي شده؟“

”جي ها.“

”پنهنجي جان ڇو ورتهءِ؟“

”قرض چڙهي ويو هو.“

”اتي ڇا ڪندو هئين؟“

”مان هڪ وڪيل هوس، يوئر آنر...“

”ٺيڪ آ ٺيڪ آ، ان کي پوءِ ٿا ڏسون.“ مئجسٽريٽ چوڻ لڳو، ”هن وقت مان توکان صرف هڪڙو سوال ٿو ڪريان ته ڇا تون زمين تي واپس وڃڻ چاهين ٿو؟ صرف هڪ پيرو صبح ٿيڻ کان اڳ ۾... جيڪڏهن تون وڃڻ چاهين ته مان ان جي اجازت ڏئي ڇڏيندس، اهو تنهنجو حق آهي، سمجهين ٿو؟“

”هائو حضور.“ پاگيرٿ حيران ٿي چيو، ڇاڪاڻ ته وڪيل هجڻ جي باوجود هن کي ان ڳالهه جي خبر ڪانه هئي.

مئجسٽريٽ هن کي سمجهائيندي چوڻ لڳو: ”جيڪو شخص پنهنجي جان وڃندو آهي، اهو شخص تڪڙ ۽ پريشانيءَ ۾ ڪجهه وساري ٻه سگهندو آهي، ڪو ٻه اهم ڪم... جيڪو تو ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ نه ڪري سگهين، يا جيڪي ڪجهه تو ڪيو هجي ان کي ميسارڻ لاءِ يا ڪوئي ضروري پيغام، جيڪو تون ڪنهن کي ڏيڻ چاهين پيو پر توکان ڏيڻ وسري ويو، سمجهين ٿو؟“

”هائو حضور.“ پاگيرٿ پراميد لهجي ۾ چيو، ”منهنجي قرضن جي سلسلي ۾ ڪافي ڪم رهيل ...“

مئجسٽريٽ هن جي ڳالهه ڪاٽيندي چيو: ”تنهنجي قرضن جي هتي ڪابه اهميت نه آهي، اسان هتي رڳو انهن مسئلن سان واسطو رکندا آهيون جن جو تعلق روح سان آهي.“
پاڳيرٿ کي ڪجهه ياد آيو ۽ هڪدم ادب سان چوڻ لڳو: ”ته حضور والا، جڏهن مان هليو هيم ته ان وقت منهنجو سڀ کان ننڍو ڇوڪرو اڃان اسڪول کان نه موٽيو هو، هن وقت هو سٽل هوندو، صبح جو هن جي اٿڻ کان اڳ ۾ هميشه هن پيشانيءَ تي چمي ڏيندو هوس، ان ڪري اجازت ملي ته اڄ رات صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ .... مان ڪنهن وقت...“
هو خاموش ٿي ويو.
مئجسٽريٽ هڪ فائيل تي ڪجهه لکندي حڪم ڏنايو ۽ ٻئي سپاهيءَ کي چيو: ”تون مسٽر پاڳيرٿ رام ايڊووڪيٽ کي واپس وٺي ويندين، ته جيئن هي پنهنجي ٻار جو نراڙ چمي سگهي.“
ٻئي سنتريءَ، امير شخص کي چيو: ”اچو مون سان گڏ ...“
امير شخص ڪٺهڙي تان لهڻ کان اڳ ۾ عدالت کي جهڪي سلام ڪيو، پوءِ وڏي ادب سان هيٺ لٿو ۽ ٻئي سپاهيءَ سان گڏجي عدالت جي ڪمري مان ٻاهر هليو ويو.
هن جي وڃڻ ڪانپوءِ عدالت وري رجسٽر ۾ نهاريو، فائيل ڏٺو، هڪ فائيل تي ڪجهه لکيو، پوءِ وري رجسٽر ڏسندي چوڻ لڳو: ”نمبر سورهن هزار چار سئو چويهه.“
پهرين سپاهيءَ وري پنهنجي ڪاپيءَ ۾ نهاريو ۽ ڪنڌ کڻي لاليءَ کي اشارو ڪندي چيو: ”اٿي بيهه.“
لالي غصي وچان سپاهيءَ ڏانهن نهاريندي چيو: ”تو اڳ ۾ پهرين شخص کي چيو ته مهرباني ڪري اٿو، ڪٺهڙي ۾ اچي بيهو“ ايترو چئي هو سپاهيءَ جي جواب جي انتظار ڪرڻ ڪانسواءِ ئي پنهنجي جاءِ تي اٿي بيٺو ۽ پوءِ وک وڌائي ڪٺهڙي ۾ وڃي بيٺو، مئجسٽريٽ هن کي ٻه تکين نگاهن سان پيرن کان مٿي تائين گهوري نهاريو ۽ لاليءَ کي ائين لڳو، ڄڻ ڪا ڪنوڻ ڪلي هجي، ٿورو گهبرايائين سهي، پر هو ڊنو نه.
مئجسٽريٽ ڪانئس نالو پڇيو: ”نالو..“
”لالي.“
”ڇا تنهنجو نالو اهو ئي آهي؟“
”ماڻهو مون کي ان ئي نالي سان سڃاڻيندا آهن.“ لاليءَ چيو.
مئجسٽريٽ ٿورو سختي سان چيس: ”پنهنجو پورو نالو ٻڌاءِ؟“
”موتي لال.“

”عمر؟“
”چوويهه ورهه...“
”تو دنيا ۾ ڪهڙو سنو ڪم ڪيو؟“ اوچتو مئجسٽريٽ جو سوال ٻڌي لالي حيران ٿي ويو. مئجسٽريٽ ڪيس خاموش ڏسي وري پڇيو، ”تو پنهنجي جان ڇو ورتي؟“
لالي خاموش رهيو.
مئجسٽريٽ ڏٺو ته لاليءَ جي هٿ ۾ اها ساڳي ئي ڇري آهي، جيڪا هن پنهنجي سيني ۾ هڻئي هئي، هن پهرين سنتريءَ کي چيو: ” هن کان اها ڇري وٺي وٺ.“
سپاهيءَ اڳتي وڌي لاليءَ هي هٿ مان ڇري وٺي ورتي، جنهن تي لاليءَ ڪابه مزاحمت ڪانه ڪئي. مئجسٽريٽ ڪيس نهايت نرميءَ سان پڇيو: ”تون واپس زمين تي وڃڻ چاهيندين ته هيءَ ڇري توکي واپس ڪئي ويندي.“
لاليءَ جي دل ۾ اميد جي لهر ڊوڙجي وئي: ”ڇا مان واپس وڃي سگهان ٿو؟“
”منهنجي سوال جو جواب ڏي؟“ مئجسٽريٽ چيو.
لاليءَ چيو: ”مان جواب نه پيو ڏيان، ڪجهه پڇان ٿو؟“
مئجسٽريٽ چوڻ لڳو: ”هن ڪنهڙي ۾ ڀيهڻ وارا سوال نه پڇندا آهن، رڳو جواب ڏيندا آهن ... موتي لال مون کي منهنجي سوال جو جواب ڏي، ڇا دنيا ۾ جتان تون آيو آهين، اتي ڪو ڪم اڌ ۾ ڇڏيو اٿئي، جيڪو تون پورو ڪرڻ چاهين ٿو ؟“
”ها...“
”اهو ڪهڙو ڪم آهي؟“
”مان هن بدبخت جهڳي جي ڪيپراتيءَ جا ٻه ٽڪر ڪرڻ ٿو چاهيان.“ لالي ڪاوڙ واري نوع ۾ چيو.
”سزا ڏيڻ اسان جو ڪم آهي، تنهنجو ڪم ناهي.“ مئجسٽريٽ ڪيس دڙڪو ڏنو، ”ياد ڪر... ڪجهه ٻيو... ڪو ٻيو ڪم، جيڪو تون ڪرڻ چاهين ٿو؟“
لالي ٽڪيل لهجي ۾ جواب ڏنو: ”مون کي ڪا خبر ڪانهي، مان ڪجهه چئي نه ٿو سگهان، سواءِ ان جي ته جيستائين مان هتي آهيان ته واپس وڃڻ نه ٿو چاهيان.“
مئجسٽريٽ پيشڪار کي مخاطب ڪندي چيو: ”نوٽ ڪريو، هن پنهنجو واپس وڃڻ وارو حق وڃائي ڇڏيو آهي.“
لالي ٻڌي حيران ٿي ويو، هو آهستگيءَ سان ڪنڌ لوڏي ڪنهڙي مان نڪرڻ لڳو ته مئجسٽريٽ جو آواز ٻڌي بيهي رهيو: ”ترس...“ لالي اتي ئي بيهي رهيو، مئجسٽريٽ

ڪيس چيو، ”ڇا توکي خبر آهي تہ تون پنهنجي زال کي روئي ۽ ڪپڙن ڪانسواءِ ڇڏي آيو آهين؟“

”جي ها خبر اٿم.“

”ڇا توکي ان ڳالهہ جو افسوس نہ آهي؟“

”نہ...“

”توکي خبر آهي تہ تنهنجي عورت حاملہ آهي؟ ۽ ڇهن مهينن کانپوءِ هڪ ٻار کي جنم ڏيندي؟“

”مون کي خبر آهي.“

”۽ اهو تہ .... تہ تنهنجي نہ هجڻ جي صورت ۾ ٻار بہ روٽي ۽ ڪپڙي جو محتاج ٿي پوندو، ڇا توکي ان ڳالهہ جو بہ افسو نہ آهي؟“

لالي پنهنجا ڪلها لوڏي چوڻ لڳو: ”مان تہ هتي آهيان ۽ هو رهيا هُتي، منهنجو هنن سان ڪهڙي واسطو.“

مئجسٽريٽ آڱر اڀي ڪري چوڻ لڳو: ”تون اسان کي ڏوکو نہ ٿو ڏئي سگهين موتي لال... اسان توکي شفاف شيشي جيان آرپار ڏسي سگهون ٿا.“

”جيڪڏهن اوهان ڏسي سگهو ٿا تہ پوءِ مون کان پڇو چو ٿا؟“ لاليءَ چيو، ”مون کي ڇڏي ڏيو، جهڙو مان آهيان، بس آرام سان رهڻ ڏيو...“

مئجسٽريٽ چيو: ”آرام جو حق آسانيءَ سان نہ ملندو آهي، اهو ڪنهن نيڪ ڪم جي ڪري ملندو آهي.“

”مون کي ننڊ ٿي اچي ...“ لالي ٿڪل ٿڪل انداز ۾ چيو، مان سمهڻ ٿو چاهيان.“

مئجسٽريٽ چيو: تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين، تون هڪ ضدي انسان آهين ۽ مغرور بہ، پر اسان وٽ وقت جي ڪمي نہ آهي، اسان انتظار ڪري سگهون ٿا.“

لاليءَ کي ڪجهہ ياد آيو، ۽ ياد ايندي ئي هن جون اکيون چمڪڻ لڳيون، جنهن تي هن تمام منٿ واري انداز ۾ پڇيو: ”حضور! جيڪڏهن مان هڪ ڳالهہ پڇان، سوال نہ پر التجا ٿو ڪريان، بس ايترو ٻڌايو تہ ڇوڪري ٿيندي يا ڇوڪرو؟“

”تون انهن کي خود پنهنجي اکين سان ڏسي سگهندين!“ مئجسٽريٽ مرڪندي چيو، لاليءَ جي چهري تي خوشي جي لهر ڊوڙي وئي، چوڻ لڳو: ”سچ؟ مان ان کي ڏسي سگهندس.“

مئجسٽريٽ چوڻ لڳو: ”جڏهن تون ان کي ڏسندين، ان وقت هن جي عمر ڪنهن ٻار جيتري نہ هوندي، پر اسان اجا ان منزل تائين نہ پهتا آهيون.“
”مان هن کي ڏسي سگهندس!“ لاليءَ خوشيءَ کان ورجائي چيو، ڄڻ هن کي يقين نہ ايندو هجي.
مئجسٽريٽ پنهنجي لهجي ۾ سختي پيدا ڪندي چيو: ”ٻڌ... موتي لال، توکان پيهر پڇيو ٿو وڃي... ڇا توکي پنهنجي زال ۽ ٻار کي ائين بنا سهاري جي ڇڏي ڏيڻ تي افسوس ڪونہ ٿو ٿئي؟ ڇا توکي ان ڳالهہ جو ٿورو بہ احساس نہ آهي تہ تون هڪ برو مڙس ۽ برو پيءُ ثابت ٿيو آهيان؟“
”هڪ برو مڙس؟“ لاليءَ پڇيو.
”جي ها.“
”هڪ برو پيءُ؟“
”جي ها اهو بہ....“
لاليءَ هڪ ڏکهو ساهہ کڻي چيو: ”مان ڇا ڪريان ها، مون کي ڪٿي ڪم جو نہ ٿي مليو... ۽ مان شوپا کي هر وقت ائين...“ چوندي رڪجي ويو، ”ائين...“ هو وري چپ ٿي ويو، هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر زبان هن جو ساٿ نہ پئي ڏنو، ”هن کي ائين ڏسندي...“ هو وري چپ ٿي ويو تہ مئجسٽريٽ سندس جملو پورو ڪيو:
”ائين روئيندي ڏسي نہ پيو سگهين ... تون اها ڳالهہ چوندي هٻڪين چو ٿو؟“
مئجسٽريٽ جون تيز نگاهون هن جي چهري تي ڄميل هيون، ”تون هن کي رئندي ڏسي نہ پيو سگهين، ان ڳالهہ چوڻ ۾ ڪهڙو شرم ... تون هن سان محبت ڪندو هئين؟“
لالي چوڻ لڳو: ”ان ۾ شرم جي ڳالهہ اها آهي تہ مان اهو ڏسي نہ پئي سگهيس، ان ڪري، ان ڪري ڪڏهن هن سان خراب سلوڪ بہ ڪري ٿي وينس، مان واپس ڪارنيوال ۾ هن پوڙهيءَ وٽ وڃڻ نہ ٿي چاهيو ۽ پوءِ جهڳو اچي ويو، ۽ هو هڪ نئين زندگيءَ جي ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو، آسام وڃڻ ۽ الائي تہ ڇا ڇا... ۽ الائي تہ هي سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿي ويو، پوليس ۽ هو هري داس... ۽ هن جي هٿ ۾ پستول ۽ مان جوئا ۾ گهڻو ڪجهہ هارائي وينو هوس، جهڳو ڀڄي ويو ۽ مان جيل نہ ٿي وڃڻ چاهيو....“ لاليءَ تي ٿورو غصو چڙهڻ لڳو تہ مئجسٽريٽ جي طرف نهاري ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو، ”تہ مان ڇا ڪيان ها... ڇا ڪيان ها مان؟ جڏهن گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ هو، تہ ڇا مان چوري ڪريان ها؟“
”ها...“ مئجسٽريٽ برجستو جواب ڏنس، ”تون چوري ڪري وٺين ها...“

لالي حيران ٿي ويو، ڪجھ پل ته هو ائين وائڙو ٿيو بيٺو مئجسٽريٽ کي تڪيندو رهيو ته ڪٿي مئجسٽريٽ ساڻس مذاق ته نه پيو ڪري، پر هن جي سنجيده صورت تي طنز يا مذاق جو ڪو اولڙو به ڪونه هو. پر لاليءَ جي حيرت دور نه ٿي، هن مٿي کي هلڪو لوڏائي چيو:

”ان ڳالھ جي ته مون کي به خبر ڪانه هئي ۽ هيٺ زمين تي پوليس به ته ڪڏهن ان جي اجازت ڪانه ڏني.“

”تو ان معصوم ۽ ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ کي مارو ڪٽيو، چاڪاڻ ته توسان محبت ڪندي هئي، ائين ڇو ڪيو تو؟“

”جهڙو ته اسان روز ڪندا هياسي، هوءَ هيئن چوندي هئي ته مان هونئن چوندو هوس، ڳالھ مان ڳالھ نڪرندي هئي ۽ ائين وڌي ويندي هئي، ۽ جهيڙو شروع ٿي ويندو هو، چاڪاڻ ته هوءَ سچيون ڳالهيون ڪندي هئي ۽ ... ۽ جڏهن ته مان هن جي سچين ڳالهين جو جواب ڏئي نه سگهندو هوس ته هن کي مارڻ لڳندو هوس.“

”توکي ان جو افسوس نه ٿو ٿئي؟“ مئجسٽريٽ پڇيس.

لاليءَ چپ چوريا، هن ڪجھ چوڻ ٿي چاهيو، پر افسوس ۽ پشيماني، ڪڙو گولو بڻجي سندس نڙگهٽ ۾ ڦاسي پيس. هن ٽڪ ڳهڻ جي ڪوشش ڪئي، سندس نڙيءَ مان هلڪو آواز نڪتو: ”جڏهن مان هن جي نرم بخمل جهڙي گردن تي هٿ رکندو هوس ته ان وقت تون ڇئي سگهين ٿو ته ان وقت...“چوندي اوچتو خاموش ٿي ويو، بيچين ۽ پشيمان نظر اچڻ لڳو، پر افسوس جو لفظ پوءِ به هن جي ڳلي ۾ اٽڪيل رهيو. مئجسٽريٽ زور ڪندي چيس:

”توکي افسوس آهي؟“

مئجسٽريٽ جي ان زور ڏئي پڇڻ تي هن جو چهرو بدلجي ويو، هو غصي ۾ چوڻ لڳو:

”نه... مون کي ڪوبه افسوس ناهي.“

مئجسٽريٽ مٿو لوڏيندي چيو: لالي لالي، تنهنجي مدد ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.“

”مون کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت ناهي!“

مئجسٽريٽ فائيل ۾ ڪجھ لکيو، پوءِ قلم روڪي ورتو، نظرون مٿي ڪري ڪجھ پل غور ڪندي وري لاليءَ ڏانهن نهاريندو رهيو، پوءِ چيائين: ”توکي پيدرو روڊ تي چوڪيداريءَ جي ملازمت پئي ملي، “ وري ترسي پيشڪار کان پڇڻ لڳو، ”هن جي تفصيل ڪٿي درج آهي؟“

پيشڪار چوڻ لڳو: ”نندي رجسٽر ۾ درج آهي حضور، هن ۾ ڏسو،“ پيشڪار نندو رجسٽر کڻي مئجسٽريٽ جي هٿن ۾ ڏنو، مئجسٽريٽ، پنا اٿلائي ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پوءِ وڏي آواز ۾ پڙهڻ لڳو. ”خالي گهر، عمدو فرنيچر، ڊبل باٿ روم، هڪ سئو رپيا پگهار نوڪي، هڪ سئو رپيا پگهار شويا کي... تو اها نوڪري ڇو ڪانه ڪئي؟“
”چاڪاڻ ته مان چوڪيدار ناهيان.“ لالي چوڻ لڳو، ”مان ڪنهن گهر جي رکوالي نه ٿو ڪري سگهان، گهر جي سنڀالڻ لاءِ ماڻهوءَ کي رکوالو ٿيڻو پوندو آ... جيڪو مان ناهيان.“
”ڇو ناهين؟“ مئجسٽريٽ آهستگيءَ وچان پڇيس.
”ڇاڪاڻ ته ... ڇاڪاڻ ته،“ لالي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، پر مجبوريءَ واري حالت ۾ مئجسٽريٽ جي طرف معصوم نظرن سان نهاري چوڻ لڳو، ”ان ڪري ته حضور مان مري ويو آهيان.“
”اهو غلط آهي!“ مئجسٽريٽ چيو، ”تو ان ڪري پنهنجي جان ورتي آهي ته تون شويا سان پيار ڪندو هئين ۽ ان ٻار سان جيڪو ان جي پيٽ ۾ آهي.“
”نه...“
”منهنجي اکين ۾ ڏسي ڳالهاءِ.“
لالي مئجسٽريٽ جي اکين ۾ اکيون وڌيون، جڻ ڪنوڻ جو ڪو چمڪات ٿيو، هن جي سموري بدن ۾ ڇٽنگون ڇپي ويون، پوءِ اوچتو هر ڪا شي روشن ٿي اڏامي وئي.... پوءِ ڪجهه به نه بچيو، چئني پاسي رڳو اونداهي ۽ خلا ....لاليءَ روئڻ ٿي چاهيو، هٿيار ڦٽا ڪرڻ ٿي چاهيا، پنهنجو پاڻ کي وڃائڻ ٿي چاهيو، مئجسٽريٽ جي اڇي ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي، پيرين پئي... هڪ ڊگهو ابدي ساه کڻي ابدي ننڊ ڪرڻ لاءِ... هڪ لمحي لاءِ اهي سمورا خيال هن جي دل ۾ آيا، هن جي نڙي خشڪ ٿي وئي، ان ۾ ڪنڊن چڀڻ جو احساس ٿيڻ لڳس، پر هن جو ڪنڌ تاڻجي ويو، هن جي شخصيت ۾ ڪو ردعمل پيدا ٿيو ۽ غرور جي هڪ ڪڙي خول ۾ پناه وٺي زور سان چوڻ لڳو: ”نه......“
۽ پهريون ڀيرو مئجسٽريٽ جي اکين ۾ غصي جي هڪ جهلڪ ڏنائين، پر پوءِ مئجسٽريٽ پاڻ سنڀالي ورتو ۽ سنجيدگيءَ ۽ گنڀير آواز ۾ چيو: ”لالي.... لالي... اگر اسان کي صبر جي تلقين نه ڪيل هجي ها ته...“ هو چوندي ٿورو رڪيو ۽ لاليءَ ڏانهن نهاريندو رهيو، پوءِ هن فائيل بند ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو، ”وڃ پنهنجي جاءِ تي وڃي ويهه.“ پوءِ رجسٽر ڏسي ٻئي ملزم کي سڏ ڪرايائين.

”سورهن هزار چار سئو ستاويهه...“ پهرين سپاهيءَ پنهنجي ڪاپي ڪولي ڏٺي ۽ پوءِ بينچ تي ويٺو غريب شخص ڪي چيائين: ”بنارسي دادا هتي ڪٺهڙي ۾ وڃي بيهه.“
بنارسي داس ڪٺهڙي ۾ وڃي بيٺو، مئجسٽريٽ هڪ پل لاءِ هن ڏانهن بہ نهاري سندس جائزو ورتو، پوءِ چيو: ”تون اڄ ئي نڪتو آهين؟“ مئجسٽريٽ ڪابي پاسي واري دروازي ڏانهن معنا خيز اشارو ڪيو، جنهن کي ان وقت لالي نہ سمجهي سگهيو، پر هن جون نظرون ڪابي پاسي واري دروازي تي لڳل لوهي ڪڙي تي جمي ويون.
بنارسي داس هاڪاري انداز ۾ چوڻ لڳو: ”هي حضور... اڄ ئي.“
”ڪيترا ڏينهن اتي رهين؟“ مئجسٽريٽ وري بہ ڪابي پاسي واري دروازي ڏانهن اشارو ڪندي پڇيس.
”ڏه سال...“
مئجسٽريٽ پهرين سپاهيءَ جي طرف نهاري چيو: ”تون هن سان گڏ هيٺ ويو هئين؟“
”جي حضور...“
مئجسٽريٽ قلم مس ۾ ٻوڙيو ۽ چيو: ”بنارسي داس، ڏه سال نرڳ جي باهہ ۾ سڙي تو پنهنجي آتما کي پاڪ صاف هئڻ جو ثبوت ڏيندي وري ڌرتيءَ تي اماڻيو ويو هئين، هڪ ڏينهن لاءِ... تہ اهو تہ ٻڌاءِ اتي وڃي تو نيڪيءَ جو ڪهڙو ڪم ڪيو؟“
بنارسي داس چوڻ لڳو: ”حضور جڏهن مان پنهنجي ڳوٺ پهتس، ۽ پنهنجي گهر جي دريءَ مان اندر ليئو پاتم تہ ڏٺم تہ منهنجا يتيم ٻار هيٺ پٽ تي ستل آهن، ان وڳڙي مينهن بہ پيو پوي ۽ ڇت بہ پئي ٽمي، ان ڪري خاموشيءَ سان ڇت تي چڙهي ويس ۽ پنهنجي گهر جي ڇت ٺيڪ ڪيم تہ جيئن منهنجا ٻار مينهن ۾ ڀڄي بيمار نہ ٿي پون، ۽ آرام سان سمهيا پيا هجن.“
مئجسٽريٽ پهرين سپاهيءَ ڏانهن نهاريندي پڇيو: ”هي درست ٿو چوي؟“
”جي ها حضور.“ پهرين سپاهيءَ هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.
مئجسٽريٽ جي چهري تي نوراني خوشيءَ جا اولڙا پوڻ لڳي، چوڻ لڳو: ”بنارسي داس تو واقعي نيڪ ڪم ڪيو آهي، ۽ جيڪو ڪم تو ڪيو آهي، اهو ڪم ٻارن جي ڪتابن ۾ سونهري اکرن سان لکيو ويندو،“ پوءِ ساڄي پاسي واري دروازي ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو“ ”وڃ! تون هاڻي هيڏانهن وڃي سگهين ٿو... ابدي بهارون تنهنجو انتظار ڪري رهيون آهن.“

بنارسي داس جهڪي سلام ڪيو، ڪٿهڙي ڪان ٻاهر نڪتو ته پهرين سپاهيءَ هن کي جهڪي سلام ڪيو، پوءِ هو بنارسي داس کي نهايت ادب ۽ احترام سان ساڄي پاسي واري دروازي ڏانهن وٺي ويا.

مئجسٽريٽ لاليءَ کي مخاطب ڪندي چيو: ”ٻڌي ورتو نه تو؟“

”هائو ٻڌي ورتو.“

”جڏهن ماڻهو پهريون ڀيرو سامهون پيش ٿيندو آهي ته تو وانگر ضدي ۽ مغرور هوندو آهي، پر هاڻي هو ان باهه ۾ تپي، ٻري ڪندن ٿي ويو آهي، هن هاڻي تمام سٺو ڪم ڪيو آهي.“

”ڇا ڪيو آ هن؟“ لاليءَ تيز طبيعت جو مظاهرو ڪندي چيو، ”ڪهڙو اهڙو تير هنيو اٿس، ڇت ناهڻ وارو اهو ڪم هرڪو ڪري سگهي ٿو، جناب ان کان وڌيڪ مشڪل ڪم آهن، ڪارنيوال ۾ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ، ٽڪيٽون وڪڻڻ ...“

مئجسٽريٽ ٿورو تحمل کان ڪم وٺندي لاليءَ ڏانهن نهاريو، پوءِ ٻه ٽي ڀيرا پنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ جي وارن تي هٿ ڦيريو، پوءِ ڪڙڪي سان چوڻ لڳو: ”لالي، اسان توکي ٻارهن سالن جي باهه ۾ ساڙيندڙ جهنم جي سزا ٿا ڏيون، ان وقت تائين، اسان اميد ٿا ڪريون ته تنهنجو اهو حد کان وڌيل غرور جو پارو ۽ اجايو ضد، جهنم جي باهه ۾ سڙي رک ٿي ويندو، ان وقت تائين تنهنجي ڌيءَ به ٻارهن سالن جي ٿي ويندي.“

”منهنجي ڌيءَ؟“ لالي ڇرڪ ڀريو، ”ته ڇا مون کي ڌيءَ ڄمندي؟“

”۽ جڏهن تنهنجي ڌيءَ ٻارهن سالن جي عمر کي رسندي،“ مئجسٽريٽ سندس سوال اڻ ٻڌو ڪندي پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ ۾ محو هو. لاليءَ هڪ لمحي لاءِ پنهنجي ڇهري تي هٿ رکي ڇڏيو، مئجسٽريٽ چوڻ لڳو، ” ”۽ جڏهن تنهنجي ڌيءَ ٻارهن سالن جي عمر کي رسندي ته توکي هڪ ڏينهن لاءِ زمين تي موڪليو ويندو.“

”مون کي!“

”ها توکي، تو پراڻن قصن ڪهاڻين ۾ پڙهيو هوندو ته مرده ڪيئن زنده ٿي زمين تي ايندا آهن.“

”مان انهن تي ڪڏهن يقين نه ڪندو هوس.“

”اهو سڀ سچ آهي،“ مئجسٽريٽ چوڻ لڳو، ”تون هڪ ڏينهن لاءِ واپس ڌرتيءَ تي ويندين ۽ اهو ثابت ڪندين ته تنهنجو روح پاڪ پوتر ٿي ويو آهي.“

لاليءَ پڇيو: ”گويا مون کي وري ٻڌائڻو پوندو ته مان ڇا ڪري سگهان ٿو، جيئن... جيئن موٽر ڊرائيور کي ڪم ملڻ کان اڳ ۾ موٽر هلائي ڏيکاربي آ...“

”ها...“ مئجسٽريٽ چيو، ”اهڙيءَ ريت تنهنجو به امتحان ورتو ويندو.“

”ته مون کي ٻڌايو ويندو ته، مون کي اتي ڇا ڪرڻو آ؟“

”نه...“

”ته پوءِ مون کي ڪيئن خبر پوندي ته ...“ لالي خاموش ٿي ويو، پر هن جون نظرن ۾ هڪ سوال اٽڪيل هو.

مئجسٽريٽ چوڻ لڳو: ”اهو تون پاڻ فيصلو ڪندين، ٻارهن سال نرڳ جي باهه ۾ سڙندي... اهو فيصلو تون پاڻ ڪندين! ۽ جيڪڏهن ان هڪ ڏينهن ۾ تو پنهنجي اولاد لاءِ ڪو عمدو شاندار يا يادگار ڪم ڪيو ته ...“ مئجسٽريٽ چپ ڪئي.

”ته“ لالي پڇيس.

”اوچتو مئجسٽريٽ اٿي بيٺو ته سيئي احترام سبب اٿي ڪنڌ جهڪائي بيهي رهيا.

لاليءَ پنهنجو سوال ورجائيندي هوريان چيو: ”ته... حضور والا...“

مئجسٽريٽ چيو: ”مان هاڻ هلان ٿو لالي، ٻارهن سال ۽ هڪ ڏينهن ڪانپوءِ توکي منهنجي سامهون پيش ڪيو ويندو ۽ جڏهن تون زمين تان ٿي موٽي ايندين ته پوءِ مان توکان اهي ئي سوال پڇندس، ان ڪري غور ڪر.... سوچ، تون پنهنجي ٻارڙيءَ لاءِ ڪهڙو نيڪ ڪم ڪري سگهين ٿو، تنهنجي ان فيصلي تي ئي باقي معاملن جو دارومدار آهي ته تنهنجي لاءِ ٻارهن سال ۽ هڪ ڏينهن ڪانپوءِ ڪهڙي پاسي وارو دروازو کوليو وڃي، هاڻي وڃ لالي.“ مئجسٽريٽ عدالت جي چبوتري تان لهي پويان وچين دروازي ۾ اندر هليو ويو، جنهن تي گهنٽي لڳل هئي.

سپاهيءَ لاليءَ کي چيو: ”آءُ منهنجا ٻچا، هل...“ سپاهيءَ لاليءَ کي کاٻي پاسي واري دروازي ڏانهن وٺي وڃڻ لڳو، پيشڪار لاليءَ جي اڳيان گذري اڳتي هليو ويو، هو ساڄي پاسي واري دروازي ڏانهن وڃي رهيو هو، ته ايتري ۾ لاليءَ کيس روڪيو: ”ٻڌجانءِ ته ياءُ...“

پيشڪار ساڄي پاسي ويندي ويندي ترسيو: ”ڇاهي؟“ پيشڪار پڇيس.

”تو وٽ هڪڙو سگريٽ هوندو؟“ لاليءَ پڇيس.

پيشڪار کيس گهوري ڏٺو، پوءِ مڙي لاليءَ وٽ آيو، کيسي ۾ هٿ وجهي هن هڪڙو سگريٽ ڪڍي لاليءَ کي ڏنو ۽ پوءِ پنهنجو رستو وٺي هليو ويو.

لالي هاٽي سپاهيءَ سان گڏجي ڪابي پاسي واري دروازي جي ويجهو پهچي چڪو هو، سپاهيءَ هن کي ترسڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ هڪدم اڳتي وڌي ڪابي پاسي واري دروازي جو لوهي ڪڙو کوليو، دروازو کلندي ئي هڪ اهڙي تيز ڳاڙهي روشنيءَ جو شعلو لاليءَ جي مٿان پيو جو هن جون اکيون ٻوٽجي ويون، ڏڪڻ ڏگهن الن ۽ شعلن جا جهپ هٽندڙ شعاع دروازي کان ٻاهر اڇڻ لڳا. لالي گهٻرائجي هڪ قدم پوئتي هٽيو، پوءِ هن جو ڪنڌ جهڪي ويو.
۽ پوءِ اکين تي هٿ رکي هو ٻاهر جي انهن ٻڙڪندڙ الن ۾ گهڙي ويو.

(10)

شوپا بوري دلي اسٽيشن جي پر ۾ گلن واري جي دڪان تان هڪ هار خريد ڪيو، اڄ هن جي مڙس کي مئي ٻارهن سال گذري ويا هئا. هونئن ته هوءَ پنهنجي گهر ۾، ڪمري جي اندر ئي لڳل هن جي تصوير تي گلن جو هار وجهندي هئي، پر سال ۾ هڪڙو ڀيرو ته هڪ نئون هار ضرور خريد ڪري ايندي هئي ۽ تصوير تي چاڙهيندي هئي.
اڄ لاليءَ کي مئي ٻارهون سال ٿيو هو، اڄ هن جي ڌيءَ رتنا به ٻارهن سالن جي اچي ٿي هئي. رتنا پنهنجي پيءُ کي ڪونه ڏٺو هو، پر هوءَ پنهنجي پيءُ کي ڏاڍو ياد ڪندي هئي، ۽ رتنا جي دل ۾ اها ئي تصوير آهي، اها ئي شخصيت آهي، جيڪا شوپا سندس ننڍپڻ کان هن جي دل ۽ دماغ ۾ ويهاري آهي. شوپا هار واري دڪان تان هار ونئي، ان کي ڪيلي جي پن ۾ ويڙهي، اڳتي وڌي اچي انبن واري ريڙهي تان به انب خريد ڪيا، شوپا کي انب ڏاڍا وڻندا آهن. انب سائي رنگ جي پلاسٽڪ جي ننڍڙي ٿيليءَ ۾ وجهي، شوپا گهر جي پاسي وڃڻ لڳي.
اسٽيشن اٽڪل هڪ ميل جي مفاصلي تي بوري والا مقام ۾ آهي، حالانڪ بوري دليءَ جو علائقو خود بمبئيءَ جي مقام ۾ شامل آهي، پر اها توري جاءِ وليم ڪيبرال، شوپا کي خريد ڪري ڏني هئي، ۽ اتي ئي شوپا پنهنجو ڇپر جهڙو گهر ناهيو هو، گهر ته ائين ئي هو، جيئن گهٽو ڪري سوڙهين گهٽين ۾ ناهبو اهي، پر هي ڇپر جهڙو گهر وڏيڪ ويڪرو ۽ وڏ هو، گهر جي اڳيان دالو هو، ۽ دالي جي اڳيان ڪليل اگڻ، جنهنجي چئني پاسن کان شوپا ڪانيءَ جو جهنگلو لڳائي ڇڏيو هو ۽ ان جهنگلي جي وچ ۾ هڪ پراڻو دروازو هو، جيئن اڪثر ٻني ٻارن جي وچ ۾ هوندو آهي، ۽ اهو دروازو به سدائين کليل رهندو هو ۽ اندران هڪ لوهي ڪڙي سان بند ٿيندو هو.

چپر جي اڳيان جيڪا ٿوري زمين هئي، ان تي ڪٿي ڪٿي گلن جون ڪونديون به رکيل هيون، چپر ڪي ڏسندي ائين ٿي لڳندو هو جڻين ڪنهن بئي غريب جو هوندو آهي، پر غريبيءَ جي باوجود صاف سٿرو رکڻ جي ڪوشش ڪيل هجي.
شويا جڏهن گهر جي ٻاهران پهتي ته ان وقت رتنا گهر ۾ اندر ڪٿي، موجود هئي، جهنگلي جي اندر دروازي جي ويجهو ڪاٻي پاسي هڪ وڏو پٿر رکيل هو، ائين ٿي لڳو ته شايد زمين هموار ڪرڻ وقت ڪنهن ويجهي دڙي مان نڪتو هجي، پر ڳورو ۽ وڏو سمجهي اتي ئي ڇڏي ڏنو ويو آهي ۽ ان کي پنهنجي جاءِ تان لوڏڻ جي ڪوشش به نه ڪئي وئي آهي، ان پٿر کان ڪجهه فاصلي تي ٻه وڏا ڪاٺيءَ جا اسٽول رکيل آهن، هڪ پاسي هڪ پراڻي ميز، جنهن پاوا به لڏيا ٿي... ان ميز جي ويجهو پراڻين اڌوهيءَ کاڌل ڪرسين تي وليم ۽ رسنا، نهايت وٽندڙ ڪپڙن ۾ ڪجهه ڪجهه خفي وينل هئا ڇاڪاڻ ته اهي گهڻي دير کان شويا جو انتظار ڪري رهيا هئا.
شويا ڪاٺيءَ جي اسٽولن جي سامهون رکيل پيرن سان هلندڙ سبڻ وارين مشينن ڏانهن نهاريو، ٻنهي مشينن تي ڏگهي گلن واريون چادرون پيل هيون جيڪي زمين تائين ڏگهي تڏي تائين لڙڪي رهيون هيون، انهن جي ڏگهائي مان شويا اندازو لڳايو ته سندس وڃڻ ڪانپوءِ رتنا انهن پردن کي سبيو نه آهي، ۽ شايد هن جي بازار وڃڻ کان جلد ئي پوءِ رسنا وارا آيا هجن. رسنا جو وٽندڙ لباس ڏسي شويا کي ياد آيو ته ٻارهن سال پهرين رسنا جو لباس ۽ رنگ ڍنگ ڪنهن ٻئي طريقي جو هوندو هو، ’رسنا ان عرصي ۾ ڪيتري نه مهذب ٿي وئي آهي ۽ سندس مڙس به ڪيترو نه ٿلهو ٿي ويو آهي، چهرن تي ڪيڏي نه تازگي ۽ واندڪائي ٿي بکين.‘
ايتري ۾ رتنا ٻنهي هٿن ۾ ٻن ننڍين رڪيبين ۾ ڪجهه کائڻ لاءِ سامان کڻي ٻاهر آئي، ماءُ کي ڏسي، خوشيءَ مان مرڪڻ لڳي، ورانديءَ کان ٻاهر ايندي، ڪيس ڏسي شويا سوچيو، ’اڄ منهنجي رتنا... ٻارهن سال جي ٿي وئي آ...‘ رتنا کي صاف سٿرو فراڪ پهريل هو.
’پر اها ڳالهه ڪٿي جا رسنا جي ٻارن کي نصيب آهي، اگر لالي جيئرو هجي ها ته ... پر،‘
شويا ڪاٺيءَ واري جهنگلي جو دروازو کوليو،
’ياد ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو،‘

شوپا کي ڏسي وليم ۽ رسنا پنهنجي جاءِ تان اٿيا، رتان بئي رکيبيون، پٽاٽن مان ڪٽي تريل ٿورن وڏڙن ڳترن ۽ دال موٺ سان پريل هيون، وليم ۽ رسنا جي سامهون رکيون ۽ شوپا کي چوڻ لڳي:

”امان، انکل ۽ آنٽي جن واپس پئي ويا، مون وڏي مشڪل سان کين روڪيو آهي.“

رسنا پٽاٽن جا تريل ٿورا وڏڙا ڳترا ڏٺا ته دل ۾ انهن جي سٺي نه هجڻ جو خيال ايري آيس، پر ظاهري طور ڪجهه به نه چيائين، بس رگو مٺو ڏوٽي کائڻ کان انڪار ڪيائين، پر ٿورو مرڪندي چوڻ لڳي: نه رتنا، هن وقت اسان ڪجهه نه کائينداسي، ناشتو ڪري نڪتا هياسي، بلڪل جاءِ ناهي.“

پوءِ رسنا شوپا سان پاڪر پائي ملي، ۽ چوڻ لڳي:

”تون اچي وئينءَ مائي ڊيئر، بس توکي ئي ڏسڻ لاءِ اسان ترسياسي.“

”هاٽي ماني کائي وڃجانءِ.“

رسنا پنهنجي بانهن ۾ بڌل گهڙيءَ ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳي: ”ڏاڍي دير ٿي وئي آ..مائي ڊيئر... وليم باندري ۾ هڪ نئون ريسٽوران کوليو آ، ”آرام ڪافي هائوس“... هن وقت اسان کي اوڏانهن وڃڻو آ..“

”وڃڻو آ، پر سچي ڏاينهن لاءِ ته نه وڃڻو آ؟“

”نه ڪافي دير هتي تنهنجو انتظار ڪيوسي، هاٽي نه روڪ، وري ڪڏهن ايندا سي، هاٽي اسان کي وڃڻ ڏي،“ پوءِ وليم ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳي، ”هن کي حساب ڪتاب به ڏسڻو آهي.“

”ته تون وڃين ڇا ڪندينءَ؟“

”رسنا چوڻ لڳي: ”منهنجي قسمت ۾ فرصت ڪاٿي آ پيڻ، هي حساب ڪتاب ڏسندو ته مان خزانچيءَ جي پرسان ويهي اخبار پڙهندس ۽ ويٽرن تي نظر رکندس... هي وليم جو چوٿون ۽ سڀ کان عمدو ريسٽوران آهي، ان ڪري اتي سڀ کان وڌيڪ وقت ڏيڻو پوندو آهي.“

”۽ پار؟“

”اهي R.A ڪالونيءَ جي پاسي گهمڻ ويا آهي، پڪنڪ تي.“

”تون ڪڏ نه وئين؟“

”اڙي پيڻ ٻارن جي سار سنڀال مون کان ڪاتي تي پڇي، وڏو ڇوڪرو سينٽ بليرڊ ۾ پڙهندو آ... ان لاءِ هڪڙو ٽيوٽر رکيو آ...ڇوڪري صوفايا ۾ پڙهندي آ، ان جي سار سنڀال هڪڙي گورنيس لهندي آ.. اهي ئي هنن سان گڏ ويا آهن.“
رتنا رسنا کي ڀاڪر پائي چنبڙي پئي: ”ترسي پهءُ نه آنٽي، اسان سان گڏ ماني به کائو نه؟“
رسنا شفقت سان سندس مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو: ”اڄ نه تو تي سگهي مائي ڊيئر چائيلڊ، وري ڪنهن ٻئي ڏينهن،“ وري مڙس ڏانهن مڙي چوڻ لڳي: ”مائي ڊيئر هاٽي هلڻ گهرجي.“ وليم مرڪندي اٿي بينو ۽ شوپا ۽ رتنا ٻنهي سان هٿ ملائي چوڻ لڳو:
”گڊ بائي.“
”گڊ باءِ...“ رتنا ۽ شوپا گڏجي چيو. ٻئي ماءُ ڌيئر ساڻن گڏ دروازي تائين آيا، رتنا هنن لاءِ دروازو کوليو، جڏهن وليم ۽ رسنا جهنگلي کان ٻاهر نڪتا ته شوپا وليم کان پڇيو ته: ”ڪار ڪاٿي بيهاري اٿوَ؟“
ٻاهر سڙڪ تي ناڪي وٽ.“ وليم کيس جواب ۾ چيو، پوءِ ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جو هٿ ۾ ڏئي وڃڻ لڳا.
شوپا ۽ رتنا جهنگلي وٽ بيهي ٻنهي لاءِ ان وقت تائين هٿ لوڏيندي رهي، جيستائين هو ٻئي نظر پئي آيا. جڏهن هو نظرن کان غائب تي ويا ته رتنا ۽ شوپا ٻئي جهنگلي کان مڙي، واپس اچڻ لڳيون، موٽندي رتنا چوڻ لڳي:
”آنٽي ۽ آنڪل ڪيترا نه سنا آهن،“
شوپا هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو: ”ڏاڍا سنا آهن.“ ٻه وکون خاموشيءَ سان کڻندي هن وري چيو“ ”اهي ٻئي نه هجن ها ته مان ساري عمر ڊٻا ٻڌائڻ واري فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندي رهان ها، هاٽي اسان وٽ سڀڻ واريون ٻه مشينون آهن، انهن جي چئني هوٽلن جو ڪم ملي ٿو، سڀڻ لاءِ پردا، ميز پوش، چادرون ۽ توال ٻه سڀڻ لاءِ ملن ٿا.“
رتنا جهڪيل نگاهن سان سڀڻ وارين مشينن ۾ لڳل ڊگهن ڊگهن پردن ڏانهن ڏسندي دالان جي پاسي هلڻ لڳي، شوپا ٻه ساڻس گڏ هئي، هوءَ چئي رهي هئي، ”پوءِ تنهنجو انڪل ته ٻي جاءِ تان ٻه ڪم وٺي ڏيندو آ. نه ته تنهنجي غريب ۽ بيوه ماءُ جو ڪم ڪيئن هلي ها! ۽ مان توکي اسڪول ۾ ڪٿان پڙهائي سگهان ها!“
شوپا وري ٻه هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ پنهنجي ڌيءَ کي چوڻ لڳي: ”آءُ ته هاٽي ماني کائون.“
پوءِ ٻئي ماءُ ڌيءَ ڇپر جي اندران ماني کڏي آيون ۽ ٻاهر پيل پراڻي ميز جي پاسن کان پيل انهن اڌوهي کاڌل ڪرسين تي، جن تي وليم ۽ رسنا وينل هيون، کهلي ميز جي

ويجهو ڪري، انهن تي ويهي ماني کائڻ لڳيون. ماني کائڻ وقت رتنا جو چهرو ڪانيءَ جي جهنگلي جي سامهون هو ۽ شويا جي پنهنجي جهنگلي جي طرف هئي، ۽ حالانڪ ماني کائڻ وقت رتنا جو چهرو جهنگلي جي پاسي هو پر هوءَ ماني کائڻ ۾ ايترو ته مصروف هئي جو هن، انهن ٻنهي ڪارا چوغا پاتل سپاهين کي ڪونه ڏٺو، جيڪي هن جي سامهون، ڪانيءَ جي جهنگلي جي ٻاهران هنن ڏانهن غور سان ڏسندي گذري ويا، ۽ لالي ڪانيءَ جي جهنگلي جي ويجهو هلندي اچي جهنگلي جي ننڍي دروازي جو سهارو وٺي بيهي رهيو.

هي اهو لالي هو، پر هن جي چهري تي هلڪي ڇدي ڏاڙهي اچي وئي هئي، ۽ رنگ به بيحد سانورو ٿي ويو هوس ۽ چهرو به سست، ۽ پيلو.... ڪپڙا به اهي ئي پيل هئس، جيڪي ڪيس ٻارهن سال اڳ مرڻ وقت پهريل هئا، پر هاڻي انهن ڪپڙن جو رنگ لهي چڪو هو، صفا ميرا گپ هاڻا، پراڻا پئي نظر آيا.

لالي رتنا جي طرف نهاري چيو: ”رام رام.“

رتنا چوڻ لڳي: ”رام رام.“شويا جنهنجي پٺ لاليءَ جي طرف هئي، بنا نهارڻ جي چوڻ لڳي: ”وري ڪو پينو آيو آهي؟ ڇا تو گهري؟“

”ڪجهه به نه.“ لاليءَ چيو.

شويا ٿورو پوئتي مڙندي چوڻ لڳي، ته جيئن پينو فقير هن جو آواز چڱيءَ طرح ٻڌي سگهي، ”ڏس ڪاڪا! اسان پيسا نه ٿا ڏئي سگهون، اسان ته پاڻ غريب آهيون،“ پوءِ هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي مخاطب ڪندي چوڻ لڳي، ”پر رتنا تون هڪڙي روٽي هن کي ڏئي ڇڏ، ۽ مٿان ٿوري ڀاڄي به رکي ڏيس.“

”ها امان.“ ائين چئي رتنا ماني کائيندي اٿي دالان مان گذري اندر چيڙ ۾ هلي وئي، لالي کيس ويندي نهاريندو رهيو، ايتري ۾ شويا مڙي هن کان پڇيو: ”گهڻو ٿڪل ٿو لڳين، ڇا بيمار آن يا پري کان آيو آن؟“

”هائو گهڻو پري کان آيو هان!“

”ته ڏس،“ شويا نهايت نرميءَ سان چيس، ”اهو ڪانيءَ جو گيٽ کولي جهنگلي جي اندر اچي وڃ ۽ ان پٿر تي اچي ويهي ساهه پٽ.“

لالي دروازي جو ننڍو ڪڙو کولي اندر آيو ۽ ويڪري وڏي پٿر تي ٿڪل انداز ۾ ويهي رهيو، هن جي هٿ ۾ هڪ وڏي پر ميري سيري رومال ۾ ٻڌل ڪا چيز موجود هئي،

جنهن ڪي هن وڏي احتياط سان پنهنجي گوڏن تي رکيو، ايتري ۾ رتنا چپر مان ٻاهر نڪري دالي ۾ آئي، لاليءَ جون نظرون ان تي ئي ڪتل هيون.
رتنا جي ايندي هن شويا ڪان پڇيو: ”هيءَ تنهنجي ڇوڪري آ؟“
”ها!“
ايتري ۾ رتنا هن جي ويجهو اچي پهتي، جهڪي هن لاليءَ کي ماني ۽ ان تي پٽاٽن جي ڀاڄي رکي ڏني، لاليءَ ٻئي هٿ وڌائي ماني ورتي، پوءِ هن ڏانهن ڏسندي پڇڻ لڳو: ”تون هن جي ڇوڪري آن؟“
”هائو؟“
”تنهنجو نالو ڇاهي؟“
”رتنا.“
”ڏاڍو سندر ۽ پيارو نالو آ، “ چئي لاليءَ وڏي پاٻوه مان هن جي هٿ کي ڇهيو، رتان گهٻرائجي هڪدم پنهنجو هٿ پوئتي ڪري ورتو، ۽ ماءُ کي سڏيندي چيو: ”امان.“
”ڇاهي؟“
”هن پينو فقير منهنجي هٿ کي ڇهيو...“
”غلطيءَ مان ڇهيو هوندائين ڌيءَ.“ شويا چوڻ لڳي، ”منهنجي ڌيءَ، هن غريب فقير کي پنهنجي پيٽ ڀرڻ جي فرصت ڪاٿي ملندي آ.. جو ويچارو ڪجهه سوچي.“ پوءِ لاليءَ ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳي، پر لاليءَ جو چهرو ان وقت مانيءَ تي جهڪيل هو ۽ هن جي هٿن جون آڱريون ڏکي رهيون هيون. ”جلدي نه ڪر آرام سان ڪاءُ.“
لاليءَ مانيءَ جو هڪ گراه وات ۾ وجهندي ڳالهايو: ”تون ڪپڙا سبندي آن؟“
”ها!“
”۽ هيءَ تنهنجي ڇوڪري؟“
”اها نه اهو ئي ڪم ڪندي آ.“
”۽ تنهنجو گهر وارو...؟“
”منهنجو گهر وارو ناهي،“ ڪائيندي شويا جو هٿ رڪجي ويو، هڪ پل لاءِ بلڪل خاموشي ڇانئجي وئي، ان ڪانپوءِ هن دٻيل آواز ۾ چيو، ”مان وڌوا آهيان.“
”وڌوا...“ لاليءَ پڇيو.
”ها.“ شويا جواب ۾ چيو.

لاليءَ گراهه وات ۾ وڌو ۽ چٻاڙيندي چوڻ لڳو: ”تنهنجي گهر واري کي گذاري گهڻو وقت ٿي ويو آ؟“
شوپا خاموش هئي.
لاليءَ وري پڇيس: ”تنهنجي گهر واري کي مئي...“
”ها گهڻو ٽائيم ٿي ويو آ!“ شوپا آهستگيءَ سان چيو.
”ڪهڙي بيماري ٿي هئي هن کي؟“
”ڪو پتو ناهي،“
اوچتو رتنا ڳالهايو: منهنجو پيءُ او... هوڏي ... آسام گوهاٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ويو هو، پوءِ اتي اسپتال ۾ مري ويو... مون ته پنهنجي پپاجي شڪل به ناهي ڏٺي.“ رتنا اداس ٿي وئي، پر شوپا خاموش هئي، هن جي پني اجان به لاليءَ جي پاسي هئي.
ٿوري دير جي خاموشيءَ ڪانپوءِ لاليءَ پڇيو: ”هو آسام ويو هو؟“
”هائو! منهنجي جمڻ کان اڳ ۾...“
شوپا مڙي، پڇيس: ”تون اهڙا سوال ڇو ٿو ڪرين؟ ڇا تون منهنجي گهر واري کي سڃاڻيندو هئين؟“
لالي چوڻ لڳو: ”مان بس ائين پيو پڇان، برو نه پائنجو، ڇا خبر مون ڪڏهن ڪيس ڏٺو هجي، پينو فقير ته جاءِ جاءِ تي گهمندا وتندا آهن نه.“
شوپا ٿورو سخت لهجي ۾ چيس: ”ڄاڻيندو هئينس ته نهيو ڇڏ ان ڳالهه کي، بار بار هن جو ذڪر ڇو ٿو ڪرين؟ بس سمجهه ته منهنجو گهر وارو هتان آسام ويو ۽ اتي مري ويو.“
لاليءَ جي نڙيءَ ۾ گراهه اٽڪي پيو، يا شايد ڪو جذبو اٽڪي پيس جو نڙي کان اڳرڻ مشڪل ٿي پيس، هو ان کي اڳرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.
ايتر ۾ رتنا وڏي فخر سان هن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو: ”منهنجو پپا ڏسڻ ۾ ڏاڍو سٺو هو، سيئي ٽا چون.“
شوپا ڪيس روڪيندي چوڻ لڳي: ”گهٽيو ڳالهيون نه ڪر.“
رتنا چوڻ لڳي: ”مان ڪا غلط ڳالهه ته نه ٿي ڪريان.“
”نه هن کي چوڻ ڏي...“ لاليءَ شوپا کي التجا واري انداز ۾ چيو، ”ويچاري پنهجي پيءُ کي ياد ٿي ڪري، چوڻ ڏيس.“

رتنا هن جي ٺيڪ وٺي وري چوڻ لڳي: ”هو جادوگر به هو، هٿن ۾ ٽي گولا ڪٽي انهن کي بار بار هوا ۾ اڇلائي ائين ڦيرائيندو هو، جيئن سرڪس ۾ چيني ڦيرائيندا آهن.“
”توکي ڪنهن ٻڌايو آ؟“ لاليءَ پڇيس.
”انڪل وليم ...“
”ڪير آ اهو؟“
”منهنجو انڪل آهي، ڪيبرال باندري جو سڀ کان وڏو ماڻهو، شهر ۾ هن جا چار هوٽل آهن.“ رتنا اڱرين تي ڳڻيندي چيو.
لاليءَ چوڻ لڳو: ”هان! اهو وليم ڪيبرال، جيڪو پهرين سينيما تي چوڪيدار هوندو هو.“
شويا، هن پيري چڱيءَ ريت مڙي، حيرت وچان هن ڏانهن نهاريائين ۽ چوڻ لڳي: ”تون ته ان کي به تو سڃاڻين، سموري بمبئي وارن کي سڃاڻيندو آن ڇا؟“
رتنا هڪدم ڳالهايو: ”انڪل وليم منهنجي بابا جو دوست هو.“
”نه...“ شويا سختيءَ سان ڪيس چنيبندي چيو، ”هو ان جو دوست نه هو، هن جو ڪو به دوست نه هو.“
”تون پنهنجي گهر واري لاءِ ايتري سخت ڳالهه ڪيئن ٿي ڪرين؟“
”چونه ڪيان! تنهنجو ڪهڙو ڪم، هو منهنجو گهر وارو هو، هن لاءِ جيڪو چاهيندس اهو چوندس، تون ڪير ٿيندو آن؟“
”مان ڪير ٿيندو آن، واقعي...“
ٿوري دير جي لاءِ ٽئي چپ ٿي ويا، ۽ ماني کائڻ لڳا، آخرڪار رتنا خاموشيءَ کي ٽوڙيندي، ڊڄندي، پنهنجي ماءُ کان پڇيو: ”شايد منهنجي پپا کي سڃاڻي ٿو.“
”ڪهڙي خبر ... پڇيس ان کان...“
رتنا پنهنجي ڪرسي سيري لاليءَ جي پرسان ٿي ويني، جيڪو پٽر تي وينو هو، ۽ ماني کائي رهيو هو.
”ڇا تون منهنجي پپا کي سڃاڻيندو هئين؟“
لاليءَ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي، رتنا مڙي شويا جي طرف نهاريو ۽ چيو: ”امان... امان.. هي سڃاڻي ٿو پپا کي.“
هاڻي شويا ڪرسي ڦيرائي لاليءَ جي سامهون ٿي چوڻ لڳي: ”تون موتي لال کي سڃاڻيندو هئين؟“

رتنا هڪدم وچ ۾ ڳالهايو: ”ڏسڻ ۾ سهڻو هو نه... منهنجو پپا؟“
”اهو ته مان چئي نه ٿو سگهان.“ لاليءَ چيو.
”۽ ڏاڍو سٺو به هو؟“
”هو ايترو سٺو به نه هو... خالي بس هڪڙي ڪارنيوال ۾ بارڪر هو...“
رتنا ڪيس ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ ٻڌائڻ لڳي: ”ٻڌو آ ته هن جا لطيفا به ڏاڍا سٺا هوندا هيا، ڏاڍو کلائيندو هو ماڻهن کي... منهنجو پپا...“
”روئاڙيندو به هو...“ لالي اداس ٿي ويو، ”تنهنجي ماءُ سان هن جو سلوڪ سٺو نه هو، هو ان کي ماريندو به هو...“
شوپا کي ڪاوڙ لڳي وئي: ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين...“
”مان سچ ٿو چوان...“ لاليءَ دل کي مضبوط ڪندي چيو.
”توکي شرم نه ٿو اچي، منهنج ٻارڙيءَ جي اڳيان هن جي پيءُ لاءِ اهڙيون خراب ڳالهيون ٿو ڪرين... پنهنجي ماني ڪاڻ ۽ هليو وڃ هتان، مئلن کي ٿو لڪ لائين، شرم نه ٿو اچئي...“
”مان... مان...“ لالي گهبرائجي ويو، ”منهنجو مطلب اهو نه هو ته ....“
”منهنجي ڌيءَ جي دل خراب ٿو ڪرين، هن جي مئل پيءُ متعلق... هتي اچي اجايو ڪوڙ بدوڙ ٿو ناهي هٽين... رتنا هن کي چءُ ته هتان هليو وڃي، بدبخت ڪنهن جاءِ جو...“
شوپا ائين چئي لاليءَ کان منهن موڙي ورتو.
لاليءَ شوپا کان پڇيو: ”تون ته چوين ٿي ته تنهنجي گهر واري توکي ڪڏهن نه ماريو...“
”ڪڏهن به نه...“ شوپا هن جي پاسي مڙي چيو، ”هن جو مون سان سلوڪ ڏاڍو سٺو هو...“
رتنا هوريان آواز ۾ پڇيس: ”ڇا هو مزيدار آکاڻيون به ٻڌائيندو هو؟“
”ڏاڍيون مزيدار، کلائي کلائي پيٽ ۾ سور وجهڻ وارا قصا... هن کي ڏاڍا ياد هوندا هيا.“
شوپا تنگ ٿيندي چيو: ”هن پينوءَ سان وڌيڪ مٿي ماري نه ڪر رتنا، بس هن کي چءُ ته هتان هليو وڃي.“
رتنا پنهنجي ماءُ جي تنبيهه ٻڌي، اٿي، وڃي ڪاٺيءَ جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ فقير کي وڃڻ جو اشارو ڪيو. لالي نه چاهيندي به اتان اٿيو، دروازي تائين پهچي، ڏڪارين نظرن

سان نهاريندي التجا ڪئي: ”منهنجي ڪيسي ۾ تاش آ رتنا...“ لاليءَ ڪيسي مان تاش ڪڍي ڏيکاريس، ”مان توکي اهڙا اهڙا کيل ڏيکاريندس جو تون دنگ رهجي ويندينءَ ڏيکاريانءَ...؟“

رتنا پورو دروازو کولي ڇڏيو، چوڻ لڳي: ”نه! تون هاڻي ٻاهر هل.“

لالي دروازي جي ٻاهران ٻيهي رهيو.

رتنا ڪانيءَ جي دروازي کي ٻيڪڙي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. هاڻي هوءَ ننڍي دروازي جي پرسان اچي بيٺي، جيڪو هن جي سيني تائين پئي آيو، ان ۾ هڪڙي دري به هئي، ٻاهر هن جي سامهون لالي بيٺو هو، سندس خوشامد ڪندي چوڻ لڳو: ”هڪڙي منٽ لاءِ، بس هڪڙي منٽ لاءِ، منهنجي تاش جو تماشو ڏسي وٺ....“

”نه! هليو وڃ...“ رتنا ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”امان چوي ٿي ته هليو وڃ....“

”ائين نه ڏکيو مون کي...“ لالي گهٻرائجي چوڻ لڳو، ”بس هڪڙي منٽ لاءِ مون کي اندر اچڻ ڏيو، مان توکي اهڙو اهڙو تماشو ڏيکاريندس جو تون حيران ٿي ويندينءَ.“

رتنا ٻڌتر جي حالت ۾ هئي، ڪري ته ڇا ڪري، ماءُ جو حڪم هو، تماشو ڏسڻ تي ته هن جي به دل پئي ٿي ته هوءَ پينو فقير ڪان تاش جا تماشا ڏسي. ايتري ۾ لاليءَ پاڻ ئي ڪڙو لاهي ورتو ۽ دروازو کولي اندر اچي ويو ۽ اندر اچي رتنا کي ڪن ۾ هلڪي آواز ۾ چيو: ”ڏس مان تنهنجي لاءِ ڇا آندو آهي...“

”ڇا...؟“ رتنا دلچسپي وٺندي چيو.

لاليءَ پنهنجي ڏڪندڙ آڱرين سان اهو رومال کوليو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري شويا کي پٺي ڏئي، وڏي رازداريءَ سان رومال جا تهه کولڻ لڳو، رتنا جي دلچسپي وڌڻ لڳي ۽ رومال تي جهڪي بيٺي، اوچتو هن جو ۽ لاليءَ جو چهرو هڪ عجيب غريب روشنيءَ سان چمڪڻ لڳو، رومال جي تهن ۾ هڪ نهايت سهڻو ستارو هو.

لالي مٿي آسمان ڏانهن اشارو ڪندي رتنا کي چيو: ”جڏهن مان هن پاسي اچان پيو ته مون اتان هن کي ٽوڙي ورتو هو (ڪلي) لڪي لڪي، چورايو هو، تنهنجي لاءِ...“ رتنا حيرت وچان ڪيس ڏسندي چوڻ لڳي: ”آسمان جو ستارو....“

”هائو...“

رتنا ڪائنس وٺڻ لاءِ هٿ وڌايو، ايتري ۾ شويا ايندي ڳالهايو: ”هن کان ڪجهه نه وٺجانءِ، هي چور آ... ڪٿان ڪا شيءِ چورائي آيو هوندو.“

لاليءَ هڪدم ان ستاري کي رومال ۾ ويڙهي، لڪائي ورتو.

شويا هن جي ويجهو اچي چوڻ لڳي: ”وڃ هليو، مان چوانءِ ٿي هاڻي، بس هن ئي وقت...“
”هائو پيچ هتان.“ رتنا ٻه چيس، ۽ پوءِ ڪيس ڌڪا ڏئي گهر کان ٻاهر ڪري دروازو بند ڪري ڇڏيائون. لالي آخري ڀيرو مڙي ڪين التجا ڪندي رتنا کي چوڻ لڳو: ”مون کي ائين نه ڪڍ ڏيءَ... مون کي هڪ نيڪ ڪم ڪرڻو آ... بس مون کي هڪ نيڪ ڪم ڪرڻ ڏيو... بس هڪ نيڪ...“
رتنا کي ٻه ڪاوڙ لڳي: ”پيچ هتان...“
لاليءَ چيو: ”نه ڏيءَ...“
رتنا مٺس پنهنجو هٿ اولاريندي چيو: ”هليو وڃ ڪاڪا... او هو رستو آ تنهنجو... هاڻي وڃ نه ته...“
لاليءَ کي ٻه غصو اچي ويو، هن رتنا جي اولاريل هٿ تي زور سان پنهنجو هٿ هنيو، ٺپاٽ جو آواز آيو، ائين جڻ ڪنهن چپاٽ هٽي ڪڍي هجي، رتنا کي حيرت ويڙهي وئي، ۽ هڪدم پوئتي هٽي وئي، ڊنل ڊنل نگاهن سان پينو فقير ڏانهن ڏسندي، رئندڙ ڳلي مان چوڻ لڳي:
”امان...“
شويا چپر مان اٿي ڊوڙندي ڊوڙندي رتنا جي ويجهو آئي، پڇڻ لڳي: چاهي! ڇا ٿيو رتنا..؟“
”امان...!“ رتنا نهايت حيرت وچان لاليءَ ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳي، ”امان هن مون کي ماريو...هٿ تي ... تو ٻڌو نه ڪيڏو نه زور سان آواز ٿيو امان... پر...(حيرت وچان لاليءَ جي طرف نهاريندي) پر امان مون کي ٿورو ٻه ايذاءُ نه آيو، ٿورو ٻه محسوس نه ٿيو... ائين لڳو امان، ائين لڳو...“ هوءَ حيرت وچان لاليءَ ڏانهن نهاري ڳالهائيندي رهي، ”ائين لڳو امان... جڻ منهنج هٿ کي، ڪنهن ريشم جهڙين ملائم آڱرين ڇهيو هجي، امان مون کي ٿورو ٻه سور نه پيو ٿئي...“
رتنا حيرت وچان لاليءَ ڏانهن نهاريندي، پنهنجي ماءُ جي پويان هلي وئي، ۽ هن جي ڪلهي جي پاسي کان منهن ڪڍي ور ور ڪري لاليءَ ڏانهن پئي نهاريائين.
شويا وڏي پيار سان رتنا کي دلجاءِ ڏيندي چيو: ”رتنا تون اندر هلي وڃ...“ رتنا آهستي آهستي چپر ۾ اندر وڃڻ لڳي، ويندي ويندي مڙي ٻه ٿي ڏٺائين ته لالي ٻه هن ڏانهن ئي

تي نهاريو. جڏهن هوءَ ورانڊي مان گذري اندر چپر ۾ هلي وئي ته شويا اچي هن کان پڇيو:

”تو منهنجي ڏيءَ کي ماريو؟“

”ها! مون ماريو...“ لاليءَ چيو.

پهريون ڀيرو شويا ڪيس نئين نگاهه سان ڏٺو، ڄڻ ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي هجي، پوءِ اوچتو هن جي ڳلي ۾ ڳوڙها اچي ويا، هوءَ ڏڪندڙ لهجي ۾ چوڻ لڳي: ڇا تون ان لاءِ آيو هئين ته منهنجي ڏيءَ کي مارين؟“

”نه...“ لاليءَ چيو، ”مان ان لاءِ ته نه آيو هوس، پر مون هٿ هنيو .. ۽ (سر جهڪائي) هاڻي مان واپس ٿو وڃان..“

”ڀڳوان جو سنهن تي مون کي ٻڌاءِ ته تون ڪير آن؟ ڪاٿئون آيو آن؟“

لالي نهايت سادگيءَ وچان چيو: ”مان هڪ غريب ڀينو فقير آهيان، تمام گهڻو پري کان آيس... تنهنجي دوار تي، هي بکيو هو، تنهنجو نمڪ کاڌو ۽ تنهنجي ڏيءَ کي هٿ هڻي وينس..(ڪنڌ مٿي کڻي) ڇا تون مون کان ناراض آن؟“

شويا پنهنجي سيني تي هٿ رکي چوڻ لڳي: ”الائي ته ڪهڙي ڳالهه آ... مان سمجهي نه ٿي سگهان... پر مان توکان ناراض ناهيان...الائي ته ڪهڙي ڳالهه آ...!“

لالي جهنگلي تي جهڪي ٿو وڃي، شرم ۽ ندامت وچان... شويا مڙي ٿي ۽ وڃي پراڻي تئل ميز تي ويهي ٿي، ۽ رتنا کي سڏ ڪري چوي ٿي: ”رتنا... اچ ڏيءَ اچي ماني پوري ڪر...“

رتنا چپر کان ٻاهر آئي، چوڻ لڳي: ”ڇا هو هليو ويو؟“

”ها هو وڃي ٿو....“

شويا ۽ رتنا ٻئي آمهون سامهون ميز تي وينيون آهن، پر هاڻي جاءِ تبديل ٿي چڪي آهي، پهرين جتي شويا ويني هئي، اتي هاڻي رتنا اچي وئي ۽ جتي پهرين رتنا ويني هئي اتي شويا ويني آهي، هاڻي رتنا جي پٺي پينوءَ جي پاسي آهي، ۽ شويا پينوءَ جي سامهون آهي، پر شويا ان وقت پينو ڏانهن نه پئي نهاريو، منهن مٿي ڪري خلا ۾ نهاريندي ڪجهه سوچي رهي هئي، رتنا هن کي جهنجهوڙي پڇيو:

”امان توکي ڇا پيو ٿئي؟“

”ڪجهه ناهي ڏيءَ.“ شويا حسرت وچان چيو.

ٺيڪ ان وقت جڏهن شوپا خلا ۾ نهاري رهي هئي ۽ رتنا جي پني جهنگلي جي پاسي هئي، اهي ٻئي ڪارن چوغن وارا سپاهي، ڪاڻيءَ جي جهنگلي جي ويجهو نمودار ٿيا، انهن مايوس نگاهن سان لاليءَ جي طرف نهاريو، لاليءَ افسوس وچان آهستگيءَ سان پنهنجا ڪلها لوڏايا، انهن ٻنهي سپاهين هن کي وچ ۾ ڪيو، اڳيان اڳيان پهريون سپاهي، پوءِ لالي، ۽ آخر ۾ ٻيو سپاهي... هلندي هلندي اهي ٽئي ڄڻا گهر جي سامهون ئي غائب ٿي ويا.

رتنا پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏسندي پڇيو: ”امان ڇا ٿي سوچين؟“

شوپا ڇرڪ پريندي چيو: ”هان!“ پوءِ پاڻ سنڀالي چوڻ لڳي: ”ڪجهه نه ڌيءَ، ڪجهه نه ٿيو آ...“

”امان تون مون کي ٻڌائين ڇو نه ٿي؟“

”ٻڌائڻ لاءِ هاڻي ڇاهي منهنجي ڌيءَ...“ شوپا ٿڪل لهجي ۾ چيو، ”بس اڄ ايترو ٿيو جو جڏهن اسان ماني پئي کاڌي ته هڪڙو پينو فقير آيو ۽ هن گذريل زماني جون ڳالهيون ڪيون ۽ مون کي تنهنجو پيا ياد اچي ويو.“

”منهنجو پيا...!؟“

”ها! منهنجو لالي!“

رتنا خاموشيءَ سان ماني کائڻ لڳي، شوپا خلا ۾ نهارڻ لڳي، هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، اوچتو رتنا پڇيس:

”امان هڪڙي ڳالهه ته ٻڌاءِ، ڇا ائين ممڪن آهي ته ڪوئي اسان کي ماري ۽ ٿورو به ايذاءُ نه اچي، ايتري زور سان هٿ هڻي ۽ ٿورو به سور نه ٿئي، ڪڏهن ائين ٿيو آهي؟“

شوپا ڏکندڙ لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”ها ڌيءَ مون سان ائين ٿي چڪو آ...“

رتنا وري به حيرت وچان چيو: ”پر امان ائين ڪيئن ممڪن اهي ته ڪوئي زور سان ماري، ايتري زور سان، سختيءَ سان.... غصي سان هٿ هڻين ۽ ٿورو به ڏک نه لڳي ... ڪٿي سور نه ٿئي...“

”ائين ممڪن آهي منهنجي ڌيءَ.“ شوپا وڏي ڪوشش ڪئي ته هوءِ عام سنجيدگيءَ واري انداز ۾ گفتگو ڪري، پر ڳوڙها هن جي اکين ۾ ... ڳلي ۾ لهي آيا....

”ائين ممڪن آهي منهنجي ڌيءَ ته ڪوئي زور سان ماري، ڏک هڻي ... ڏک هڻي ... وري ماري ۽ وري سور به ڪٿي نه ٿئي....“ ائين چوندي هوءَ پنهنجي دل جي اندر

سانديل غم برداشت ڪري نہ سگهي، ۽ بي وس ٿي ميز تي مٿو ٽيڪي ۽ هيانءُ ڦاڙي روئڻ لڳي....

دور خلائن ۾ ويندي، پهرين سپاهيءَ مايوس نگاهن سان لاليءَ جي طرف نهاري چيو:

”هي تو ڇا ڪيو، وري اها ئي حرڪت..!“

”ڇا ڪيان...؟ لالي بي وس لهجي ۾ جواب ڏنو، ”مان ماٺهو آهيان جهڪي نہ ٿو سگهان.“